# مفصل سنڌي لغت

## جلد پھريون (الف)

سرپرست ۽ نگران اعليٰ

**سرفراز راڄڙ**

چيف ايڊيٽر

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ

حيدرآباد_ 2015

# مفصل سنڌي لغت

## جلد پهريون
## (الف)

سرپرست ۽ نگران اعليٰ

**سرفراز راڄڙ**

چيف ايڊيٽر

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

ايڊيٽر

**تاج جويو**

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي
حيدرآباد، سنڌ
2015ع

# مفصل سنڌي لغت

جلد پهريون
(الف)

سرپرست ۽ نگران اعليٰ

**سرفراز راڄڙ**

**چيف ايڊيٽر**

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

**ايڊيٽر**

**تاج جويو**


**ايڊيٽوريل بورڊ**

※ ڊاڪٽر غلام علي الانا ※ ڊاڪٽر آفتاب ابڙو
※ نور احمد جنجهي ※ اختر درگاهي

**سنڌي ڊڪشنري بورڊ جو تحقيقي عملو**

※ سيد شير شاهه (لغت ساز) ※ حافظ غلام سرور برڙو (ريسرچ آفيسر)
※ ضراب حيدر (ريسرچ اسسٽنٽ) ※ عامر سيال (ريسرچ اسسٽنٽ)
※ هيمون ڪالاڻي (ريسرچ اسسٽنٽ) ※ عبدالله 'ناصر' قاضي (ريسرچ اسسٽنٽ)
※ محمد بخش ٽيپو



سنڌي لئنگئيج اٿارٽي
حيدرآباد، سنڌ
2015ع

# ارپنا

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ،
پرمانند ميوارام،
اي -ٽي شاهاڻي
۽
پروفيسر سترامداس 'سائل'
جي نالي

# اداري پاران

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي پنهنجي قيام کان وٺي، سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ ترويج لاءِ ڪم ڪندي پئي آهي. اُن ۾ ٻوليءَ بابت مختلف تحقيقي رٿائون، پروگرام، سيمينار، ورڪشاپ ۽ خاص طور انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا ۽ مفصل سنڌي لغت جي تياري شامل آهن. سنڌي ٻوليءَ جي مختلف مضمونن تي ڪتابن کان سواءِ ڊڪشنرين جي اشاعت جي حوالي سان ڪافي ڪم ٿي رهيو آهي، اٿارٽي نه صرف قديم ۽ آڳاٽيون لغتون جهڙوڪ آخوند عبدالرحيم 'وفا' عباسيءَ جي تيار ڪيل 'جواهر اللغات سنڌي اڪيچار' ۽ مرزا قليچ بيگ جي 'لغات لطيفي' کان سواءِ جديد دؤر ۾ تيار ڪيل ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جي 'نئين جامع سنڌي لغات' (ٽي جلد)، 'هڪ جُلدي جامع سنڌي لغات' ۽ شاهه جي رسالي جي لغت 'روشني' ڇپائي پڌريون ڪيون آهن. اُن کان سواءِ مختلف موضوعن ۽ فني علمن جون لغتون مثلاً: هندي- سنڌي لغت، پرنٽ ٽيڪنالاجيءَ جي لغت، قانون جي لغت، ٻارن لاءِ باتصوير انگريزي سنڌي لُغت، تعميرات جي لغت، بين الاقوامي تعلقات جي لغت، بينڪاري ۽ تجارت جي لغت، ميڊيڪل ڊڪشنريون، جارج اسٽئڪ جي سنڌي- انگريزي ۽ انگريزي- سنڌي ڊڪشنري، ڪلاسيڪي شاعرن جون لغتون وغيره شامل آهن، جيڪي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران هن وقت تائين شايع ٿي، سنڌ ۾ مڃتا ماڻي چُڪيون آهن.

لُغتن جي اشاعت جي سلسلي کي اڳتي وڌائيندي، اٿارٽيءَ جي بورڊ آف گورنرس آڏو هڪ رٿ پيش ڪئي وئي ته سنڌي ٻوليءَ جي هڪ 'مفصل سنڌي لغت' شايع ٿيڻ گهرجي، جيڪا ڏهن کان ويهن جلدن تائين ٿي سگهي ٿي. ڇاڪاڻ ته هن وقت تائين سنڌي ٻوليءَ ۾ مختلف ادارن پاران مختلف موضوعن تي ڪيتريون ئي لغتون ڇپجي چڪيون آهن ۽ ڪيترن ڪلاسيڪي شاعرن ۽ جديد شاعرن جا ڪتاب پڻ ڇپجي چڪا آهن ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترن ئي نون لفظن جو اضافو ٿي چُڪو آهي، ڪيترا نوان اصطلاح رائج ٿي چڪا آهن. بورڊ آف گورنرس طرفان اِها رٿ منظور ڪئي وئي. ان بعد فيصلو ٿيو ته اٿارٽي سنڌ حڪومت کان اسڪيم منظور ڪرائي فنڊ وٺي، پنهنجي نظرداريءَ ۾ "سنڌي ڊڪشنري بورڊ" قائم ڪري. ان فيصلي جي پوئواريءَ ۾ سنڌ حڪومت سان لکپڙهه ٿي، نتيجي ۾ فنڊ مهيا ٿيا ۽ ڪم شروع ٿيو.

’مفصل سنڌي لغت‘ جو هي ڇهريون جُلد، جيڪو ’الف-اڪر‘ تي مشتمل آهي، هن جلد جي تياريءَ جي سلسلي ۾ جناب ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب، ڊاڪٽر فهميده حسين صاحبه، ڊاڪٽر آفتاب ابڙي صاحب، نور احمد جنجهي صاحب ۽ اختر درگاهي صاحب مجموعي طور ايڊيٽنگ جو ڪم احسن طريقي سان پورو ڪيو، جنهن لاءِ آءٌ سمورن صاحبن جو نهايت ٿورائتو آهيان. گڏوگڏ آءٌ ’سنڌي ڊڪشنري بورڊ‘ جي پراجيڪٽ ڊائريڪٽر ۽ ايڊيٽر تاج جويي، سنڌي ڊڪشنري بورڊ جي ماهرن پروفيسر سيد شير شاهه، حافظ غلام سرور برڙي ۽ ٻانهن ٻيلي نوجوان اديبن: ضراب حيدر، عامر سيال، هيمون ڪالاڻي، محمد بخش ٽيٻي ۽ ڪمپيوٽر آپريٽرن ناصر قاضي، فهد رحمان لغاري ۽ راز محمد لغاريءَ کي بہ جس ڏيان ٿو، جن هن جلد کي مڪمل ڪرڻ ۾ پنهنجون فني صلاحيتون ڪتب آنديون.

هن لغت جي ٻئي جلد تي پڻ ڪم جاري آهي ۽ اميد آهي تہ اهو جُلد بہ جَلد شايع ڪرايو ويندو. ان سان گڏ انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا ۽ ٻين ڪتابن تي پڻ تيزيءَ سان ڪم هلي رهيو آهي. ڪتابن جي سلسلي ۾ هاڻي اها ڪوشش ڪئي ويندي تہ اٿارٽيءَ طرفان اهي ڪتاب شايع ڪجن، جيڪي ٻوليءَ سان لاڳاپيل هجن ۽ اٿارٽيءَ جي دائري ڪار ۾ اچن.

3 سيپٽمبر 2015ع
حيدرآباد، سنڌ

**سرفراز راجڙ**
چيئرمئن
سنڌي لئنگئيج
اٿارٽي

# مهاڳ

لغت، جنهن کي انگريزيءَ ۾ 'ڊڪشنري' (Dictionary) چيو وڃي ٿو، ڪنهن بہ ٻوليءَ جي لفظي خزاني کي محفوظ ڪرڻ سان گڏوگڏ، لفظن جي معنائن، مفهومن، اچارن ۽ وياڪرڻي (Grammatical) حيثيت ڪانسواءِ انهن جي تاريخي لاڳاپي ۽ ذاتن جي نشاندهي ڪرڻ جو هڪ اهم وسيلو هوندي آهي. اهو هڪ قسم جو حوالا جاتي ڪم آهي، جنهن ۾ لفظ ۽ اصطلاح الف-ب وار ترتيب ۾ رکيا ويندا آهن.

2300 ق.م ۾ اڪاد جي سلطنت ۾ سڀ کان پهرين سميري-اڪادي ٻولين جا هم معنيٰ لفظ مهرن تي ملن ٿا. هنن مهرن تي 'ميخي خط' ۾ لفظن جون ڪي لڙيون ڏنل هيون، جن کي 'لغت جا ابتدائي اهڃاڻ' چئي سگهجي ٿو. چين ۾ وري ٽين صدي ق.م ۾ ساڳي ٻوليءَ جي 'هم معنيٰ لفظن جي هڪ لغت' ملي ٿي، جڏهن تہ يونان ۾ چوٿين صدي ق.م ۾ هومر جي لکڻين ۽ ٻين ادبي تخليقن ۾ استعمال ٿيندڙ مختلف مڪاني لهجن جي ڏکين لفظن جي معنائن تي مشتمل هڪ 'ڊڪشنريءَ' جو بہ تاريخ ۾ ذڪر اچي ٿو.

پهرين باقاعدي ڊڪشنري، 'اپالو نيس دي سافسٽ' (Apollonius the sophist) جي آهي، جنهن ۾ هن باقاعدي هومر جي تخليقن ۾ ڪتب آندل لفظن جون معنائون لکيون. اها ڊڪشنري محفوظ صورت ۾ موجود آهي. عربي زبان ۾ اٺين ۽ چوڏهين صدي عيسويءَ ۾ لغتون نهيون، جن ۾ لفظ، الف-ب وار ترتيب ۾ رکيل هئا. بعد ۾ قرآن شريف ۽ حديثن جون عمومي لغتون بہ جوڙيون ويون. ننڍي کنڊ ۾ سڀ کان پهرين ڊڪشنري 'امرڪوش' چوٿين صدي عيسويءَ ۾ 'امر سنها' نالي هڪ ودوان جوڙي، جنهن لاءِ چون ٿا تہ اها منظوم هئي، جنهن ۾ ڏهہ هزار لفظ هئا. هندستان ۾ 1320ع ۾ جڙيل هڪ لغت کي امير خسرو سان منسوب ڪيو وڃي ٿو سا آهي، 'خلق باري'. جيڪا 'هندوي-فارسي لغت' آهي، پر اُن بابت اردو دان محققن ۾ اختلاف آهن تہ ان جو اصل خالق امير خسرو هو يا ڪو ٻيو. اها تصديق نہ ٿي سگهي آهي. اردوءَ وارا هندوي، هندستاني ۽ هندي وغيره جي نالن ۾ ديوناگري، يا گجراتي رسم الخط ۾ جوڙيل لغتن کي بہ اردو لغت جي تاريخ ۾ آڻين ٿا، جڏهن تہ باقاعدي 'اردو' جي نالي سان وڌيڪ مشهور لغت، 1884ع ۾ 'جان ٽي پليٽس' جي (A Dictionary of Classical Urdu and Hindi to English) آهي.

انگريزي ٻوليءَ ۾ پهرين الف-ب وار ڊڪشنري، هڪ اسڪولي استاد، 'رابرٽ ڪاڊري' (Robert Cawdry) 1604ع ۾ ٺاهي، جيڪا موجود آهي، پر تاريخ ۾ 1755ع ۾ پهرين باقاعدي لغت 'ڊاڪٽر سيميوئل جانسن' جي مڃي وڃي ٿي، ان کانپوءِ 1884ع کان 'آڪسفورڊ' ۽ پوءِ 'ڪيمبرج' يونيورسٽين جي اشاعتي ادارن پاران انهيءَ ڪم کي باقاعدي سلسليوار هلايو ويو ۽ ٿوري ٿوري وقفي سان انهن ۾ سڌارا ۽ واڌارا آڻي نوان ايڊيشن

آٽيندا رهيا آهن. اهڙين ٻين لغتن ۾ 'چيمبرس'، 'ڪولنس' ۽ 'ڪوليئرس' وارن جون ڊڪشنريون پڻ مشهور آهن. انهن سڀني لغتن ۾ انگريزي ٻوليءَ جو بنيادي لفظي خزانو (vocabulary) تقريباً ساڳيو آهي، جنهن ۾ وقت بوقت اضافا ٿيندا رهن ٿا ۽ ڪيئي جلدن ۾ اهي ڊڪشنريون ڇپجن ٿيون. ائين ئي آمريڪا جي هڪ شخص جي جوڙيل 'ويبسٽر ڊڪشنري' پڻ هاڻ اداري جي صورت وٺي چڪي آهي.

ڊڪشنريون ٺاهڻ جا ٻه طريقا مروج رهيا آهن. هڪڙو اهو ته ڪو فرد انفرادي طور تي ڪا لغت ٺاهي، اها ان جي نالي سان ئي هلندي رهندي آهي. جيئن 'ويبسٽر' جو نالو آهي، پر ٻيو وري آهي سرڪاري يا غير سرڪاري ادارن طرفان قائم ڪيل ڪميٽين، ايڊيٽوريل بورڊن وغيره ذريعي لغتون لهرائڻ لاءِ فنڊ مهيا ڪري، استادن، اديبن ۽ عالمن جي نگرانيءَ ۾ رسرچرن ۽ فيلڊ ورڪرن کان مواد تيار ڪرائي ڇپرائڻ. ان صورت ۾ انهن لغتن جو ڪم ڪنهن هڪ فرد جو نه، پر اهڙي ڪنهن رٿا ۾ ڪم ڪندڙ سمورن ڪارڪنن جو هوندو آهي. جيئن ته ان ۾ سرڪاري يا غير سرڪاري اداري جي طرفان ڪارڪنن جي اجرت، ڪمپوزنگ، ڇپائي وغيره لاءِ فنڊ مهيا ڪيل هوندا آهن. ان ڪري انهن جا حق واسطا به ادارن جا هوندا آهن. سڄي دنيا ۾ اهو ئي طريقو رائج آهي. اهڙين تيار ڪيل لغتن کي وقت گذرڻ کانپوءِ اپٽوڊيٽ سمجهي، ادارن طرفان ڪنهن رٿا هيٺ ڪنهن ٻيءَ ٽيم کي هڪ ٻئي نگران جي سربراهيءَ ۾ ڪا نئين لغت جوڙڻ جو ڪم ڏنو ويندو آهي، جنهن ۾ اڳ موجود سمورين لغتن مان مواد کڻڻ کانسواءِ رهجي ويل لفظن ۽ اصطلاحن سان گڏ ٻوليءَ ۾ آيل نوان لفظ به شامل ڪيا ويندا آهن. سڄي دنيا ۾ اهو ئي طريقو رائج آهي.

شروعاتي زماني ۾ جن عالمن اديبن اڪيلي سر يا ڪنهن ٽيم جي سربراهه طور لغتون مرتب ڪيون، انهن مان ڪو به 'لغت سازيءَ جي علم' (Lexicology) يا 'لغت ٺاهڻ جي هنر' (Lexicography) جي سکيا ورتل نه هو. گهڻو ڪري ٻوليءَ جا استاد ۽ عالم ئي اهو ڪم ڪندا پئي رهيا آهن. سنڌي ۾ به اهڙو ڪو تربيت يافته 'لغتدان' ڪو نه ٿيو آهي. جديد دور ۾ اهو لسانيات جو هڪ اهم شعبو بڻجي ويو آهي ۽ وڏا وڏا ادارا، اهڙي علم ۽ هنر جي سکيا جو بندوبست ڪندا رهن ٿا.

سنڌي ٻوليءَ جي سڀ کان پهرين، جيڪا باقاعدي لغت ڇپيل هئي، اها هئي ڪيپٽن جارج اسٽئيڪ جي 'انگريزي-سنڌي ڊڪشنري'، جيڪا 1849ع ۾ ڇپيل هئي. ان کانپوءِ پاڻ وري 'سنڌي-انگريزي ڊڪشنري' تيار ڪيائين، جيڪا سن 1855ع ۾ ڇپي. هنن ٻنهي لغتن ۾ سنڌي لفظ 'ديوناگري لپيءَ' ۾ لکيل هئا. [اهي ٻئي لغتون هاڻي موجوده سنڌي لپيءَ ۾ تبديل ڪري اٿارٽيءَ پاران 2011ع ۾ ڇاپيون ويون آهن.] انهن کي ڏسڻ کانپوءِ چئي سگهجي ٿو ته سنڌ ۾ لغتن تي ڪم ڪندڙ ديوناگري ڄاڻندڙ رسرچرن انهن مان گهڻو استفادو ڪيو آهي ۽ جڳو خاصو 'لفظي خزانو' (Vocabulary) انهن مان حاصل ڪيو آهي، انهيءَ ساڳئي دور ۾ سنڌ جي هڪ عالم آخوند عبدالرحيم 'وفا' عباسيءَ جي تيار ڪيل لغت 'جواهر اللغات اڪيچار' جي قلمي نسخي مان به گهڻن لاڀ ورتو جيڪا 'سنڌي- فارسي لغت' هئي، [اها لغت بعد ۾ 'سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ' پاران 1993ع ۾ ڇپجي چڪي آهي.] 1886ع ۾ 'جهمٽمل ناروٽل وسناڻيءَ' جي جوڙيل 'وٿيتي ڪوش' ۾ سنسڪرت جي بنياد وارا لفظ ڏنا ويا. تنهن

ڪانپوءِ 1879ع ۾ مرزا صادق عليءَ، جارج شرٽ ۽ اُڌارام گدڻجي هڪ 'سنڌي-انگريزي ڊڪشنري' جوڙي، جنهن ۾ هنن 'عربي- سنڌي لپي' ڪم آندي. جيئن جيئن تعليم عام ٿيندي وئي، انگريزيءَ جو واهپو وڌندو ويو سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب ڇپجڻ جو عمل به وڌيو تيئن تيئن 'سنڌيءَ کان انگريزي' ۽ 'انگريزيءَ کان سنڌي' ڊڪشنرين جي ضرورت وڌندي وئي.

اهڙيءَ ريت 'ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ' طرفان 1866ع ۾ شاهه جو رسالو ڇپجڻ ڪانپوءِ، شاهه جي ٻولي کي سمجهڻ جي ضرورت پيش آئي ته 1907ع ۾ پيرومل 'غريب اللغات' نالي لغت [ٽن سُرن تي مشتمل] جوڙي، پرمانند ميوارام جون لغتون ڊڪشنريون 'سنڌي – انگريزي'، 'انگريزي – سنڌي' 1910 ۽ 1933ع ۾ شايع ٿيون. 1914ع ۾ مرزا قليچ بيگ 'لغات لطيفي' شايع ڪرائي. سندس 'لغات قديمي' 1924ع ۾ منظر عام تي آئي، اهي پئي لغتون سنڌ ۾گهڻي وقت تائين ضرورت پوري ڪنديون رهيون.

1940ع ۾ [سائين جي. ايم. سيد جي وزير تعليم هئڻ واري دور ۾] 'سنڌي ساهتيه مرڪزي سرڪاري بورڊ' جي طرفان عالمن جي هڪ لغت ڪاميٽي جوڙي وئي، جنهن سنڌيءَ ۾ هڪ 'جامع لغت' جوڙڻ جي ڪم جي باقاعدي شروعات ڪئي. هن ڪميٽيءَ 'الف-ب-ٻ ۽ ڀ' جي چئن اکرن وارن لفظن تي مشتمل هڪ لغت جو مسودو تيار ڪري ورتو، جنهن ۾ چند هزار لفظ شامل هئا.

1951ع ۾ 'سنڌي ساهتيه جي صلاحڪار بورڊ' کي 'سنڌي ادبي بورڊ' جو نالو ڏنو. سرڪار طرفان 'جامع سنڌي لغات' ناهڻ جي رٿا جوڙي وئي. ان وقت سنڌي ٻوليءَ جي اندر اڳ موجود ڇپيل ڊڪشنرين ۽ اڻ ڇپيل مسودن ۾ ڪيترائي لفظ گڏ ٿيل هئا. ٻه ٻوليائي لغتن مان 'ڪيپٽن اسٽئڪ' جي لغتن ۾ 16900 لفظ، اڌارام ۽ مرزا صادق علي بيگ جي لغتن ۾ 21450 لفظ، پرمانند ميوارام جي لغتن ۾ 25140 لفظ موجود هئا، جڏهن ته مرزا قليچ بيگ جي ٻن لغتن ۾ پڻ هزارين لفظ هئا. پيرومل مهر چند جي لغت يا قليچ بيگ جي تيار ڪيل ٻن لغتن ۾ پڻ هزارين لفظ معنائن سان هئا. آخوند عباسيءَ جي 'جواهر اللغات' جي قلمي مسودي ۽ مولوي علي محمد مهيريءَ جي [قلمي] لغت ۾ به هزارين لفظ اڳئي موجود هئا. ان سان گڏوگڏ سنڌ جي مدرسن جا طالب علم عربي ۽ فارسي ٻولين جون لغتون استعمال ڪندڙ هئا. جن مان ڪيترائي لفظ سنڌيءَ ۾ عام مروج ٿي چڪا هئا. انهن جو وڏو ذخيرو انهن ٻولين جي لغتن ۾ موجود هو. سنڌ جا هندو عالم ۽ ودوان 'سنسڪرت' مان 'تتسم' ۽ 'تدڀوءَ' تحت سنڌيءَ ۾ آيل لفظن بابت 'وئتپتي ڪوش' جهڙا ڪتاب آڻي چڪا هئا. سنڌي ٻوليءَ جي ان سموري لفظي ذخيري جي موجودگيءَ جي باوجود، ضرورت ان ڳالهه جي هئي ته انهن لفظن جي هڪ هنڌ سهيڙ ۽ ترتيب ڪجي ۽ ڪا باقاعدي لغت تيار ڪجي، ان مقصد لاءِ 'سنڌي ادبي بورڊ' 1951ع ۾ هڪ باقاعدي ٽن سالن جي رٿا 'جامع سنڌي لغات' نالي سان شروع ڪرڻ جو ارادو ڪيو ۽ اهڙي آچ محترم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ کي ڪئي وئي. ڊسمبر 1951ع ۾ علامه آءِ. آءِ. قاضي صاحب سنڌ يونيورسٽيءَ جي اولڊ ڪئمپس ۾ 'ڊڪشنري آفيس' قائم ڪرڻ لاءِ هڪ ڪمرو ڏنو. لغت جو خاڪو جوڙيو ويو ۽ جنوري 1952ع ۾ ان آفيس ۾ باقاعدي ڪم جي شروعات ڪئي وئي. ڊاڪٽر صاحب جي سربراهيءَ ۾ هڪ اهڙي ٽيم جوڙي

وٺي، جنهن کي ڪم ورهائي ڏنو ويو. مختلف وقتن تي هينئن ڪارڪن ان ٽيم جو حصو رهيا: محترم ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو محترم اسماعيل شيخ، محترم ولي محمد طاهر زادو محترم محمد بخش واصف، محترم محمد يعقوب 'نياز' ميمڻ، سيد سردار علي شاهه 'ذاڪر'، رشيد احمد لاشاري، ڊاڪٽر غلام علي الانا، محترم ممتاز مرزا وغيره. ان ڪانسواءِ مقامي بولين يا لهجن جا لفظ ۽ اصطلاح پڻ ڪيترن ئي استادن ۽ عالمن گڏ ڪري موڪليا. صالح محمد سمي ۽ محمد عرس سمي 'لس ٻيلي' ۽ 'ڪوهستان' جا، محمد طالب لوهار ۽ مقبول احمد بلوچ 'لاڙ' جا، پمي مل ۽ رائچند 'ٿر' جا، عطا محمد حاميءَ، محمد عالم عباسيءَ ۽ عبدالرزاق ميمڻ 'اتر' جا لفظي ذخيرا ۽ اصطلاح موڪليا، جن کي پڻ ڪارڪنن سوڌي سنواري لغت ۾ شامل ڪيو. اهي سمورا ڪارڪن سنڌي ٻوليءَ جا تجربيڪار استاد، اديب ۽ عالم هئا.

انهن عالمن ۽ محققن نه صرف مٿي ذڪر ڪيل اڳ موجود لغتن مان لفظ هڪ هنڌ گڏ ڪيا، بلڪ ڪيترن ئي ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل قلمي ڪتابن مان پڻ لفظ هٿ ڪيا، جن ۾ شاهه لطيف ۽ ٻين ڪلاسيڪي شاعرن جا رسالا به شامل هئا. هندستان مان لالا هاسانند جي تيار ڪيل لغت مان تارا چند گاجرا لفظن جو وڏو انگ اُتاري موڪليو.

سنڌ جي هر ضلعي مان شهرن، ٻهراڙين ۽ ڳوٺن مان مقامي ڪارڪنن ذريعي مختلف ڏڻن ڏهاڙن، پيشن، ڪِرتن، رسمن ۽ رواجن سان لاڳاپيل هزارين لفظ ۽ اصطلاح گڏ ڪري موڪليا ويندا هئا. اهو سڄو مواد ڊڪشنري آفيس ۾ گڏ ٿيندو هو. اُتي موجود عالمن اديبن ۽ استادن طرفان ان مواد جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري، انهن جي ذاتن، اُچارن ۽ ويا ڪرڻي حيثيت جو تعين ڪري ۽ آخر ۾ الف-ب وار ترتيب وغيره ڪري لفظن جون لڙهيون ناهي، مواد محترم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ حوالي ڪيو ويندو هو جنهن وٽ ان جي تصديق، سوڌ سنوار ۽ ايڊيٽنگ جا مختلف مرحلا طي ٿيندا هئا. اهڙيءَ طرح سان 1952ع کان 1958ع تائين مختلف تڪليفن ۽ مشڪلاتن جي باوجود ڪم ڪڏهن رُڪجي ٿي ويو ته ڪڏهن وري ٻيهر جاري ٿي ٿيو ۽ 'جامع سنڌي لغات' جو پهريون جلد 1960ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. اُن جلد جي مواد جي نظر ثاني علامه ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي ڪئي ۽ محمد ابراهيم جويي اُن تي گهري نظر وڌي، پروف پڙهيا ۽ درستيون ڪيون. ٻين جلدن جي ڇپجڻ جا مرحلا 'سنڌي ادبي بورڊ' جي مختلف چيئرمنن جي نگرانيءَ هيٺ تيار ٿيندا رهيا. انهن جو سمورو خرچ سنڌ سرڪار جي ڏنل فنڊن مان 'سنڌي ادبي بورڊ' پنهنجي ذمي کنيو. ان ڪري پهرئين ڇاپي تي هي اکر لکيا ويا: "**تسمي و اهتمام: سنڌي ادبي بورڊ، زير نگراني: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ**" ان ڳالهه کي 55 سال گذري ويا. اهڙيءَ ريت 'جامع سنڌي لغات' جا پنج جلد 'سنڌي ادبي بورڊ' شايع ڪيا ۽ وقت به وقت اُن جا ايڊيشن پڌرا ٿيندا رهيا.

سال 2011ع ۾ 'سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ' جي 'بورڊ آف گورنرس' ان ڳالهه کي محسوس ڪيو ته پنجاهه سالن جي عرصي ۾ ٻين ٻولين ۾ نين نين لغتن جا لاتعداد ڪيترا جلد ۽ ايڊيشن ڇپجي مارڪيٽ ۾ اچي چڪا آهن. پر سنڌيءَ ۾ اها ئي هڪڙي اڪيلي لغت 'جامع سنڌي لغات' پئي هلي، جنهن ۾ به

ڪيترين ئي غلطيون رهجي ويون هيون. جو نہ اٿارٽي هڪ نئين لغت رٿا تي سوچي ۽ حڪومت کان اسڪيم منظور ڪرائي. سندن سامهون اردو لغت جا 22 جلد بہ هئا. جن تي الائجي ڪيترن سالن کان ڪم هلندڙ هو جيڪو نيٺ پورو ٿيو ۽ اهي جلد پڌرا ٿيا ۽ اردو لغت بورڊ جي ان وقت جي سربراهہ محترمہ فهميده رياض پاڻ اچي اِهو سڄو سيٽ اٿارٽيءَ کي سوکڙي طور پيش ڪيو هو.

رٿ سيني ميمبرن کي وڻي، منظور بہ ڪئي وئي. ائين 'سنڌي ڊڪشنري بورڊ' قائم ڪرڻ جي رٿ ٺاهي وئي، جنهن موجب پين لغتن سان گڏ 20 جلدن تي مشتمل هڪ نئين 'مفصل سنڌي لغت' جي اسڪيم ٺاهي، سنڌ سرڪار کي موڪلي وئي، ڪيترن ئي ماهرن سان مشورا ٿيا. اردو انگريزي، سنسڪرت، عربي ۽ فارسيءَ جي لغتن کانسواءِ، هند سنڌ ۾ ڇپيل ڪيترين ئي هڪ ٻوليائي يا ٻہ ٻوليائي سنڌي لغتون گڏ ڪيون ويون. مختلف قديم ۽ جديد هنرن، ڌنڌن، پيشن جون ۽ سائنس ۽ سوشل سائنس جي مضمونن جون توڙي ادب ۽ ڪلاسيڪي شاعرن جون لغتون گڏي ڇاليهارو لغتن مان لفظ گڏ ڪرڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو. مختلفن ضلعن جي ٻهراڙين ۽ شهرن مان بہ لفظ ڪٺا ڪيا ويا. جيڪو ڪم هلندڙ آهي ۽ هن لغت لاءِ بہ اهو ئي مروج طريقيڪار اختيار ڪيو ويو ۽ مختلف مرحلا طي ڪندي، اٿارٽيءَ ۾ 'سنڌي ڊڪشنري بورڊ' جو قيام عمل ۾ آندو ويو ۽ ڪارڪن ۽ ٻوليءَ جا ماهر استاد مقرر ڪيا ويا. معيار طور سنڌي ادبي بورڊ جي پنجن جلدن ۾ ڇپيل 'جامع سنڌي لغات' کي پڻ سامهون رکيو ويو پر محسوس ڪيوسين تہ هن وقت مروج فارميٽ مختلف آهي، موجوده لغت ۾ ڪيترا لفظ ڪٽل هئا، ڪيترين معنائون درست ڪو نہ هيون ۽ ڌاتن، اشتقاقن، ويا ڪرڻي ڦيرن ۽ اُچارن سميت هر ڳالهہ ۾ ان جو جائزو ورتو ويو ۽ لغت سازيءَ جي جديد اصولن موجب نئون ڪم شروع ڪيو ويو.

محترم ڊاڪٽر نبي بخش جي سربراهيءَ ۾ سندس سموري ٽيم جو ڪيل پورهيو بنيادي ۽ اهم آهي، جنهن جي ميٽا نہ ڪرڻ ڪفر برابر ٿيندو. پر جڏهن اسان وٽ پنهنجي ليکي ڪم شروع ٿيو تہ سڄي ڪم جي نوعيت ئي بدلجي وئي، سنڌي ٻولي هڪ وڏو درياهہ بلڪ سمنڊ آهي، جنهن جا لفظ هر سنڌيءَ جي سيني ۾ سانديل آهن ۽ هر ڪو انهن کي پنهنجو سمجهي ٿو انهن کي گڏ ڪرڻ، اڳ ۾ موجود سمورين لغتن مان لفظ ڪٽي سڌارا واڌارا ڪرڻ کانپوءِ وري مرحلو آيو انهن جي ڌاتن، اشتقاقن، اچارن جي تصديق ۽ سنوار- هن کان اڳ ۾ سمورين لغتن ۾ ويا ڪرڻ تي ٿيل ڪم ۽ هن 'مفصل سنڌي لغت' ۾ هڪڙو بنيادي فرق اهو آهي تہ فعلن جا قسم: متعدي لازمي، بالواسطہ مجهول ۽ معاون وغيره ڌار ڪيا ويا ۽ انهن جا مڪمل ڦيرا ڏنا ويا آهن ۽ 'زمان ٺاهڻ لاءِ فعلن جون بنيادي صورتون ڏئي سمجهايو ويو آهي تہ جيئن فعل جون سيئي صورتون لغت ۾ اچي وڃن' جيڪي اڳوڻين لغتن ۾ موجود ناهن.

سنڌي ٻوليءَ جي 'ٻڻ بنياد' بابت پڻ هاڻي نظريا بدلجي ويا آهن، اڳ ۾ هر لفظ کي عربي، فارسي يا سنسڪرت مان نڪتل ڄاڻائي، اهڙن ڌاتن سان ٽي ڳنڍيو ويو جن جي نہ ظاهري صورت ۽ نہ ئي ڪا معني ماڻٽيءَ واري مشابهت 'سنڌي لفظ' ۾ ٿي ملي ۽ اهي ماخذ ڏسي ائين ٿي لڳو جڻ تہ سنڌيءَ جو پنهنجو تہ ڪو لفظ ئي ڪونہ هو سمورا لفظ پين ٻولين مان آيل آهن. ان ڪري هن لغت ۾ جن ڌاتن جي تصديق ٿي سگهي يا جن جي

ڪا واضح هڪ جهڙائي بہ نظر آئي. انهن کي بہ ان ٻوليءَ مان نڪتل هئڻ طور نہ، پر هڪ امڪاني رشتي ڏانهن اشارو ڪرڻ لاءِ بنيادي لفظ ڏنگين ۾ ڏنو ويو آهي. پوءِ پلي ڪير اهو سمجهي تہ اهو لفظ سنڌيءَ مان سنسڪرت ۾ ويو يا سنسڪرت مان سنڌي ۾، پر آهن پاڻ ۾ مائٽ. پوءِ پلي تحقيق ثابت ڪري تہ ڪير ماءُ ڪير ڌيءَ! تنهن سان گڏ خاص خاص لفظ جيئن سنڌيءَ جي مختلف لهجن ۾ استعمال ٿيندا آهن. انهن کي بہ واضح ڪيو ويو آهي. جن ۾ 'س/ل' لاڙيءَ لاءِ، 'س/ ات' اُترادي‍ءَ لاءِ 'س/ڪوهہ' ڪوهستاني ۽ 'س/ٿ' ٿري وغيره لاءِ مخفف استعمال ڪيا ويا آهن. [مخففن جو وچور ڌار پڻ ڏنو ويو آهي] هن لغت جي تياريءَ ۾ جن لغتن تان استفادو ڪيو ويو آهي، انهن جي فهرست ۽ سندن مرتبن جي ميڃتا لاءِ تاج صاحب جو نوٽ موجود آهي. هن سموري ڪم لاءِ اسان جي بزرگ استادن: محترم سيد شبير شاهہ ۽ محترم حافظ غلام سرور ٻرڙو صاحب جي ٽيم ۾ شامل رسرچرن: ضراب حيدر عامر سيال ۽ هيمون ڪالاڻي تمام گهڻي محنت ڪئي آهي ۽ ان جي هر مرحلي تي محترم تاج جويي ۽ مون بار بار پڙهي انهيءَ ڪم جي تصحيح ڪئي ۽ لغت جي هڪ بنيادي ڪمپيوز ٿيل مسودي تيار ٿيڻ کانپوءِ، وقت بوقت اسان جي بورڊ آف گورنرس پاران مقرر ڪيل ايڊيٽرن جي ڪميٽيءَ کي اهو سمورو ڪم نظر مان ڪڍڻ لاءِ موڪليو ويو جن ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا. محترم آفتاب ابڙو محترم اختر درگاهيءَ ۽ محترم نوراحمد جنجهي شامل آهن. انهن ماهرن جي ڪيل محنت بہ تمام ساراهڻ جوڳي آهي، سندن تجويز ڪيل نُڪتن ۽ درستين کي جناب تاج جويي ۽ مون [اداري جي چيئرپرسن جي حيثيت ۾] گڏجي يڪجاءِ ڪري پنهنجي طرفان سهيڙ ۽ سوڌ سنوار ڪري، پيهر ڪمپوزنگ ڪندڙ محنتي ڪمپيوٽر آپريٽر ۽ ريسرچر ناصر قاضيءَ حوالي ڪيو ويو، جنهن تمام خبرداري سان ان جي درستي ڪئي.

اهڙيءَ طرح **'مفصل سنڌي لغت'** جو هي پهريون جلد 'آ- الف' جي داخلائن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ مکيہ لفظ (Head word) ۽ ان مان جڙيل ٻيا لفظ ۽ اصطلاح شامل آهن. جيڪي سڀ گڏي پنج سؤ کان وڌيڪ صفحا ٿين ٿا. اسان کي اميد آهي تہ اسان جو هي پيار پريو پورهيو، اسان جي سنڌي پاٺڪن، پيڙهن جي ضرورت پوري ڪندو ۽ پنهنجي مٺڙي ماءُ ٻوليءَ جي شاهوڪاريءَ جي اهڃاڻ، هيءَ **'مفصل سنڌي لغت'** قبول پوندي. ان کانپوءِ تمام جلد هن لغت کي آن لائين پڻ ڪيو ويندو.

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

5 مارچ 2015ع

# ايڊيٽر پاران

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي، ثقافت کاتي، حڪومت سنڌ معرفت منظور ڪرايل رٿا 'سنڌي ڊڪشنري بورڊ' جي، ڪوشش سان، **مفصل سنڌي لغت** جو پهريون جلد [آ – الف] مڪمل ڪري، اشاعت هيٺ آندو ويو آهي.

هن لغت جي تياريءَ جو تفصيل، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي اڳوڻي چيئرپرسن، ڊاڪٽر فهميده حسين پنهنجي لکيل مهاڳ ۾ ڏنو آهي.

هن لغت جي تياريءَ وقت نموني طور 'سنڌي ادبي بورڊ' جي 'جامع سنڌي لغات' جي پنجن جلدن کي سامهون ضرور رکيو ويو آهي، پر گذريل سوا ٻن سالن ۾ 'سنڌي ڊڪشنري بورڊ' جي محنتي تحقيقي ماهرن ۽ ريسرچ اسسٽنٽن جي محنت ۽ ايڊيٽوريل بورڊ جي اسڪالرن: سائين ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر آفتاب ابڙي، نور احمد جنجهي صاحب ۽ محترم اختر درگاهيءَ جي ماهرانه نظر ثانيءَ ڪانپوءِ، جيڪو مسودو تيار ٿيو ان تي مون پنهنجي 'طفلانه جاچ' ۽ ڊاڪٽر فهميده حسين پنهنجي 'عالمانه جاچ' آهر آخري نظر وجهي، اشاعت لاءِ پيش ڪيو آهي.

اچ چاهيان ٿو ته 'مفصل سنڌي لغت' جي هن جلد جي تياريءَ لاءِ جيڪي ماخذ [لغتون ۽ ڪتاب] مدد ۽ حوالي طور ڪم آندا ويا آهن، تن جي فهرست پڙهندڙن آڏو پيش ڪريان:

| | | |
|---|---|---|
| (01) جامع سنڌي لغات (پنج جلد) | زير نگراني: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | [1988ع_1960ع] |
| (02) جامع سنڌي لغات | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | [3 جلد: 2007ع_2004ع] |
| (03) وئيپتي ڪوش | جهمٽمل نارومل وسناڻي | [ پهريون ڇاپو: 1886ع] |
| (04) گل شڪر [پهاڪا] | ديوان ڪيولرام آڏواڻي | [1905ع] |
| (05) شاهه جو رسالو | مرتب: ڪلياڻ آڏواڻي | [1952ع] |
| (06) ڪلام گرهوڙي | مرتب: ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو | [1956ع] |
| (07) سچل سرمست جو سرائيڪي ڪلام | محمد صادق رانيپوري | [1959ع] |
| (08) اردو_ سنڌي لغت | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽<br>ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان | [پهريون ڇاپو: 1960ع] |
| (09) خليفي صاحب جو رسالو | مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | [1966ع] |

| | | |
|---|---|---|
| (38) روشني<br>[شاهہ جي رسالي جي لغت] | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | [پهريون ڇاپو: 2002ع] |
| (39) جتڪي ٻولي | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | [2003ع] |
| (40) ڪلاسيڪي شاعرن جي لغت | ڊاڪٽر فهميده حسين | [ڊسمبر 2004ع] |
| (41) سنڌي — براهوي لغت | ڊاڪٽر داد محمد 'خادم' بروهي | [2004ع] |
| (42) سوشيالاجيءَ جي لغت | پروفيسر ڊاڪٽر تنوير جوڻيجو | [2004ع] |
| (43) فرهنگ همايوني [3 جلد] | فقير عبدالغفور مفتون همايوني،<br>مرتب: نياز همايوني | [2004ع] |
| (44) ٻوليءَ سندا ٻول | شهيد سومرو | [2005ع] |
| (45) شاهہ جو رسالو | مرتب: ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ | [ٻيو ڇاپو: 2005ع] |
| (46) بحر العشق | رڪيل شاهہ جو رسالو | [2005ع] |
| (47) بحر العميق | چيزل شاهہ جو رسالو | [2005ع] |
| (48) سنڌي — سنڌي — انگريزي لغت | عبدالرشيد ميمڻ | [پهريون ڇاپو: 2006ع] |
| (49) آءٌ ڪانگا ڪر ڳالهہ<br>[دريا خان ڪنڌڙيءَ واري جو ڪلام] | مرتب: نياز همايوني | [ٻيو ڇاپو: 2006ع] |
| (50) شاهہ لطيف جي ٻوليءَ جو تحقيقي جائزو | ج. ع منگهاڻي | [2006ع] |
| (51) سنڌي ٻوليءَ جو درياهي لهجو | الهنواز رڪڻائي | [2007ع] |
| (52) هندي — سنڌي لغت | محمد پناهہ ڦرڙو | [پهريون ڇاپو: 2007ع] |
| (53) قانون جي لغت | خليل الرحمان شيخ | [2007ع] |
| (54) بيان العارفين و تنبيہ الغافلين | محمد رضا بن عبدالواسع<br>سنڌيڪار ۽ شارح، ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو | [2007ع] |
| (55) لاڙي ۽ ڪڇي [سنڌ جا ٻہ محاورا] | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | [2008ع] |
| (56) سنڌ جا فصل | ڊاڪٽر شمس الدين تنيو | [2008ع] |
| (57) ٻيلاين جا ٻول | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | [ٻيو ڇاپو: 2008ع] |
| (58) شاهہ جو گنج | مرتب: سگهڙ حاجي الهداد جنجهي | [2008ع] |
| (59) پنجابي — اردو لغت | تنوير بخاري | [2008ع] |
| (60) سائل ڪوش | سترامداس 'سائل' | [ٻيو ڇاپو: 2009ع] |
| (61) دفتري لغت | خالد آزاد ۽ خان محمد جروار | [2009ع] |
| (62) اردو — سنڌي لغت | عبدالستار بلوچ | [2009ع] |

| | | |
|---|---|---|
| (63) اکر اکر آرسي | عزيز کنگراڻي | [2009ع] |
| [استاد بخاريءَ جي شاعريءَ جي لغت] | | |
| (64) الف ـ ب وار شاهه جو رسالو ۽ ڏسڻي | عبدالغفار گوهر دائودپوٽو | [2009ع] |
| (65) سنڌي ٻوليءَ جو درست استعمال | مرتب: تاج جويو | [2009ع] |
| (66) شاهه جو رسالو | علامه غلام مصطفیٰ قاسمي | [ٻيو ڇاپو: 2009ع] |
| (67) 9 زباني لغت | پروفيسر عبدالعزيز مينگل | [2009ع] |
| (68) ٻارن لاءِ سنڌي — انگريزي باتصوير لغت | بشير احمد منگي | [2009ع] |
| (69) سنڌي پهاڪا | ڊاڪٽر روي پرڪاش ٽيڪچنداڻي | [2010ع] |
| [لساني، سماجي، ثقافتي اڀياس] | | |
| (70) تعميرات جي لغت | سيد حاڪم علي شاهه بخاري ۽ عثمان ميمڻ | [2010ع] |
| (71) هارپ جي لغت | سيد صالح محمد شاهه | [2010ع] |
| (72) ويجها ٿيا وصال ڪي (شاعري) | غلام محمد جنجهي | [2010ع] |
| (73) ميين شاهه عنات جو ڪلام | مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | [ٻيو ڇاپو: 2010ع] |
| (74) خليفي غلام نبيءَ جو ڪلام | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | [2010ع] |
| (75) جامع اللغات (22 جلد) | اردو لغت بورڊ، ڪراچي | [2010ع] |
| (76) ڊڪشنري [انگريزي — سنڌي] | جارج اسٽئڪ | [ٻيو ڇاپو: 2010ع] |
| (77) ڊڪشنري [انگريزي — سنڌي] | جارج اسٽئڪ | [ٻيو ڇاپو: 2011ع] |
| (78) اسٽئنڊرڊ ٽراءِ لنگئل ڊڪشنري | ڊاڪٽر ستيش روهڙا | [2011ع] |
| (79) ڪلام منٺار فقير | فقير محمد بخش 'ضامن' | [2011ع] |
| [رسالو خدائي، رسالو رهنمائي وغيره گڏيل] | | |
| (80) دادن فقير جو ڪلام | مرتب: اياز لاکير | [2011ع] |
| (81) بين الاقوامي تعلقات جي لغت | انعام شيخ | [2012ع] |
| (82) ديوان بيدل (نئين ترتيب) | مرتب: ڊاڪٽر نواز علي شوق | [2012ع] |
| (83) شاهه جو رسالو (3 جلد) | مرتب: ٻانهون خان شيخ | [2012ع] |
| (84) شاهه جو رسالو | مرتب: ڊاڪٽر هه. م. گربخشاڻي | [تازو ڇاپو:2012ع] |
| (85) ساميءَ جا سلوڪ (3 جلد) | بي. ايچ ناگراڻي ۽ عبدالڪريم سنديلو | [ٽيون ڇاپو:2015ع] |
| (86) هدايت علي نجفيءَ جو ڪلام | ڊاڪٽر نواز علي شوق | [2012ع] |
| (87) لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ | ڊاڪٽر غلام علي الانا | [2012ع] |
| (88) شاهه جو رسالو | مرتب: غلام محمد شاهواڻي | [تازو ڇاپو:2013ع] |
| (89) ديوان راشد | راشد مورائي | [2013ع] |

| | | |
|---|---|---|
| (90) شاهہ جو گنج | مرتب: محمد قاسم راهمون | [2013ع] |
| (91) سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | [2013ع] |
| (92) طبي لغات | حڪيم غلام رسول لاکو | [2014ع] |
| (93) نانڪ يوسف جو ڪلام | مرتب: تنوير عباسي | [ٻيو ڇاپو: 2014ع] |
| (94) شاهہ جو رسالو (10 جلد) | مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | [2014ع] |
| (95) ميڊيڪل ڊڪشنري [سنڌي ـ انگريزي] | ڊاڪٽر عاشق حسين بدوي | [2015ع] |
| (96) ميڊيڪل ڊڪشنري [انگريزي ـ سنڌي] | ڊاڪٽر عاشق حسين بدوي | [2015ع] |
| (97) جهانگير اللغات (فارسي – اردو) | | |
| (98) تحقيق لغات سنڌي | ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو | |

(99) Websler's New world Dictionary [1968]

(100) English – sindhi Dictionary [2003]

(101) Oxford English to Sindhi Dictionary [2012]

ـ مفصل سنڌي لغت ۾ الف – ب جي پٺيءَ جا اکر، 'جامع سنڌي لغات' واري ترتيب سان هن ريت رکيا ويا آهن.

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ا | ب | ٻ | ڀ | ت | ٿ | ٽ | ٺ |
| ث | پ | ج | ڄ | جھ | ڃ | چ | ڇ |
| ح | خ | د | ڌ | ڏ | ڊ | ڍ | ذ |
| ر | ڙ | ز | س | ش | ص | ض | ط |
| ظ | ع | غ | ف | ڦ | ق | ڪ | ک |
| گ | ڳ | گھ | ڱ | ل | م | ن | ڻ |
| و | ھ | ء | ي | | | | |

-پهرئين جلد ۾ عربي، اردو ۽ سنڌي لغت جي اصول موجب ابتدا ۾ 'آ' رکيو ويو آهي ۽ ان کانپوءِ 'ا' (الف) سان شروع ٿيندڙ لفظ ڏنا ويا آهن.

-هر بنيادي لفظ لاءِ (•) نشاني ڏني وئي آهي. لفظن جي وياڪرڻي جوڙجڪ 'جامع سنڌي لغات' کان وڌيڪ واضح ۽ جامع رکي وئي آهي، جنهن جو تفصيلي ذڪر ڊاڪٽر فهميده حسين جي مهاڳ ۾ ڏنل آهي. بنيادي لفظ کانپوءِ اُن مان نڪرندڙ/ٺهندڙ لفظن کي (ـ) نشانيءَ سان رکيو ويو آهي.

ـ لفظن جي وياڪرڻي صورت ظاهر ڪرڻ لاءِ هيٺينءَ ريت 'لفظي مخفف' ڏنا ويا آهن:

## **وياڪرڻي مخفف**

اسم تصغير (**ا – تصغير**)، اسم حاليہ (**ا – حاليہ**)، اسم خاص (**ا – خاص**)، اسم عام (**ا – عام**)، اسم فاعل (**اـ فاعل**)، اسم مصدر (**ا – مص**)، اسم مفعول (**ا – مفعول**)، حالت جري (**ح – ج**)، حالت فاعلي (**ح – ف**)، حالت مفعولي (**ح – م**)، حرف جر (**ح – جر**)، حرف جملو (**ح – جملو**)، حرف ندا (**ح – ندا**)، صفت (**صفت**)، فعل (**فعل**)، فعل لازمي (**فعل لازمي**)، فعل متعدي (**فعل متعدي**)، فعل متعدي بالواسطہ (**فعل متعدي بالواسطہ**)، فعل مجهول (**فعل مجهول**)، مذڪر (**مذ**)، مؤنث (**مث**)، واحد (**و**)، جمع (**ج**).

-'مفصل سنڌي لغت' ۾ مختلف ٻولين ۽ لهجن جون نشانيون هيٺينءَ ريت ظاهر ڪيون ويون آهن.

اترادي لهجو (**ات**)، اپڀرنس (**اپ**)، انگريزي (**انگ**)، براهوي/بروهڪي (**بر**)، بلوچي (**ب**)، ترڪي (**تر**)، ٿري (**ٿ**)، پراڪرت (**پرا**)، پشتو (**پش**)، پنجابي (**پنج**)، جتڪي لهجو (**جت**)، جپاني (**جپ**)، چيني (**چ**)، روسي/رشين (**رش**)، سرائيڪي (**سرا**)، سنڌي (**س**)، سنسڪرت (**سن**)، عربي (**ع**)، فارسي (**ف**)، قديم سنڌي (**ق ـ س**)، ڪڇي (**ڪ**)، ڪوهستاني لهجو (**ڪوهہ**)، گجراتي (**گ**)، لاڙي (**س.ل**)، لاسي (**لس**)، مارواڙي (**ما**)، هندڪو (**هہ**)، هندي (**هند**)، يوناني (**يو**)

'مفصل سنڌي لغت' جي تياريءَ لاءِ ماخذن جي تفصيل، وياڪرڻي مخففن ۽ ٻولين لاءِ اختيار ڪيل مخففن مان پڙهندڙ اندازو لڳائي سگهن ٿا تہ 'سنڌي ڊڪشنري بورڊ' جي ماهرن ۽ ايڊيٽوريل بورڊ جي ميمبرن ڪيتري محنت ڪئي آهي. هي سڀ مخفف ڪيترين گڏجاڻين بعد طئي ڪيا ويا آهن.

دنيا جي هر لغت ۾ هر سال واڌارا ۽ سڌارا ٿيندا رهن ٿا. اسان کي اڃا ايتريون اشاعتي سهولتون ميسر ناهن. پوءِ بہ وَس، وت ۽ جاڻ آهر، ٻهريون جلد مڪمل ڪري، پڙهندڙن جي اڳيان پيش ڪيو ويو آهي، اميد تہ مان لهڻندو.

آءٌ سمجهان ٿو تہ 'سنڌي ساهت جي صلاحڪار بورڊ' ۽ 'سنڌي ادبي بورڊ' آڏو 'سنڌي: سنڌي لغت' جو جيڪو نقشو سائين جي. ايم سيد، ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، ڄيٺمل پرسرام، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر هرومل سدا رنگاڻي، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي ۽ اڳتي هلي علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي جي تصورن موجب رهيو اسان ان ڏس ۾ حتي الامڪان پيش رفت ڪئي آهي ۽ اسان کي يقين آهي تہ سندن روح، اسان جي هن ڪوشش تي ضرور سرها ٿيا هوندا.

8 آگسٽ 2015ع

**تاج جويو**
پراجيڪٽ ڊائريڪٽر
سنڌي ڊڪشنري بورڊ

ـ **آبُ رَکَڻُ:** [اصطلاح] مان رکڻ، عزت رکڻ، پت رکڻ.

ـ **آب رسائي:** [اـ مذ] پاڻي پهچائڻ، پاڻيءَ جي رسائي، واٽر سپلاءِ.

ـ **آبِ رَوان:** [اـ مذ] وهندڙ پاڻي.

* **ڪپڙي** جو هڪ قسم، سنهي ململ جو هڪ قسم.

* [ف: آب= پاڻي + روان = وهندڙ پاڻي]

ـ **آبريزُ:** [اـ مذ] ڇٽڪار لاءِ ٿوهارو، ڏول، بالٽي.

* نيسارو ڪني پاڻيءَ جي ڪڏ.

ـ **آبِ زَر:** [اـ مذ] سون جو پاڻي (جيڪو نقاشي، چترڪاري ۽ ڪتابت جي ڪم اچي)، ملمعو.

* زعفران.

* [ف: آب= پاڻي + زر= سون جو پاڻي]

ـ **آبِ زَم زَم:** [اـ خاص ـ مذ] زم زم کوھ جو پاڻي (زم زم کوھ بابت روايت آهي ته بيبي هاجره حضرت اسماعيل عليہ السلام جي ولادت کان پوءِ اڃ سبب پاڻيءَ جي تلاش ۾ 'صفا' ۽ 'مروه' جبلن جي وچ ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙي هئي. خدا جو شان، جو جتي حضرت اسماعيل ستو پيو هو اتي سندس پيرن جي کڙڻ سبب پاڻي نڪري آيو جڏهن پاڻي وهي هلڻ لڳو تڏهن بيبي صاحبہ مٽيءَ جو بنڊو ڏيئي چيو 'زم زم' معنيٰ 'ٺر ٺر' يا 'بيھ بيھ'. جيئن ته هي حضرت اسماعيل عليہ السلام جو هڪ معجزو هو ۽ خانہ ڪعبہ ۾ اڄ به اهو پاڻي استعمال ٿئي ٿو تنهنڪري مسلمان ان پاڻيءَ جي وڏي عزت ڪندا آهن ۽ حاجي سڳورا پنهنجي ملڪ ۾ تبرڪ طور آڻيندا آهن. هڪ حديث موجب، هي پاڻي مرضن واسطي آب شفا آهي).

ـ **آب زن (آب شنگ):** [اـ مذ] وڏو ٿانءُ، ٽب (جنهن ۾ دوائن جو جوش ڏئل يا ڪاڙهيل/تهڪايل/ڇڪايل پاڻي ڀري مريض کي ان ۾ ويهارجي، حڪيمن جو اصطلاح).

ـ **آبِ سَبيل:** [اـ مذ] سبيل جو پاڻي، خدا ڪارڻ خيرات جو پاڻي (رستي تي مسافرن لاءِ رکيل).

* [ف: آب= پاڻي + سبيل = خيرات جو پاڻي]

ـ **آبِ سُرخ:** [اـ مذ] ڳاڙهو پاڻي، شراب.

* [ف: آب= پاڻي + سرخ= ڳاڙهو پاڻي]

ـ **آبِ سياهُ:** [اـ مذ] ڪارو پاڻي يا موتيو اکين جي بيماري.

* اونهو پاڻي (جيڪو ٿڌي ۾ ڪارائڻ مائل ڏسبو آهي).

* نزلي جو پاڻي (جيڪو اکين ۾ پيدا ٿئي ۽ نظر لاءِ نقصانڪار هجي)

* [ف: آب= پاڻي + سياه = ڪارو پاڻي]

ـ **آبشارُ ج آبشارَ:** [اـ مذ] جهرڻي مٿانهين هنڌ تان ڪرندڙ قدرتي پاڻي، زور ۽ وڏي آواز سان (جبل تان) هيٺ ڪرندڙ پاڻي.

ـ **آبِ شرم:** [اـ مذ] ندامت جو پاڻي (جيڪو پشيماني يا شرمساريءَ کان اچي).

* [ف: آب= پاڻي + شرم = ندامت]

ـ **آبُ شُمارُ:** [اـ مذ] پاڻيءَ جي ماپ ڏيکاريندڙ اوزار. (Water Gauge).

ـ **آبِ شَمشِير:** [اـ مذ] تلوار جي ڌار، تيزي يا چمڪ.

* [ف: آب= پاڻي + شمشير = تلوار جي ڌار]

ـ **آبشناسُ:** [اـ مذ] پاڻي سُڃاڻيندڙ، زمين مان پاڻي ڳولي ڪڍڻ جو ڄاڻو، ڪاري مٺي پاڻيءَ جي زمين کي سُڃاڻيندڙ، کوُنهارو، کوهاٽو (کوھ کوٽيندڙ).

* سامونڊي ويرن، لهرن ۽ طوفان جي اهڃاڻن کي سڃاڻندڙ، آزمودگار ملاح.

* [ف: آب= پاڻي + شناس = سڃاڻندڙ پاڻي سڃاڻندڙ]

ـ **آبِ شورُ:** [اـ مذ] ڪارو پاڻي، لوڻياٺو پاڻي، سامونڊي پاڻي.

* [ف: آب= پاڻي + شور = ڪارو پاڻي]

ـ **آبِ شيرين:** [اـ مذ] مٺو پاڻي، شربت، درياھ، کوھ يا ڪنهن شاخ جو پاڻي.

ـ **آبڪارُ ج آبڪارَ:** [اـ مذ] پاڻيءَ جو ڪم ڪندڙ، پاڻي ڀريندڙ، پکالي، پاڻي پيئاريندڙ.

* شراب فروش، شراب ڇڪائيندڙ ڪلال، ساقي.

* جواهر اُجاريندڙ، جوهري.

* آبڪاري کاتي جو ملازم.

ـ **آبڪاري:** [اـ مث] شراب ۽ ٻين نشيدار شين جي چوڪسي، شراب ڇڪائڻ ۽ وڪڻڻ جو ڌنڌو.

هڪ ٻي روايت موجب هن جي وات مان ڪنهن وقت باھ جا الا نڪرندا آهن. هيءَ ٻڪي زردشت ادب ۾ افسانوي ٻڪي آهي).

ـ **آتِش افروزي:** [ا ـ مث] باھ جو ڀڙڪاءُ. آتشبازي. شرارت.

ـ **آتِش اَفشان:** [صفت] باھ ڇنڊيندڙ. باھ اُڇليندڙ. ٻرندڙ جبل.

ـ **آتِش آندَازُ:** [صفت] باھ اوڳاڇيندڙ. چڻنگون ڇڏيندڙ. اڱار. باھ ٻاريندڙ (ماچيس جي تيلي).

ـ **آتِش اَنگيزُ:** [صفت] باھ ٻاريندڙ. باھ اُٿاريندڙ. فسادي. شرارتي

٭ شهوت اُٿاريندڙ دوا.

ـ **آتِش بارُ:** [صفت] باھ وسائيندڙ. آتشبازي يا توب هلائيندڙ. ڪو به جنگي هٿيار (پستول. بندوق. بم). ماچيس جي تيلي. ٺِڪاڪو وڄ سار

٭ قطبي خطي جي چمڪندڙ برف باري (جيڪا اکين کي ڀون ڪري).

ـ **آتِش بارِي:** [ا ـ مث] جنگ ۾ بندوقن يا توپن جو وسڪارو. گولاباري. بارود جو وسڪارو.

ـ **آتِش بازُ:** [صفت] ٺِڪاڪا يا آتشبازيءَ جو سامان ٺاهيندڙ. بندوق باز. باھ سان راند ڪندڙ.

ـ **آتِش بازِي:** [ا ـ مث] ٺِڪاڪا ٻارڻ. باھ جي راند. ڏارون سازن جو تماشو.

٭ [آتش = باھ + بازي = راند = باھ جي راند]

ـ **آتِش بانُ:** [صفت] باھ وارو. شيطان. جن. نفس اماره.

٭ [آتش = باھ + بان = وارو = باھ وارو]

٭ ڪيڙائو تارو.

٭ لوهي چلهه. منگل. ڪورو.

٭ اَڇارو يا ڇڇهري (جنهن تي سياري ۾ اُس وڃي).

٭ وهٽ (گهوڙو).

ـ **آتش بيان:** [صفت] شعله بيان. جوشيلو مقرر. تيز ڳالهائيندڙ.

ـ **آتِش پَرستُ:** [صفت] باھ جو پوڄاري. جوت پوڄاري. زردشتي مت جو پوئلڳ.

٭ گبر. طبيب. پتنگ.

ـ **آتِش پَرستِي:** [ا ـ مث] باھ جي پوڄا. اگني پوڄا.

ـ **آتِش جو پَرڪالو:** [صفت ـ مذ] باھ جي چڻنگ. شعلو.

٭ حَسين. خوبصورت.

٭ فتنه انگيز چالاڪ.

ـ **آتِش پيڪر:** [صفت] نوجوان ناري. محبوب (جنهن جو چهرو باھ جيان لال هجي)

٭ ناري مخلوق. جن. شيطان. ڀوت وغيره.

ـ **آتِش خاموش:** [ا ـ مث] اُها باھ جا اڃا ڀڙڪي نه هجي.

ـ **آتِش خانو ڄ آتِش خَانا:** [ا ـ مذ] باھ جي جاءِ. سياري ۾ باھ ٻارڻ جي چلهه. ٻٺي. انگيٺي. چلهو.

٭ [آتش = باھ + خانو = گهر]

٭ آتش پرستيءَ جي جاءِ.

٭ آتشڪدو. بارود خانو. پارسين جي عبادتگاھ (جتي باھ سدائين ٻرندي رهندي آهي)

ـ **آتِش خوار:** [صفت] باھ کائيندڙ. حرام جو کاڌو کائيندڙ. رشوتي. ظالم.

٭ [آتش = باھ + خوار = کائيندڙ = باھ کائيندڙ = حرام کائيندڙ]

٭ [ا ـ مذ] هميشه باھ ۾ رهندڙ يا باھ مان پيدا ٿيندڙ هڪ پکي. چڪور.

ـ **آتِش خيالُ:** [صفت] تخيل جو تکو. تيز فهم.

ـ **آتِش دَانُ:** [ا ـ مذ] باھ ٻارڻ يا باھ رکڻ جي جاءِ. ٻٺي. ڪُل. سگري.

ـ **آتِش دَست:** [صفت] چالاڪ. ڦُڙت. هوشيار.

٭ [آتش = باھ + دست = چالاڪ]

ـ **آتِش دَم:** [صفت] فصيح. بليغ.

ـ **آتِش رُخ:** [صفت] ڳاڙهي يا چمڪندڙ مُنهن وارو. خوبصورت. آتش روءِ. معشوق.

٭ [آتش = باھ + رخ = چهرو = خوبصورت]

ـ **آتِش رُوءِ:** [صفت] آتش رخ. باھ جي رنگ جهڙو سهڻو.

• **آزارُ ج آزارَ:** [اـ مذ] تڪليف، اهنج، اوکائي، ڏک، عذاب، مصيبت، ڏاکڙو ايذاءُ، سور، درد، جنجال، بکيڙو بيماري، روڳ، ڳاروٽي، جهوري.

* [ف: آزار]

*[صفت] تڪليف ڏيندڙ، آزاريندڙ، دل آزار وغيره.

ـ **آزار اٿارڻُ:** [اصطلاح] مصيبت پيدا ڪرڻ، آزار هارڻ.

ـ **آزار بڻجڻُ:** [اصطلاح] ڪنهن لاءِ ايذاءَ جو ڪارڻ بڻجڻ، آزار ٿيڻ، مصيبت ثابت ٿيڻ.

ـ **آزار هارڻُ:** [اصطلاح] تڪليف ڏيڻ، مصيبت پيدا ڪرڻ، ايذاءَ ڪرڻ.

ـ **آزار ٿيڻُ:** [اصطلاح] تڪليف ٿيڻ، سور ٿيڻ، درد ٿيڻ، جنجال ٿيڻ، رنج جو سبب بڻجڻ.

ـ **آزار پرائڻ:** [اصطلاح] تڪليف يا ڏک حاصل ڪرڻ، جنجال ۾ پوڻ، اهنج رسڻ.

ـ **آزار پکڙجڻ:** [اصطلاح] ڪنهن به بيماريءَ جو عام ٿيڻ، مصيبت ڦهلڻ.

ـ **آزار پکڙڻ:** [اصطلاح] مصيبت ڦهلڻ، ڪا وچڙندڙ بيماري وڌڻ، تڪليف عام ٿيڻ.

ـ **آزار پهچائڻ:** [اصطلاح] تڪليف رسائڻ، ڏک ڏيڻ، ايذائڻ، ستائڻ، هلاڪ ڪرڻ، ڪُڪ ڪرڻ.

ـ **آزار پهچڻ:** [اصطلاح] عذاب رسڻ، اهنج رسڻ، تڪليف پهچڻ، درد رسڻ.

ـ **آزار پيدا ڪرڻُ:** [اصطلاح] تڪليف پيدا ڪرڻ، مصيبت کڙي ڪرڻ، آزار هارڻ.

ـ **آزار ڏيڻ:** [اصطلاح] تڪليف ڏيڻ، ڏک رسائڻ، ايذاءُ پهچائڻ، اهنج ڏيڻ.

ـ **آزار رسائڻُ:** [اصطلاح] تڪليف پهچائڻ، ڏک ڏيڻ، ايذاءُ رسائڻ.

ـ **آزار رسڻ:** [اصطلاح] ايذاءُ يا اهنج پهچڻ، تڪليف پهچڻ.

ـ **آزار ڪرڻُ:** [اصطلاح] تڪليف ڏيڻ، ايذاءُ ڏيڻ، ڏکوئڻ، اهنجائڻ، آزار هارڻ.

ـ **آزار مچائڻُ:** [اصطلاح] آزار هارڻ، تڪيلف پيدا ڪرڻ.

ـ **آزار ۾ پوڻُ:** [اصطلاح] تڪليف ۾ پوڻ، مصيبت ۾ ڦاسڻ، جنجال ۾ پوڻ.

ـ **آزار ۾ وجهڻُ:** [اصطلاح] تڪليف ۾ وجهڻ، مصيبت يا جنجال ۾ وجهڻ.

ـ**آزارڻُ:** [مص – فعل متعدي] تڪليف ڏيڻ، رنجائڻ، ڏکوئڻ، زخمي ڪرڻ، گهايل ڪرڻ، بيمار ڪرڻ، هلاڪ ڪرڻ، ستائڻ، تنگ ڪرڻ.

* [ف: آزاريدن]

* [مص] آزارڻ

* [امر] آزارِ

* [مضارع] آزاريان (ج) آزاريون، آزارين (ج) آزاريو آزاري (ج) آزارين.

* [زمان حال ٺاهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا گڏبا آهن]

* [حال] آزاري ٿو (ج) آزارين ٿا

* [حال مٿ] آزاري ٿي (ج) آزارين ٿيون

* [ماضي] آزاريو (ج) آزاريا

* [ماضي مٿ] آزاري (ج) آزاريون

* [مستقبل] آزاريندو (ج) آزاريندا

* [مستقبل مٿ] آزاريندي (ج) آزاريندڀون

* [اسم مفعول] آزاريلُ

ـ **آزاري:** [صفت] تڪليف ڏيندڙ، آزاريندڙ، ڏکوئيندڙ

* بيمار

* ٽوٽي، ڪمر چور، جنجالي.

- آسانگو چڙهڻ، لاهڻ: [اصطلاح] آسرو پلڻ، اميد لاهڻ.
- آسانگي ارواح جي: [اصطلاح] جياپي جي آسري.

●آساوري: [ا – مث] هڪ راڳڻيءَ جو نالو، راڳ جي هڪ ٺاٺ جو نالو.

٭ [سن: آشاوتي]

٭ ميگهه ديوتا جي زال (جيڪا ملار ديوي به ڪوٺجي).

●آسائش ۽ آسائشون: [ا – مث] آرام، راحت، سک، آنند، فرحت، ساهي.

٭ [ف: آسايش]

- آسائش گاهه: [ا – مث] آرام وٺڻ جي جاءِ، آرام گاهه، ريسٽ هائوس.
- آسائش مند: [صفت] آسائش جو هيراڪ، آسائشي، آرام طلب.

● آسِتان: [ا_ مذ] آستانو جاءِ، هنڌ.

٭ [ف]

- آستان بوس: [صفت] چائنٺ چمندڙ، دروازي جي حاضريءَ جو شرف حاصل ڪندڙ، عقيدتمند.
- آستان بوسي: [ا – مث] دروازي جي حاضري، دربار ۾ پهچڻ.
- آستانه: [صفت _ مذ] آستانو چائنٺ، گهر رهڻ جي جاءِ.
- آستانو ۽ آستانا: [ا_ مذ] آستان، آستانو ٺڪاڻو.

٭ [سن_ ف]

● آستڪ: [صفت] ايشور جي هستيءَ ۾ وشواس رکندڙ_ ايشور وادي.

٭[سن]

●آستين ۽ آستينون: [ا _ مث] قميص، ڪوٽ، پهراڻ وغيره جي ٻانهن.

٭[ف]

- آستين جو نانگ: [اصطلاح] منافق، ظاهر ۾ دوست پر اندر ۾ دشمن.
- آستين چاڙهڻ: [اصطلاح] ٻانهون ڪنجڻ، ڪنهن ڪم لاءِ تيار ٿيڻ.

●آسٽريليا: [ا_ خاص] هڪ کنڊ جو نالو.

٭ دنيا جو وڏي ۾ وڏو ٻيٽ.

٭ هڪ ملڪ جو نالو

٭ [انگ: Australia]

●آس پاس: [ ظرف] چئني پاسي، چوطرف، چوڌاري، ارد گرد، چوگرد، نزديڪ، ويجهو.

- آس پاس وسڻ: [اصطلاح] اوڙي پاڙي ۾ رهڻ، ويجهو گهر ٺاهي رهڻ.
- آس پاس هئڻ: [اصطلاح] ويجهو هئڻ، نزديڪ هئڻ، چوڌاري هئڻ، چوطرف هئڻ.

● آسر: [ا– مذ] آس، اميد، آسرو، آڌار.

٭ [سن: آشا> آسر = اميد، آس]

اِنَ وڙانئي ڏڙجس آسر ڪلهِ ۾ لاهه' (شاهه)

- آسِرائِتُ: [صفت] مدد جي آسري ۾ رهندڙ، دلاسي ۾ رهندڙ، مدد وارو، ٽيڪ وارو.

● آسرپوٽائي ۽ آسرپوٽائيون: [صفت _ مث] اجائي آسري واري (ڳالهه)، اجائي، بي نتيجي.

- آسر پوٽائيون ڳالهيون ڪرڻ: [اصطلاح] اجايون بي نتيجي ڳالهيون ڪرڻ، بي نتيجي ۽ بي بنياد ڳالهيون ڪرڻ.
- آسر پوٽو ۽ آسر پوٽا: [صفت_ مذ] اميد جو اجايو ڀروسو ڏيندڙ، ٺلهن دلاسن وارو، ٻٽاڪي، ڪوڙو، چرب زبان.
- آسرپوٽا: [ا_ خاص] هڪ ذات جو نالو
- آسرنهه، آسرنهن: [ا_ خاص] لٺي جو هڪ قسم، آسري لٺي آسرنهن لٺي

● آسِرو ۽ آسِرا: [ا –مذ] آسرو، آڌار، ڀروسو، ٽيڪ، سهارو، ڏڍ، اميد، آس، دلاسو اعتماد، اجهو پناهه، وسيلو

ـ **آسمان جو تارو ھئڻ:** [اصطلاح] ناياب يا اڻ لڀ شيءِ ھئڻ.

ـ **آسمان ڏارڻ:** [اصطلاح] شور ۽ ھل ڪرڻ. ٻناڪون ھڻڻ.

ـ **آسمان ڏي ٿڪ اڇلائڻ:** [اصطلاح] پاڻ کان ڏاڍي سان ھٿ اٽڪائڻ يا سينو ساھڻ. پاڻ کان وڏي جي مخالفت ڪرڻ. ڪنھن چڱي ماڻھوءَ تي اجايو الزام رکڻ (جنھن مان پاڻ کي ئي نقصان ٿئي) نيڪ ماڻھوءَ سان خراب ھلت ھلڻ.

ـ **آسمان زمين جا قلابا ملائڻ:** [اصطلاح] ڪنھن ڳالھ يا ڪنھن جي تعريف ۾ حد کان وڌيڪ مبالغو ڪرڻ. ڳالھ ۾ وڌاءُ ڪرڻ. سرتوڙ ڪوشش ڪرڻ.

ـ **آسمان زمين جو فرق:** [اـ مذ] وڏو فرق. تمام گھڻو ڦير. ڏينھن رات جو فرق.

ـ **آسمان زمين ھڪ ٿيڻ:** [اصطلاح] ڪوشش جي انتھا تي وڃڻ. حد تي وڃڻ.

* انتھائي مخالفن جو پاڻ ۾ ھڪ ٿي وڃڻ.

ـ **آسمان زمين ھڪ ڪرڻ:** [اصطلاح] ڪنھن ڳالھ يا ڪم ۾ زيادتيءَ کان ڪم وٺڻ. حد کان زياده ڪوشش وٺڻ. ڏاڍي ڳولا ڪرڻ.

ـ **آسمان سان چوٽي گسڻ/ لڳڻ:** [اصطلاح] وڏي مرتبي تي ھجڻ. پاڻ کي سڀني کان مٿي سمجھڻ. فخر يا مغروري ڪرڻ.

ـ **آسمان سان ڪلھو ھڻڻ:** [اصطلاح] ڪنھن اعليٰ مرتبي واري سان برابريءَ جو دم ھڻڻ. وڏائي ڪرڻ. وت کان وڌو ڪم ڪرڻ.

ـ **آسمان سان ڳالھيون ڪرڻ:** [اصطلاح] نھايت بلند ھجڻ. تمام مٿي ھجڻ. مغرور ھجڻ.

'جبل آسمان سان ڳالھيون پيو ڪري' (لوڪ)

* سڪرات جو وقت اچڻ.

ـ **آسمان سان لائڻ:** [اصطلاح] حد کان وڌيڪ ساراھ ڪرڻ. وڌاءُ ڪرڻ. مبالغو ڪرڻ.

ـ **آسمان سر تي کڻڻ:** [اصطلاح] ممڻ مچائڻ. ھل ڪرڻ. شور مچائڻ. وڏو ھنگامو ڪرڻ.

ـ **آسمانُ ڦاٽي پوڻ:** [اصطلاح] تمام گھڻيون مصيبتون نازل ٿيڻ.

ـ **آسمان کي اگڙيون وجھڻ:** [اصطلاح] خدائي مصيبتن کي جھلڻ. پڌرا عيب لڪائڻ. اجائي ڪوشش ڪرڻ.

ـ **آسمان مان تارا لاھڻ:** [اصطلاح] نہ ٿيڻ جھڙو ڪم ڪرڻ. ناممڪن ڪم ڪرڻ. ڪنھن وڏيءَ ڳالھ ۾ ڪامياب ٿيڻ. عجيب ڪم ڪري ڏيکارڻ.

ـ **آسمان ۾ اکيون اٽڪائڻ:** [اصطلاح] خدا جي رحمت جو اميدوار ٿيڻ. سندس رحمت ڏانھن منتظر رھڻ. خدا تعاليٰ کي ياد ڪرڻ.

ـ **آسمان ۾ اگڙي ٽنگڻ:** [اصطلاح] مشڪل ڪم ڪرڻ. اتانھينءَ تي رسڻ. سخت چالاڪي ڪرڻ.

ـ **آسمان ۾ انگڙا وچڙائڻ:** [اصطلاح] اجائي ڪوشش وٺڻ. اجايو پاڻ پتوڙڻ. اڻ ٿيڻيون ڳالھيون ڪرڻ.

ـ **آسمان ۾ ترارين ھڻڻ:** [اصطلاح] اجايو ڪم ڪرڻ. بيسود ڪوشش ڪرڻ.

ـ **آسمان وريسمان:** آسمان ۽ نوڙي. اڪبر جو مکبر. اٽي جو گھوٻاٽو.

ـ **آسماني:** [صفت] آسمان جو. آسمان وارو. سماوي. آسمان جھڙو. آسماني رنگ.

* بھشتي.

* [اـ مذ] ھلڪو نيرو رنگ.

* [اـ مث] آتشبازيءَ جو ھڪ قسم. ھوائي.

ـ **آسماني آفت:** [اـ مث] آسماني مصيبت. خدائي قھر. ازغيبي مصيبت. اوچتي بلا.

ـ **آسِماني تِيرُ:** [اـ مذ] ڪرندڙ تارو.

* اجايو ڏکو، ٻتاڪ.

ـ **آسماني جوني:** [ا ـ مذ] پٿرن جا نالا جي جواهرات ۾ شامل آهن (آسماني رنگ، ياقوت، رزق نيلم، حجر يماني)

ـ **آسماني زبان:** [اـ مث] ملائڪن جي ٻولي، خدائي ٻولي.

ـ **آسماني ڪتاب:** [ا ـ مذ] آسماني ڪتاب، آسمان تان لٿل (آيل) مذهبي پاڪ ڪتاب (توريت، انجيل، زبور، قرآن پاڪ).

ـ **آسماني ڪڪرُ:** [اـ مذ] آسمان تان آيل رحمت، اَبر رحمت، خدا تعاليٰ جي (خاص) مهرباني، اوچتي مدد.

* [صفت ـ مذ] وڏيءَ سخاوت جو مالڪ، ڏاتار.

ـ **آسماني ڪلام:** [اـ مذ] خدائي ڪلام، الهام، آڪاس واڻي.

ـ **آسماني گيهو:** [ا ـ مذ] آسمان ۾ تارن جو پٽو، آڪاش گنگا، ڪهڪشان.

ـ **آسماني هجڻ:** [اصطلاح] عورت جو هٿ پير لهڻ جو وقت، ويم جي سورن وارو مرحلو.

● **آسن:** [ا ـ مذ] وڻ جو هڪ قسم (جنهن تي پٽ ڪيڙون پلجندو آهي).

* [سن: آشون]

● **آسندو ج آسندا:** [اـ مذ] وڻ جو هڪ قسم. آساندو.

● **آسنيل:** [اـ مث] سنڌ، پسارڪي وکر جو هڪ قسم، بهمڻ اچو.

● **آسنگُ ج آسنگَ:** [امذ] الفت، ويجهڙائي، سنگت، صحبت.

● **آسڻُ ج آسڻَ:** [اـ مذ] ويهڻ جي جاءِ، بيٺڪ، گدي، پاٿاري، ويهڪ، آستان، ماڳ، تڪيو، مڪان، فقيرائو تڪيو، اوتارو، آستانو.

* [پرا: (آسڻ) ـ سن: (آسن < آس = واهڻ) ـ مذ]

'سامي سفر هليا، آسڻ اجهائين' (شاهه)

* هندن ۾ ميت جي هڪ رسم (ٻاون ۾ مري ويل کي ٽانگ هٿائي، سڌو ويهاريو آهي ۽ پوءِ وڏيءَ چادر تي ويهاري ان جي مٿي وٽان پلاٺ کي گنڍيون ڏيئي ان حالت ۾ سماڌيءَ ۾ واريو ۽ دفن ڪيو آهي).

* ويهڻي، ويهڻ جو نمونو، ويهڪ، نشست، بيٺڪ

* دڪان

* پوڄا پاٺ لاءِ ويهڻ جي ٽپڙي يا ننڍو غاليچو

* وهٽ تي جمي ويهڻ جو ڍنگ، سواريءَ جو ڍنگ، هاٿيءَ تي پيلبان جي ويهڻ جي جاءِ

* جماع ڪرڻ جو هڪ نمونو (ڪوڪ شاسترن ۾ چتيهه 'آسڻ' ڏنل آهن).

* جوڳين جي عبادتي ورزش جو نمونو (اهي نمونا پنجن ڪان وڌي چوراسي ليکيا آهن، جن کي 'يوگ آسڻ' چئبو آهي)

* [س/ٿ] ڀيک، خيرات.

ـ **آسڻ اجوڙا:** [ا ـ مذ] ٻنا ڪنهن رٿ وارا، ٻي رٿائتا رهڻ وارا هنڌ ۽ ماڳ.

ـ **آسڻُ پڌرڻُ:** [اصطلاح] ويهڻ جو نمونو اختيار ڪرڻ، پوڄا يا جوڳ ۾ رهڻ، پنهنجي جاءِ تي پختو رهڻ (گهوڙي تي)، جمي ويهڻ.

ـ **آسڻُ جوڙڻُ:** [اصطلاح] پلٿي مارڻ، پلٿي هڻڻ، سنجوڳي حالت ۾ ويهڻ.

ـ **آسڻُ جمائڻُ:** [اصطلاح] بيٺڪ ڪرڻ، پنهنجو تڪيو جمائڻ، گهوڙي تي جمي ويهڻ، سواري ڪرڻ، جماع ڪرڻ.

ـ **آسڻُ لڳائڻُ:** [اصطلاح] بيٺڪ ڪرڻ، ڏرٽو ماري ويهڻ، جمي ويهڻ، ترسڻ، ٽڪڻ.

ـ **آسڻُ ماري ويهڻُ:** [اصطلاح] پلٿي ماري ويهڻ، جوڳين وانگر ڏرٽو ماري ويهڻ.

ـ **آسڻ هيٺ اچڻُ:** [اصطلاح] تابعدار ٿيڻ، پيش پوڻ.

●**آسٽِي ج آسٽِيُون:** [اِ_ مث] ننڍو غاليچو يا تپڙي (جنهن تي هندو عبادت لاءِ ويهن. زالون رڌ پچاءُ لاءِ ويهن).
٭ [سن: آسن < آس = ويهڻ]

●**آسو:** [اِ_مذ] ڳوڙها، هنجون، لڙڪ، اُشڪ.
٭ [سن: اشر]

●**آسوٽو:** [اِ_ مذ] ول جو هڪ قِسم (جيڪا وڻ تي چڙهي، سجو سال ساوي رهي، اِن ۾ ٻڪريءَ جو بهترين کاڌو آهي).
٭ پچولو.
٭ پچولو
٭ [س/ٿ]

_ **آسو پالو:** [اِ_ مذ] هڪ قسم جو وڻ (جنهن مان ترنڊ ناهيا ويندا آهن)

●**آسود:** [اِ _مذ] آرام، آسائش، چين.
٭ [ف: اسودن = آرام ڪرڻ]

●**آسودرو:** [اِ_ مذ] ٻوٽي جو هڪ قِسم (ڪنڊي يا ڪونهت جهڙو)، لسي ڪنڊيءَ جو هڪ قِسم، ننڍي ڪنڊي.
٭ [س/ٿ]

●**آسودو ج آسودا:** [صفت _ مذ] خوش، سکيو، بي اونو، خوشحال، پاڳيو، هوند وارو، غني، شاهوڪار، دولتمند.
٭ [ف: آسوده]
٭ [مث: آسودي ج آسوديون]

_ **آسودائِي ج آسودائِيُون:** [ا _ مث] سکيائي، دلجمعي، خوشحالي، شاهوڪاري، دولتمندي، هوند.

_ **آسودگِي ج آسودگِيُون:** [اِ_ مث] آسودائي، خوشحالي.

_ **آسودو ٿيڻ:** [اصطلاح] سکيو ٿيڻ، آرامي ٿيڻ، بي اونو ٿيڻ، خوشحال ٿيڻ، دولتمند ٿيڻ.

_ **آسودو هئڻ:** [اصطلاح] سکيو هئڻ، دولتمند هئڻ، بي فڪر هئڻ.

_ **آسوده:** [صفت] آسودو، سکيو، هوند وارو.
٭ [ف]

_ **آسوده حالُ:** [صفت _ مذ] آسودو، فارغ البال.

_ **آسوده خاطر:** [صفت] دل جو ڪشادو سخي.
٭ مطمئن، بي فڪر.
٭ [آسوده = آسودو + خاطر = دل]

●**آسوڪا:** [صفت] ٿڌو ٺانهريو بي غم، بي فڪر.
٭ [سن: آشڪو = بي غم]
٭ [اِ_خاص] هند، سنڌ جو هڪ وڏو راجا 'اشوڪ' (جيڪو ٻڌ مت جو پيروڪار هو).

●**آسي ج آسيون:** [صفت _ مث] مڙس جي ٻي زال، پهاج.
٭ [ف: پهاج]

_ **آسي:** [اِ _ مذ] طبيب، معالج، جراح.
٭ [ع]
٭ غمگين، پريشان.

●**آسيبُ ج آسيبَ:** [اِ_ مذ] صدمو، نقصان، ڏک، تڪليف، اهنج، دشمني، مخالفت.
٭ آفت، بلا، جن ڀوت، جن پري وغيره جو اثر، لڳت جو حساب.
٭ ڊپ، ڀؤ، خوف.
٭ [ف]

_ **آسيب پهچائڻُ:** [اصطلاح] ايذاءُ رسائڻ، ڏک پهچائڻ، نقصان رسائڻ.

_ **آسيبُ زده:** [صفت] جن جو ورتل، لڳت وارو.

_ **آسيب شناسي:** [اِ _ مذ] مرض يا بيمارين جي سڃاڻپ، بيمارين سڃاڻڻ جو علم.

●**آسي پاسي:** [ظرف] اردگرد، آسپاس، ڀرڀر، ويجهو.

●**آسِيرو ج آسِيرا:** پاسي تي، پاسي، پري، دور (لفظ 'پاسيرو' سان گڏ ڪم ايندڙ 'آسيرو پاسيرو').
٭ [ضد: پاسيرو ج پاسيرا]

_ **آسِيرو پاسِيرو:** [ظرف] آڏو ڦڏو، اڻ سڌو، ڏنگو ڦڏو.

ـ **آسيرو پاسيرو ٿيڻُ:** [اصطلاح] ٻٽ ڪي وٺڻ سٽڻ. ناز نخرو ڪرڻ. ٺٽ ٺٺاءُ ڪرڻ.

* ڦٿڪڻ سٽڪڻ (ڪنهن تڪليف يا مرض سبب)

●**آسيس ج آسيسُون:** [اـ مث] دعا. برڪت.

* فرحت. راحت. خوشي. ڏڍ. آٿت. سک. آرام.

* [سن: 1.آشس ـ آ- ساڻ + شاس - حڪم هلائڻ ـ دعا ـ گهر 2.آشش]

ـ **آسيسا:** [اـ مث] آسيس.

ـ **آسيس ڏيڻ:** [اصطلاح] دعا ڪرڻ. سک ڏيڻ. دل کي تسڪين بخشڻ.

ـ **آسيس ڪنڻُ:** [اصطلاح] دعا ڪنڻ.

●**آسي ڦلي:** [اـ مث] ٽيڪ جي بيماري. پولهه. اوگرڀ ٿيندڙ چوپائي مال (خاص ڪري ٻڪرين) جي بيماريءَ جو هڪ قِسم (جنهن ۾ سهرائي پوي).

●**آسينگو ج آسينگا:** [اـ مذ] آسرو. خيال. سهولت. آسانگو.

* [س/ات]

ـ **آسينگو ڳولڻُ:** [اصطلاح] سهولت ڳولڻ. آسانگو ڳولڻ.

● **آسيولُ:** [اـ مذ] ٻيڙيءَ جي آڳل وارو سامان. آڳل جو ور يا رسو (ٻڳهه).

● **آسيه:** [ا.خاص ـ مث] فرعون جي زال (جنهن حضرت موسيٰ عليه السلام کي ٻٽ ڪري پاليو هو).

* [ع]

●**آش:** [اـ مث] ٻٽڙي آچ يا رٻ (جيڪا آسانيءَ سان پي سگهجي). رٻ. ٻچ. رس. شوروو.

* [ف ـ سن: آش =آچ ـ رٻ]

ـ **آش جَوَ:** [اـ مث] جَوَن جي آش (جيڪا بيمارن کي جَوَ پچي رڌي ڏجي).

●**آشام:** [صفت] پيئندڙ. پيئاڪ.

* [ف: (مصدر 'آشاميدن = پيئندڙ) 'آشام' اسم جي پهريان اچي، اسم فاعل جي معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ مثال: 'خون آشام' = خون پيئندڙ 'مئي آشام' = شرابي]

ـ **آشچريه:** [اـ مذ] اچرج. عجب. حيرت. نوائي.

* ڪرامت.

* [سن]

●**آشا ج آشائون:** [اـ مث] آس. اميد. آسرو. آرزو. خواهش. تمنا.

* [سن]

ـ **آشا پراپت:** [صفت] اميد پوري ٿيڻ. لاڀ حاصل ٿيڻ.

●**آشتي:** [اـ مث] امن. سڪون. سک.

* [ف]

ـ **آشتي پذير:** [صفت] صلح يا ناهه ڪندڙ. امن پسند.

●**آشرم ج آشرم:** [اـ مذ] ساڌن ۽ سنياسين جي رهڻ جي جاءِ. مڙهي. ڪٽيا. روحاني سڪون ۽ سانت حاصل ڪرڻ جي جاءِ.

* [پرا: (آسم) ـ سن: (آشرم)]

* برهمڻن جي جيوت جي هڪ منزل (جنهنجا چار آشرم آهن 1. برهماچاريه = برهما جي پوڄا جي خيال وارو. آويسي. صوفي. ويدانتي. خدائي طالب. 2. گرهستي = گهر ٻار وارو. جيڪو جهان ۾ وهنوار به ڪري 3. وان پرست = ويدانتي علم جو ڄاڻو 4. سنياس = لاتعلقي يا تياڳ جي خيال وارو).

* خوشيءَ جي موقعي تي ناهيل جهوپڙي يا ڇنو.

* مدرسو. اسڪول. ڌرمي مڪتب. وديا شالا.

* وٽن جو جهڳٽو. جهنگ.

●**آشفته:** [صفت] پريشان. حيران.

* عاشق. چريو. ديوانو.

* [ف]

ـ **آشفتگي:** [اـ مث] حيراني. پريشاني.

* چريائي. بدحالي.

ـ **آفاقي ج آفاقيِ:** [صفت] جهان گهمندڙ، عالمگير.
* آسماني.
* سيلاني. سياح مڪي کان هٽي ملڪ ويندڙ يا هٽي ملڪ کان مڪي ڏانهن ويندڙ.
* [ادبي اصطلاح] عالمي، زمان ۽ مڪان جي بندش کان آجو.

● **آفتابُ ج آفتابَ:** [اـ مذ] سج، سورج، شمس، خورشيد، آڏت، سجّ جي روشني، ڏينهن، اُس، تڙڪو.
* [مجازاً] گرم، شراب، معشوق.
* [ف]

ـ **آفتابِ اِقبالُ:** [اـ مذ] بخت جو سج، ڀاڳ وارو، روشن بلندي.

ـ **آفتاب پرست:** [صفت] سجّ جي پوڄا ڪندڙ.
* سورج مکي گل.
* ساندو

ـ **آفتاب پرستِي:** [اـ مث] سج جي پوڄا.

ـ **آفتاب جبين:** [صفت] جنهن جي پيشاني سج جهڙي روشن هجي.

ـ **آفتاب جمال:** [صفت] خوبصورت، حسين، جميل، ماهه لقا.

ـ **آفتاب:** [مص] اُس پوڻ.

ـ **آفتاب رخ، آفتاب رو:** [صفت] جنهن جو منهن سج جهڙو روشن هجي.

ـ **آفتاب زده:** [صفت] جنهن کي گرميءَ جي چڪيت لڳي هجي، لُڪ لڳل، ڏينهن ورتل.

ـ **آفتابِي:** [صفت] آفتاب جو، آفتاب وارو، شمسي.

ـ **آفتابِي ج آفتابِيون:** [اـ مث] ڇٽي (سج جهڙي گول).
* ڍال (سون جڙيل).
* آتشبازيءَ جو هڪ قسم.

ـ **آفتابِي رنگُ:** [اـ مذ] سج جهڙو رنگ، گهاٽو ڳاڙهو پيلو

ـ **آفتابِي گُلقند:** [اـ مذ] اس ۾ تيارڪيل گلقند.

● **آفتابو ج آفتابا:** [اـ مذ] ڪٽونرو لوٽو بدنو.
* [ف: آفتابہ]

ـ **آفتابچِي:** [صفت] ڪٽونرو ڪڻندڙ خادم.

● **آفر ج آفرون:** [اـ مث] آڇ، واڪ.
* [انگ: Offer]

● **آفريقہ، آفريڪا:** [اـ خاص] هڪ کنڊ جو نالو
* [انگ: Africa]

ـ **آفريقي، آفريڪي:** [صفت] آفريڪا کنڊ جو رهاڪو

● **آفرين:** [صفت] پيدا ڪندڙ، خلقيندڙ، اُپائيندڙ.
* [ف: آفريدن = خلقڻ]
'جهان آفرين، سخن آفرين' (چوڻي)

● **آفرين ج آفرينون:** [اـ مث] شاباش، جس، واهه واهه، تحسين، داد.
* [ف]

ـ **آفرين ڏيڻ:** [اصطلاح] شاباش چوڻ، تحسين ڏيڻ، جس ڏيڻ.

ـ **آفرين نامو ج آفرين ناما:** [اـ مذ] شاباش جو پروانو سرڪاري خدمتن جي قبوليت جي سند، لياقتن جي مڃتا جو سرٽيفڪيٽ.

● **آفندي:** [اـ مذ] تعظيم جو خطاب.
* جناب، حضور، مالڪ، آقا.
* [تر]

● **آفوس:** [اـ خاص ـ مذ] انب جو هڪ قسم.
* [پورچوگيز: آلفنسو]

● **آفيس ج آفيسون:** [اـ مث] سرڪاري يا خانگي ادارن جي ڪم (لکپڙهہ) ڪرڻ جي جاءِ، دفتر محڪمو

* [انگ: Office]

ـ **آفيسرُ ج آفيسرَ:** [اـ مذ] آفيس وارو، بالادست عملدار، عملدار، ڪامورو.

* [انگ: Officer]

ـ **آفيشل:** [صفت] سرڪاري، آفيس پاران جاري ٿيل، گورنمينٽ جو (ليٽروغيره)

* [انگ: Official]

● **آفيم:** [اـ مذ] ڏوڏيءَ جو رس، ڏوڏيءَ جو ڳار، آملُ.

* [ع ـ ف: (آفيون) ـ انگ: (اوپيم Opium)]

● **آفيمي ج آفيمي:** [صفت] آفيم کائيندڙ، آفيم واپرائيندڙ، املي، نشئي.

* [مث: آفيمڻ ج آفيمڻيون]

● **آڦر:** [اـ مث] پيٽ جي ڦوڪ (گهڻي کائڻ سبب يا باديءَ سبب)، آڦري، پرتي، بدهاضمو، بادي.

* سيٽ، ڦوڪ، آڪڙ، هٺ، تڪبر.

* ناراضگي، ڪاوڙ.

● **آڦرائي:** [فعل لازمي] اڦرڪڻ، ڦندي، ڦوڪجي، آڪڙجي، وڏائيءَ ۾ پرجي.

● **آڦرائڻُ:** [مصدر 'آڦرڻ' مصدرمان فعل متعدي بالواسطہ] چڱيءَ طرح ڌؤ ڪرائڻ، وت کان وڌيڪ کارائڻ.

* [آڦرائيو آڦرائيندو آڦرائيل]

● **آڦرجڻُ:** [مصدر 'آڦرڻ' مصدر مان فعل مجهول] گهڻي کائڻ سبب پيٽ ڦوڪجڻ، بمجڻ، سڄڻ، پَرجڻ، بدهاضمو ٿيڻ، پرتي ٿيڻ، بادي ٿيڻ.

* ڏؤنري جي دڳن جو گرميءَ سبب پورو ٿي مٿي چڙهڻ، اُڦرڪڻ.

* وڏائيءَ ۾ پرجڻ، سيٽجڻ، ڦونڊجڻ، مغرور ٿيڻ.

* [آڦريو آڦرندو آڦريل]

ـ **آڦرجي پوڻُ:** [اصطلاح] گهڻي کائڻ سبب پرجي پوڻ، بمجي پوڻ، بادي ٿيڻ.

ـ **آڦر لاهڻُ:** [اصطلاح] هٺ ڀڄڻ، سيٽ لاهڻ، آڪڙ لاهڻ، سزا ڏيڻ.

ـ **آڦرڻُ:** [مص – فعل لازمي] گهڻي کائڻ ڪري پيٽ جو ڦوڪجڻ، پرجڻ، بمجڻ، سڄڻ، بادي ٿيڻ، بدهاضمو ٿيڻ، پرتي ٿيڻ، پيٽ تي بار ٿيڻ.

* ڏؤنري يا ڏڌ وغيره جو گرميءَ سبب اُڦرڪڻ.

* مغرور ٿيڻ، ڦونڊجڻ.

* [آڦريو آڦريا، آڦري، آڦريون، آڦرندو آڦرندا، آڦرندي، آڦرنديون، آڦريل]

ـ **آڦري:** [اـ مث] پيٽ جي ڦوڪ، پرتي، بد هاضمو.

* سيٽ، وڏائي.

ـ **آڦري لاهڻُ:** [اصطلاح] سيٽ لاهڻ، آڪڙ ڀڄڻ، سيڪت ڏيڻ.

● **آڦو:** [صفت] ڏڏُ، ڪُند ذهن، ٺَٺُ، مڏ، اڦو.

● **آڦونڊجڻ:** [مص – فعل لازمي] وڏائيءَ ۾ پرجي وڃڻ، ڦونڊجڻ، چرچو يا مسخري ڪرڻ.

* [آڦونڊيو، آڦونڊيا، آڦونڊي، آڦونڊيون، آڦونڊندو آڦونڊندا، آڦونڊندي، آڦونڊنديون، آڦونڊيل]

● **آق:** [اـ مذ] سفيد رنگ، رنگن جو هڪ قسم.

* [س/ ات]

● **آقا ج آقا:** [اـ مذ] سردار، امير، بزرگ، سائين، وڏو پاءُ، مالڪ، آغا، آگا، حاڪم.

* [تر]

ـ **آقا جان:** [اـ مذ] عالي جناب، بابا جان، بابا سائين.

* [ف]

ـ **آقاي نامدار:** [اـ خاص ـ مذ] حضرت محمد صلي الله عليه وآلہ وسلم جن جو لقب.

* آغاز، ابتدا، شروعات، اوائلي، شروعاتي، پهريون.

* آمدني، اچڻ جي حالت، داخلا، حاصل ٿيل شيءِ.

* [اِ.خاص] ڌرمي نيمن جو هڪ شاستر (جيڪو ڏند ڪٿا موجب مهاديو جو لکيل آهي، جنهن ۾ منترءِ ڪرياڪرم ڏنل آهن).

* دستاويز لکت.

* مشرق، پورب.

- **آگم انديشو جاچڻُ:** [اصطلاح] نتيجي جو خيال رکڻ.

- **آگم ٻڪتا:** [صفت] اڳڪٿي ڪندڙ، پيشگو، نجومي.

- **آگمُ ٻڌڻُ:** [اصطلاح] پيشنگوئي ڪرڻ.

- **آگم گِياني:** [صفت - مذ] اڳڪٿي ڪندڙ، نجومي، جوتشي، رمال.

- **آگم ڳالهه:** [اِ - مث] پيشنگوئي، اڳڪٿي.

- **آگم وِديا:** [اِ - مث] اڳڪٿيءَ جو علم، نجومت.

● **آگِمائِڻُ:** [مص - فعل لازمي] پيدا ڪرڻ.

* [سن: اگم]

* [آگمائيو آگمائيا، آگمائي، آگمائيون، آگمائيندو آگمائيندا، آگمائيندي، آگمائينديون، آگمائيل]

● **آگَمتا:** [صفت - مذ] هراول، دلير.

* پهرين پيدا ٿيڻ وارو (ميوو).

● **آگَمُ ڄ آگَمَ:** [اِ - مذ] ڪڪرن جي مڙي اچڻ جي حالت، جهڙ، ملهار، مينهوڳي، مينهن جي موسم، بارش، برسات.

* مينهن پوڻ کان اڳ ۾ ٿيل گهٽ، اڪرس.

'آگم ڪيو اڄ، سڄڻ سانوڻ مينهن جئن' (شاهه / سارنگ).

- **آگِمائِڻُ:** [مصدر 'آگمڻ' مان متعدي بالواسطه] هوا ۾ جهڙ ڪرائڻ، آسمان کي مڃائڻ، آگم ڪرائڻ.

* [آگمايو آگمائيندو آگمائيل]

- **آگِمجڻُ:** [مصدر 'آگمڻ' مان فعل مجهول] آسمان جهڙ وارو ٿيڻ، آگم ٿيڻ، جهڙ ٿيڻ.

* [آگميو آگمندو آگميل]

● **آگِمڻُ:** [مص - فعل لازمي] ڪڪرن جو مڙي اچڻ، جهڙ ٿيڻ، برسات جو لهي اچڻ.

* [آگميو آگميا، آگمي، آگميون، آگمندو آگمندا، آگمندي، آگمنديون، آگميل]

- **آگمُ ڪرڻُ، آگمُ لا ئِڻُ:** [اصطلاح] جهڙ ڪرڻ، بارش ڪرڻ.

- **آگميو:** جهڙ ڪيو، جهڙ لاتو.

'آگميو آهي، لکهه بس لطيف چئي' (شاهه).

- **آگَنج:** [اِ - مث] ڍايل ٻڪريءَ جي اوجهري.

* [ف]

● **آگو ڄ آگا:** [اِ - خاص - مذ] ڌڻي، مالڪ، خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

* آغا، آقا، آگا.

* [تر: (آقا) - ف: (آغا)]

'والله مع الصابرين، آگو ايهين چوءِ' (شاهه / يمن ڪلياڻ)

- **آگي، آگو:** ['آگو' جي حالت فاعلي] آقا، ڌڻي، مالڪ، مولا، خدا.

'آگي ڪيا اکهين، نسوروئي نور' (شاهه / ڪلياڻ)

* سونارن جي ٻني، ڪُوري، چلهو.

* [سن: آگن - باهه]

* [صفت - مذ] اگهاڙو ننگو.

* [س / ٿ]

● **آگوا:** [اِ - مذ] زين جو اڳ، هني جو مٿيون ڪوچ، ٻرٽو.

● **آگوتر:** [اِ - مث] جيڪا شيءِ محسوس نه ٿئي، غير محسوس يا غير مرئي شيءِ.

* ايندڙ حياتي، آگوتر.

* [س / ٿ - سن: (آ + گُو = محسوس)]

● **آگَهه:** [صفت - مذ] آگاهه، ڄاڻندڙ، اڳواڻ، رهبر، سونهون.

* [ف: 'آگاهه' جو مخفف]

'آگهه امام حق جو داورُ جوڙيو درُ' (مخدوم محمد هاشم ٺٺوي)

* [امر] آڳنڊِ
* [مضارع] آڳنڊيان (ج) آڳنڊيون، آڳنڊِين (ج) آڳنڊيو، آڳنڊِي (ج) آڳنڊِين
* [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍيا آهن]
* [مثال] آڳنڊِي ٿو (ج) آڳنڊِيِن ٿا
* [حال مت] آڳنڊِي ٿي (ج) آڳنڊِين ٿيون
* [ماضي] آڳنڊيو (ج) آڳنڊِيا
* [ماضي مت] آڳنڊِي (ج) آڳنڊِيون
* [مستقبل] آڳنڊِيندو (ج) آڳنڊِيندا
* [مستقبل مت] آڳنڊِيندي (ج) آڳنڊِينديون
* [اسم مفعول] آڳنڊِيل

● **آڳو ج آڳا:** [ا ـ مذ] چولي جو اڳ، اڳيل، منهي.
* سامهون، آڏو اڳيون حصو.
* [ظرف] اڳتي، هن پر، پار.

● **آڳوانُ، آڳوانَ:** [صفت] حاضر خدمت، پيش خدمت، پيش ڪار، اردلي، دربان، اڳ ۾ ويهندڙ.

● **آڳوتر:** [صفت] آگوتر، غير حاضر.
* [سن: آگوچر = ٻئي قبيلي وارو]
* اڳ ڄاڻ، اڳڪٿي.
* آخرت، اڳئين دنيا، ٻيو جهان.

ـ **آڳوتر واچڻُ:** [اصطلاح] اڳڪٿي ڪرڻ، اڳ جي حياتيءَ جو خيال ڪرڻ.

● **آڳوتلُ ج آڳوتلَ:** [صفت ـ مذ] ترائيءَ جا رهاڪو، مارو.
* [سن: آگوتل]

● **آڳوٽ ج آڳوٽون:** [ا ـ مت] پاڪڙي کي مضبوط رکڻ لاءِ ٻنهي پاسن ۾ بسرجي ڪڙن ۾ ٻڌل ڪشٺو.
* [س/ل]

● **آڳو پيڇو:** [اصطلاح] اڳ پوءِ، اڳياڙي پڇاڙي، اڳ پٺ.
* چولي جو اڳيون حصو ۽ پويون حصو.

ـ **آڳو پيڇو جاچڻُ، سنڀالڻُ:** [اصطلاح] اڳ پوءِ جاچڻ، سوچ ويچار ڪرڻ، دور انديشي ڪرڻ، ڳالهه جو نتيجو جاچڻ، نفعو نقصان سنڀالڻ.

ـ **آڳو پيڇو ڪرڻُ:** [اصطلاح] چڱيءَ طرح خبر لهڻ، اڳيان پوئتان ڦرڻ.
* قميص جو اڳيون پويون حصو ٺاهڻ.
* پوئواري يا خدمت ڪرڻ، همراهي ڪرڻ.
* چاپلوسي ڪرڻ.

ـ **آڳو پيڇو ڪٺڻُ:** [اصطلاح] شاديءَ ۾ ٻنهي طرفن جو خرچ پنهنجي ذمي ڪرڻ، ٻئي مٺا ڪٺڻ.

ـ **آڳو پيڇو ڳڻڻ:** [اصطلاح] ڳالهه جو اڳ پوءِ جاچڻ، دور انديشي ڪرڻ، نفعو نقصان سنڀالڻ.

ـ **آڳي پيڇي:** [ظرف] اڳو پوءِ، نيٺ.

ـ **آڳورُ ج آڳورَ:** [ا ـ مذ] اڳڻ، آڳنڊ.

ـ **آڳي پيڇي ڦرڻُ:** [اصطلاح] خوشامد ڪرڻ.

ـ **آڳي پيڇي هلڻُ:** [اصطلاح] اڳيان پٺيان هلڻ، تقليد ڪرڻ.

● **آڳومٽِ:** [ا ـ مت] خدمت، چاڪري، ٽهل ٽڪور.
* صفائي، زمين جي ٻاري مان ڪک، ڪنڊا، ڪچرو ميڙي صفائي ڪرڻ جي حالت.

ـ **آڳومٽِ ڪرڻُ:** [اصطلاح] کيتي لاءِ زمين ٽڪر جي صفائي ڪرڻ يا ان کي سنوارڻ (هاريءَ جو اصطلاح).
* ڪم ڪار ڪرڻ، اڳوات بندوبست ڪرڻ.
* استقبال ڪرڻ.

ـ **آڳومٽِي ج آڳومٽِي:** [صفت ـ مذ] خدمتگار، ٽهلو، نوڪر.

●**آڳُومي ج آڳُومي:** [صفت - مذ] اڳيان ڪم ڪندڙ، ميزبان جو عيوضي.

●**آڳُون پيٽ:** [ا _ مث] آجيان، مرحبا، استقبال.

●**آڳهه ج آڳهه:** [ا _ مذ] جهلو، وسيلو، پروسو، آڌار، ٽيڪ، پشتي، پناهه، تڪيو.

* اڳڻ، پڌر، اڳند، تڏو.

'ڪوڙيين ڪن سلام، آڳهه اڄيوان جي' (شاهه/سريراڳ).

* سرندو سرندي وڄائڻ جي ڳري، ڪمانچو.

* [سن: آڳهات]

'ڳايائين ڳڙهه ڳرنار ۾، ڪري آڳهه سان آواز' (شاهه).

* سماءُ، چتاءُ، خبر، سڌ.

* [ف :آگاهه]

* اڳتي واري منزل.

* اڳڻ، اڳنڊ.

* [سن: آڳڪن]

* [صفت _ مذ] اڳواڻ، مهندار، پيشوا.

* [سن: اڳر= اڳيان]

'آڳهه جن علي، آءُ نه جيڏندي ان ري'. (شاهه/رامڪلي)

* [صفت _ مذ] واقف، ڄاڻو، خبردار.

* [ف: آگاهه]

_ **آڳهه وٺڻُ:** [اصطلاح] اٽڪل سان ڪنهن جو راز معلوم ڪرڻ، اڳ وٺڻ، انت ڳولڻ.

● **آڳهين:** [ظرف] اڳيئي، شروع ۾ ئي.

●**آڳٽرو ج آڳٽرا:** [صفت] راند ۾ جنهن جي مٿان آڳ اچي، آڳ هيٺ آيل، راند ۾ ڪٽيل، راند ۾ آڳ نه ڏيندڙ، راند جو دوهو.

'آڳ نه ڏيندو آڳٽرو لاهيان پٽس جو پاڳيڙو' (لوڪ).

●**آڳي:** [ظرف] آئنده، اڳتي، هن کان پوءِ.

* [سن: اگري = اڳي]

* اڳيان، سامهون.

_ **آڳي اچڻُ:** [اصطلاح] روبرو اچڻ، سامهون اچڻ، ويجهو اچڻ، قريب اچڻ، نزديڪ اچڻ، پيش اچڻ.

* بنا پردي اچڻ.

* مقابلي ۾ اچڻ، مقابلو ڪرڻ.

* سزا ڪاٽڻ.

* اجورو حاصل ٿيڻ.

_ **آڳي ڄاڃڻُ:** [اصطلاح] آئينده جي نتيجي جو انتظار ڪرڻ.

_ **آڳي خيال ڪرڻُ:** [اصطلاح] اڳتي جي نظر رکڻ، آئينده جو خيال رکڻ.

_ **آڳي ڏيڻُ:** [اصطلاح] سامهون ڏيڻ، زياده ڏيڻ، ڪاٻه شيءِ اڳيان ڏيئي خيال ٻئي طرف ڪرڻ.

_ **آڳي رهڻُ:** [اصطلاح] مقابل رهڻ، سامهون رهڻ.

_ **آڳي ڪان:** [ظرف] پهرئين ڪان، ابتدا ڪان، شروع ڪان.

_ **آڳي وڌائڻُ:** [اصطلاح] اڳتي ڪٽي وڃڻ، اڳتي آڻڻ

_ **آڳي وڌي وڃڻُ:** [اصطلاح] اڳتي هلڻ، روانو ٿيڻ.

* لڏ پلاڻ ڪرڻ.

* دعويٰ ڪرڻ.

* بد زباني ڪرڻ.

* مقابلي ۾ اچڻ، سامهون ٿيڻ.

* ويجهو وڃڻ.

* سبقت کڻي وڃڻ، ترقي ڪرڻ، سرسي حاصل ڪرڻ.

* استقبال ڪرڻ.

* پيشوائي ڪرڻ، رستو ڏيکارڻ.

_ **آڳي واڳي:** [ظرف] حوالي، هٿ سانٽ، مڪمل طور قبضي ۾.

●**آڳي:** [ا - مث] باهه، آڳ، دکندڙ باهه. ٿوري باهه (جيڪا ٻري ڪان ڏسجي).

* [سن: آڳن]

ـ **آلِ عثمانُ:** [ا ـ خاص – مذ] حضرت عثمان جو اولاد.

ـ **آلِ عمران:** [اـ خاص – مذ] عمران (حضرت موسيٰ عليه السلام جو والد) جو اولاد.

* [ا ـخاص] قرآن شريف جي ٽئين سورة جو نالو.

ـ **آلِ و عيالُ:** [ا ـ مذ] زال ۽ اولاد، زالون ۽ ٻار ٻچا، پيڙهي، ڪٽنب.

ـ **آلِ نبي:** [ا ـ خاص – مذ] نبي سڳوري جو اولاد، اهل بيت.

ـ **آلُ و اطفال:** [ا ـ مذ] ٻار ٻچا، ڪٽنب.

● **آلُ:** [ا ـخاص ـ مذ] شراب، ڳاڙهو شراب.

* خيمي جي ڪائي.

* [ف]

* [ا ـ مذ] دوکو، فريب.

* [ع]

● **آل:** [ا. خاص ـ مث] بادشاهه جي مهر.

* [صفت] هلڪو ڳاڙهو رنگ.

● **آل:** [ا–مذ] بصرجا پن.

* [ا ـ مث] بصر جي ڳني ۽ پنير.

* [هند]

* [ا ـ خاص] هڪ قسم جو وڻ (جنهن جي پاڙ مان ڳاڙهو رنگ ناهين)

* [ا ـخاص] ڪدوءَ جو هڪ قسم، ڏگهو ۽ منو ڪدو.

* آلاڻ، پوسل.

* ڏگهو.

* [سن] هڙتال.

● **آلات:** [ا – مذ] اوزار، هٿيار، اسباب.

* [ع: آلہ ج آلات]

● **آلات ج آلاتون:** [ ا ـ مث] وڏي ٻيڙي.

ـ **آلاٽيل:** [صفت ـ مث] سمنڊ ۾ هلڻ لائق ٽيل (ٻيڙي).

● **آلاپُ ج آلاپ:** [ا – مذ] ورلاپ، پارَ، درد واري دانهن.

'اترڌي آلاپ، ڪالهونڪر ڪونج ڪري '(شاهه).

* [سن: ولاپ = آواز ڳالهائڻ دانهن]

* راڳ جو شروعاتي آواز تانَ، آواز،سر، راڳ.

ـ **آلاپڻ:** [مص – فعل لازمي] ڳالهائڻ، آلاپ ڪرڻ، آواز ڪڍڻ، آواز کي هيٺ مٿي ڪرڻ (ڳائڻ ۾)، ڳائڻ، سر ڪڍڻ.

* [سن: آلاپن (آ = چڱيءَ طرح + لپ = ڳالهائڻ)]

* [آلاپيو آلاپيا، آلاپي، آلاپيون، آلاپيندو آلاپيندا، آلاپيندي، آلاپينديون، آلاپيل]

ـ **آلاپ ڪرڻ:** [اصطلاح] روئڻ وقت غم جو اظهار زبان سان ڪرڻ، پار ڪڍڻ، ورلاپ ڪرڻ، اوڇنگارون ڏيڻ.

● **آلادو ج آلادا:** [صفت - مذ] عليحده، الڳ، نرالو، نيارو، ٻيءَ طرح جو.

* [ع: عليحده]

* [مث: آلادي ج آلاديون]

● **آلارڻُ:** [مص – فعل لازمي] ترڻ لاءِ ٻانهون هڻڻ.

* لامارا ڏيڻ.

* [ آلاريو آلاريا، آلاري، آلاريون، آلاريندو آلاريندا، آلاريندي، آلاريندون، آلاريل]

ـ **آلارو ج آلارا:** [ا ـ مذ] لامارو.

ـ **آلارو ڏيڻ:** [اصطلاح] لامارو ڏيڻ.

ـ **آلارِي ج آلارِيون:** [ا ـ مث] ترڻ وقت هڪ دفعو ٻانهن سان ڏنل لامارو.

ـ **آلاري ڏيڻ:** [اصطلاح] پاڻيءَ ۾ تاري ڏيڻ، تتن تاري ڪرڻ.

● **آلاڪو ج آلاڪا:** [ا – مذ] ڳانڍاپو، لاڳاپو، واسطو، ميل، رغبت، لاڙو، محبّت.

* [ع: علاقہ]

● **آلامِ و الم:** [ا – مذ] ڏک، اهنجَ، تڪليفون، مصيبتون، چاڪ، ڦٽَ.

* [ع: الم ج آلام = ڦٽ، چاڪ]

- **آمد رفتِ بند ٿيڻُ:** [اصطلاح] اچ وڃ بند ٿيڻ
  * ملاقات بند ٿيڻ.
- **آمد و شد:** [اـ مث] آمدرفت. اَچ وَڃ.
- **آمد ڪار:** [اـ مث] فتح. ڪاميابي. سلو سنئون.
  * [ف]
- **آمدن گاهہ:** [اـ مذ] واعدي مطابق ملاقات جي جاءِ. اچڻ جو هنڌ.
  * [ف]
- **آمدن و خرچ:** [اـ مذ] ڪمائي ۽ خرچ. آمدني روانگي.
- **آمدني:** [اـ مث] آمد. آوت. اُپت. پيدائش. ڪمائي.
  * [ف: آمدن = اچڻ]
- **آمدني رجسٽر:** [اـ مذ] اهو ڪتاب جنهن ۾ ٻاهران آيل لکپڙهہ داخل ڪئي وڃي.
- **آمدني روانگي:** [اـ مث] اچ وڃ (مال جي) آوت جاوت.
- ● **آمر:** [اـ مذ] امر ڪندڙ. حاڪم. جابر حڪمران. جبر سان حڪومت ڪندڙ.
  * [ع: آمرَ = حڪم ڪرڻ]
- **آمر مطلق:** [صفت ـ مذ] سمورا اختيار پاڻ وٽ رکندڙ حاڪم.
- **آمريت:** [اـ مث] حاڪميت. جبر و استبداد. فرعونيت. Dictatorship.
- **آمرزگار:** [اـخاص ـ صفت] بخشڻهار. معاف ڪندڙ. خدا تعاليٰ جو فارسيءَ ۾ هڪ صفاتي نالو.
  * [ف: آمرزيدن = بخشڻ]
- * **آمري، آمڙي:** [اـ مث] گدامڙي. گدامڙيءَ جو وڻ ۽ ان جو ڦل.
  * [پرا: (آنبليا) ـ سن: (آملڪا ـ آملي)]
  * [اـ خاص] تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ديهہ جو نالو هڪ شهر جو نالو
  * ٽنڊي جان محمد لڳ مشهور ' آمري وارو مقام ' (جتي چون ٿا تہ آمريءَ جي وڻ ۾ جادو جو هڪ نانگ هو ۽ ان وڻ کي ميين عبدالرحيم گرهوڙيءَ اچي وڍايو چون ٿا تہ هن مقام ۾ ماموئي فقير دفن ٿيل آهن).
- **آمري2:** [اـ خاص ـ مث] سنڌ ۾ هڪ قديم آثارن وارو شهر (جيڪو ڄامشوري ضلعي ۾ سن شهر کان اتر طرف ڪجهہ ميلن تي آهي، هتي جي تهذيب موهن جي دڙي جي تهذيب کان بہ آڳاٽي چئي رهي ٿي)
- ● **آمريءَ جو مقام:** [اـ خاص] ڏگهڙيءَ کان 16 ڪلوميٽر ڏکڻ ـ اوڀر طرف درياهي ڦاٽ پران جي ڪپ تي هڪ قديمي قبرستان.
- ● **آمڙا:** [اـ خاص] هڪ ذات جو نالو.
- ● **آمُلَ:** [صفت] اَملهہ. قيمتي. ناياب.
- ● **آملہ:** [اـ مذ] هڪ وڻ جو ڦل (جيڪو دوا، مربي ۽ تيل ناهڻ جي ڪم اچي). آنئرو. آريٺو.
  * [سن: آ(ملڪ) ـ ف: (آملہ)]
- ● **آملي:** [اـ مث] آمري. گدامڙي.
- ● **آمليٽ ج آمليٽ:** [اـ مذ] بصرن ۽ ٻين مصالحي سان ترٻيل بيضو/ آنو
  * [انگ: Omelette]
- ● **آمِنُ:** [صفت] امن وارو. سوکهو. سلامت.
  * [ع]
- **آمِنہ:** [اـ خاص ـ مث] آنحضرت صلي الله عليه و آلہ وسلم جن جي والده ماجده جو نالو. مسلمان عورت جو نالو.
  * [صفت ـ مث] بي خوف عورت. امن واري عورت.
- ● **آمنا و صدقنا:** [عربي اصطلاح] اسان ايمان آندو ۽ اسان سچ ڄاتو. مڃيوسون. بجا آهي. درست آهي.

* ٽانو جي وزن پوري ڪرڻ لاءِ ساهميءَ جي پڙ ۾ وڌل وٽ، توڙ جا پٿر، آهن.
* [سن: آشمن، ف: آهن = لوهه]
ـ **آهن پوش:** [صفت] زرهه يا پاکر پاتل.
ـ **آهن جامہ:** [ا. خاص] زرهه، پاکر (لوهي جاريءَ جو ٺهيل ڪوٽ جيڪو جنگ ۾ بچاءَ خاطر پاتو ويندو آهي).
ـ **آهن دار:** [صفت] لوهو، لوهه جو ٺهيل.
ـ **آهن دلي:** [صفت] سخت دل، سنگدل.
ـ **آهن ربا:** [ا ـ مذ] لوهه کي ڇڪيندڙ، چقمق.
ـ **آهن ساز:** [ا - مذ] لوهه جو ڪم ڪندڙ.
ـ **آهن سازي:** [ا - مث] لوهه جو ڪم ڪار.
ـ **آهن سفيد:** [ا. خاص - مذ] جستي لوهه.
ـ **آهن فروش:** [صفت] لوهه جو واپاري يا تاجر.
ـ **آهنگر:** [ا - مذ] لوهه گهڙيندڙ، لوهار.
ـ **آهن ورق:** [ا - مذ] لوهه جي چادر.
ـ **آهني:** [صفت] لوهه جو، لوهي.
* مضبوط.
● **آهنڊُ ج آهنڊَ:** [صفت - مذ] آهند، لجَ، انٽرو، سنٿون پلٿ نہ ڏيندڙ، اڻ گهڙيو، جهنگلي، ڪنور.
● **آهڳ ج آهڳون:** [ا ـ مث] خوشبوءِ، سڳنڌ.
● **آهنرُ ج آهنرَ:** [ا ـ مذ] آهنير، شاديءَ ۾ گهوٽ جو ساٿي.
● **آهنگُ ج آهنگ:** [ا ـ مذ] آواز، جهونگار، آلاپ، نغمو، سر.
* ارادو، قصد.
* [ف: آهنگ=سر، تان، آلاپ]
● **آهڻ:** [صفت] ملول، ڏکويل، غمگين.
* [س/دات]
● **آهٺو ج آهٺا:** [ا ـ مذ] ٺيڪ، ليٽ، لاڙو، رجحان.
* [س/ڪوهہ]
* اٽل، ڪاڻ.
* نقل، پيروي، اهل.
● **آهو:** [ا ـ مذ] آسرو، اميد، دلاسو.
* هيج، قرب، لاڳاپو.
ـ **آهو پلڻُ:** [اصطلاح] آسرو لاهڻ.
ـ **آهو ڏيڻُ:** [اصطلاح] آسرو ڏيڻ، دلاسو ڏيڻ.
ـ **آهو ڦاهو ڪرڻُ:** [اصطلاح] سخت تڪليف وٺڻ.
* وڏي ڪوشش ڪرڻ.
ـ **آهو ڪٽڻُ:** [اصطلاح] آسرو پلڻ، اميد لاهڻ.
* جوکو کڻڻ، قرباني ڪرڻ.
● **آهو ج آهو:** [ا ـ مذ] هرڻ، مرگهہ.
* [ف: آهو]
* ڪبوتر جو هڪ قسم (گهٽي گُٽ گُٽ ڪندڙ ڪبوتر).
* ليٽ ڪبوتر (راند)، پاراٽي راند جو هڪ قسم.
* نقص، عيب.
ـ **آهوپا:** [صفت] هرڻ وانگر پيرن جو تکو، تمام تيز ڊوڙندڙ.
* [ف: آهو = هرڻ + پا = پير]
ـ **آهوپرو:** [ا. خاص ـ مذ] هڪ قسم جو باز (جنهن کي ڪنهن تي هرڻ جي پير وارو چٽ هجي).
ـ **آهو پير:** [ا. خاص ـ مذ] هڪ پسارڪو وکر.
ـ **آهوچشم:** [ا ـ مذ] جنهن جون اکيون هرڻ جي اکين جهڙيون هجن. هرڻ اکيو، وڏين اکين وارو، غزالي اکين وارو، هرڻ جهڙين (ڪجلين ڪارين) اکين وارو، مرگهہ نيڻ.
* [اصطلاحاً] سهڻو، معشوق.
* [اي آهو چشم ڪٿہ (شيخ اياز جي ڪتاب 'هرڻ اکي ڪيڏانهن' جو منظوم اردو ترجمو)]
ـ **آهو دل:** [صفت] ڊڄڻو، هرڻي وانگر ڇرڪندڙ.
* نرم ۽ نازڪ دل وارو، حساس.

ـ آهوگيرُ ج آهوگيرَ: [صفت] هرڻ وٺندڙ، هرڻن جو شڪاري.

ـ آهونگاهہ: [صفت] سهڻين اکين وارو، معشوق.

ـ آهوي چرخ: [صفت ـ مذ] آسمان جو هرڻ، سج.

●آهو پيرُ ج آهو پيرَ: [ا ـ مذ] پسارڪي وکر جو هڪ قسم (پيرن جهڙو ٿئي).

●آهوتي ج آهوتيون: [ا ـ مث] هندن ۾ ديوتائن اڳيان باهہ سان گڏ بلِ چاڙهڻ جي رسم، بلِ چاڙهڻ سان گڏ ڪيل ڪريا ڪرم، ساڙيل گيهہ جي پيتا.

* [سن: 1. آهہ = بلِ چاڙهڻ، پيتا ڏيڻ؛ 2. آهتِ = بلِ]

ـ آهوتي ڏيڻُ: [اصطلاح] بلِ چاڙهڻ، قرباني ڪرڻ، ساڙيل گيهہ پيتا طور ڏيڻ.

● آهوتي وجهڻُ: [اصطلاح] ڪاوڙيل کي وڌيڪ ڪاوڙائڻ.

●آهوجا: [ا. خاص] هندن جي هڪ ذات جو نالو.

●آهورو ج آهورا: [ا ـ مذ] آهري ڪونر.

* [ف: آخور= چوپائي مال کي گاهہ ڏيڻ وارو آهرو]

●آهوڙُ ج آهوڙَ: [ا ـ مذ] ڪنهن اوزار (ڪهاڙي، ڏاٽي، واهولي وغيره) جو اڌورو تيار ڪيل بوتو.

* [س/ل: لوهارڪو اصطلاح]

ـ آهوڙ وراڻڻ: [اصطلاح] اوزارن جا اڌ گابرا بوتا تيار ڪرڻ.

●آهوڙڻُ: [مص ـ فعل متعدي] جنڊ کي کهرو ڪرڻ، ٽڪڻ.

* گهر ٿي وبل پير (چور وهٽ وغيره جي) ڳولڻ لاءِ اوهاڙون ڏيڻ، اوري پري پيرجي جانچ وٺڻ.

* [سن: آوڌارڻ]

* [مص] آهوڙڻ

* [امر] آهوڙ

* [مضارع] آهوڙيان (ج) آهوڙيون، آهوڙين (ج) آهوڙيو، آهوڙي (ج) آهوڙين.

* [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍيا آهن]

* [حال] آهوڙي ٿو (ج) آهوڙين ٿا

* [حال مث] آهوڙي ٿي (ج) آهوڙين ٿيون

* [ماضي] آهوڙيو (ج) آهوڙيا

* [ماضي مث] آهوڙيو (ج) آهوڙيا

* [مستقبل] آهوڙيندو (ج) آهوڙيندا

* [مستقبل مث] آهوڙيندي (ج) آهوڙينديون

* [اسم مفعول] آهوڙيل

●آهوڙَ ج آهوڙون: [ا ـ مث] کوجي يا پيريءَ جي تحقيقات لاءِ جوڌاري ڳولا، اوهاڙ، کوج.

ـ آهوڙ ڏيڻُ، آهوڙ هڻڻ: [اصطلاح] چور يا چوري ٿيل چوپائي مال جي پير جو نشان ڳولڻ.

ـ آهوڙائڻ: [مصدر 'آهوڙڻ' مان فعل متعدي بالواسطہ] جنڊ کي ٽڪائڻ يا کهرو ڪرائڻ.

* [آهوڙيو آهوڙيندو آهوڙيل]

ـ آهوڙپڌڻُ: [اصطلاح] لاڳيتو مارڻ، سٽڻ.

ـ آهوڙجڻُ: [مصدر 'آهوڙڻ' مان فعل مجهول] جنڊ جو ڪرنڊجڻ، کهرو ٿيڻ.

* [آهوڙيو آهوڙيندو آهوڙيل]

●آهوڙو ج آهوڙا: [صفت ـ مذ] جنڊ کي آهوڙيندڙ، کهرو ڪندڙ، پٿر مان جنڊ گهڙيندڙ.

* پيري، ڳولائو، ڳوليندڙ (پيري جي نشان جو).

* [ا ـ مذ] جنڊ کي آهوڙڻ جو اوزار، چيٽي، ٽاڪڻي.

●آهوڙي ج آهوڙيون: [ا ـ مث] جنڊ کي ٽاڪڻ ۽ کهري ڪرڻ جو ننڍو اوزار.

* [صفت ـ مث] جنڊ کي آهوڙيندڙ، کهرو ڪندڙ (عورت)، پٿر مان جنڊ گهڙيندڙ (عورت).

- **آئٽو ڪرڻ:** [اصطلاح] پليد ڪرڻ، خراب ڪرڻ، ناپاڪ ڪرڻ، رچائڻ.
- **آئٽو/ آئنٽو نپٽو:** [صفت -مذ] بي اولادي، نانگو، نپٽو
 * بدبخت، نياڳو.

• **آئڻ، آئيلڻ :** [مص – فعل متعدي] آئڻ، آنيرڻ.
 *ڳاري هڪ ڪرڻ، پگهارڻ، رچائڻ، رچائي صاف ڪرڻ، سون، چاندي يا ڪنهن ڌاتوءَ کي ڪٺاريءَ ۾ وجهي باهه تي ڳارڻ.
 * ڪنهن شيءِ کي صاف ڪرڻ.
 * [س/ٿ]
 * [مص] آئڻُ
 * [امر] آئِ
 * [مضارع] آئيان (ج) آئيون، آئين (ج) آئيو، آئي (ج) آئين.
 * [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍبا آهن ]
 * [حال] آئي ٿو(ج) آئين ٿا
 * [حال مث] آئي ٿي (ج) آئين ٿيون
 * [ماضي] آئيو(ج) آئيا
 * [ماضي مث] آئيو(ج) آئيا
 * [مستقبل] آئيندو (ج) آئيندا
 * [مستقبل مث] آئيندي (ج) آئينديون
 * [اسم مفعول] آئيلُ

• **آئلو ج آئلا:** [ا _ مذ] غيرآباد زمين، اڻ ڪاهيل زمين جو ٽڪر، آباديءَ کان سواءِ پيل زمين جو ٽڪرو.
 * [سن: 1. آ _ ڪرشت؛ 2. آنشلا = بيڪار زمين]

• **آئرس:** [ا ـ خاص] اندلٺ جي ديوي، ديوتائن کي پيغام رسائيندڙ.
 * [يوناني - انگ: Iris، اک جي ماڻڪي]

• **آئرڻُ:** [مص – فعل لازمي] ٻيڙيءَ جو پاڻيءَ ۾ روانو ٿيڻ، آهرڻُ.
 * [سن: آهل = اڳتي وڌڻ]
 * [آئريو آئريا، آئري، آئريون، آئرندو آئرندا، آئرندي، آئرنديون، آئريل]

• **آئروج آئرا:** [ا - مذ] پٽ وجهڻ لاءِ ڪنيل ننڍي پيڙهه.
 * [س/ات]

• **آئروج آئرا:** [ا _ مذ] آنورو، آنئرو.

• **آئري:** [ا ـخاص] درڪاڻي بلوچن جو هڪ قبيلو.

• **آئڙڻ:** [مص – فعل لازمي] وڻڻُ، ڪشش ٿيڻ، دل کي ڀانئڻُ، دل سان لڳڻ، پسند اچڻ، پانءِ پوڻ.
 * [سن: 1. آهلاد < آور = پسند اچڻ]
 * [آئڙيو آئڙيا، آئڙي، آئڙيون، آئڙندو آئڙندا، آئڙندي، آئڙنديون، آئڙيل]

- **آئڙي اچڻ:** [اصطلاح] پسند اچڻ، دل کي وڻڻ، دل سان لڳڻ.

• **آئسوج آئسا:** [ا- مذ] اشارو، ڪنايو، مامر.
 * [سن: آشيہ]

• **آئسڪريم:** [ا_مث] برف جي ملائي – جميل ملائي.
 * [انگ: آئيس = برف + ڪريم = ملائي، Ice cream]

• **آئڪ:** [ا _ مث] آنڪ (زنجيريءَ جي نموني وارو پرت).

• **آئنٽڙو ج آئنٽڙا:** [صفت –مذ] آئٽو، بي اولاد.
 * سڄو.
 * [مث: آئنٽڙي ج آئنٽڙيون]

• **آئندو آئيندو:** [ا_ مذ] ايندڙ وقت، مستقبل، ايندڙ دور.
 * [ف : آينده]
 * [ظرف] هن کان پوءِ، اڳتي، آئيندي، هٺي پيري، وري، ٻيهر.

- **آئنديہ آئيندي:** [ظرف] ايندڙ وقت ۾، هن کان پوءِ، ٻيهر، وري.

• **اِ:** سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ جو هڪ حرف، هڪ سُر، آواز.

• **اُ:** سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ جو پنجون حرف علت. حرف علت جو حرف، نشاني، هڪ سر، آواز.

• **آبِ:** [ظرف] هن وقت، هاڻي، هينئر جهٽ پٽ، تَهہ ڦَهہ

• **اَبُ:** [ا ـ مذ] ابو، پيءُ، بابو

٭ [ع: آب = ابو]

'ڏن جو حسب نسب ناهہ ڪو نہ امان نہ اَب' (شاهہ/رامڪلي)

• **آبا:** [ا – مذ] بابا، بزرگ، وڏا، شهر يا قوم جا وڏا.

٭ [حرف ندا] بابا! پٽ! بچا! (هڪ سڏ).

٭ [ابُ ـ جو جمع 'آبا']

• **اَبابِيلُ ج اَبابِيلَ:** [ا ـ مذ] پکيءَ جو هڪ قسم (ننڍو جهرڪيءَ جيڏو ڪارا ڀي چاڻي اچي لثيس).

• **اِباحت:** [ا ـ مث] مباح سمجهڻ جي حالت (هڪ فرقو 'اهل اِباحت'، جيڪو هر شيءِ مباح يا حلال سمجهندو آهي).

• **اب اخي:** [ا ـ مذ] پيءُ، ڀاءُ، مٽ مائٽ، لڳ لاڳاپي وارا، رشتا، ناتا.

٭ [ع: اب = پيءُ + اخي = ڀاءُ]

'نانگا نانيءَ هليا، ڇڏي اب اخي' (خليفو)

• **ابا ڏاڏا:** [ا ـ مذ] ڏاڏاڻي آکهہ جا وڏا، خاندان جا باني، وڏڙا، بزرگ.

• **اباڻا:** [ا ـ مذ] ڏاڏي پوڻاڻا، پيءُ جي طرف وارا مائٽ، ڏاڏاڻا، پيءُ طرفان مٽ مائٽ.

'عمر اباڻن جي، مون کي ننهن تي ميندي' (شاهہ/مارئي)

ـ **اباڻا ڪَڪَ:** [ا ـ مذ] ابي ڏاڏي جو گهر، مائٽاڻو گهر، پنهنجو اصلوڪو ڳوٺ، گهر، ديس، وطن.

ـ **اباڻڪو ج اباڻڪا:** [صفت – مذ] اباڻن جو، ابي ڏاڏي جو، مائٽاڻو

ـ **آباڻو ج آباڻا:** [صفت - مذ] پيءُ جو، بابي جو، ڏاڏي جو، ابي جو، موروثي، مائٽاڻو

• **اُباهڻ:** [مص – فعل لازمي] بيهارڻ، کڙو ڪرڻ، قائم ڪرڻ، ابو ڪرڻ، اڏڻ، ناهڻ.

٭ چُنائڻ، چوڪارو ڏيڻ، ڇڏائڻ

٭ معاف ڪرڻ، بخشڻ

٭ قائم رکڻ، سلامت رکڻ، برقرار رکڻ.

٭ [اُباهيس اُباهيا، اُباهي، اُباهيون، اُباهيندو اُباهيندا، اُباهيندي، اُباهينديون، اُباهيل]

ـ **اُباهيو:** بچايو، سلامتيءَ سان پار ڪيو، اُڪاريو.

'سنئون ڏن سہاڳ، املهہ جن اُباهيو' (شاهہ/سامونڊي)

• **اُبَت:** [ا ـ مث] اُلٽ، اونڌو ابتو پاسو، پيو پاسو، پٺ.

٭ [ضد: سُبت]

٭ هيٺيون پاسو، لهندڙ پاسو (درياهہ جو)، لهوار.

٭ ور، ڏِنگ، ابتو ڦيرو

'آچاران ابتِ، گهوچ گهاتي نينهن جي' (شاهہ).

ـ **اُبَت پيرو ج اَبَت پيرا:** [صفت – مذ] پيرڙيو جاول ٻار، اُپ پيرو، پيرڙيو.

٭ نحس، ڇنڊو، نڀاڳو.

٭ [مث: ابت پيري ج ابت پيريون]

ـ **اُبَتِ ڏاڻو اُبت ڏاڻيو:** [صفت - مذ] ابتي ڏاڻ وارو، ابتا ڏاڻ وڏيل.

٭ غير رواجي، ڦريل دماغ.

٭ هڪ قسم جي عيب وارو گهوڙو (جنهن جي اڳيون سامهون پيرن تي اڀا ٽڪا هجن)، عام وهم موجب نڀاڳو گهوڙو.

٭ [مث: ابت ڏاڻي ج ابت ڏاڻيون]

ـ **اُبَت ڏاوو:** [صفت – مذ] اڇن پيرن وارو (گهوڙو)، ابت ڏاڻو

ـ **اُبَتِ سُبَتِ:** [ظرف] ابتو سبتو هيٺيون مٿيون پاسو (ڪپڙي جو)، اٿل پٿل، الٽ پلٽ، گڏ وچڙ، هيٺ مٿي.

- **اُبتو ڪري تنگڻ:** [اصطلاح] سيکت ڏيڻ، سزا ڏيڻ.
- **اُبتو گهمرو ڏيڻُ:** [اصطلاح] ابتو ڦيرو ڪارائڻ، اٿلي پون.
  * بيان تان ڦرڻ.
  * سخت نقصان پهچائڻ. دوستيءَ بدران دشمني پيدا ڪرڻ.
- **اُبتي ج اُبتيون:** [صفت – ظرف – مث] الٽي، اونڌي.
  * [اَبتوجو مؤنث]
  * بيڪار.
  * نقصانڪار.

'ٻوڪي ڏي سُبتيون، صديون، اُبتيون چڱ ڀيهين' (استاد بخاري)

- **اُبتي تسبيح پڙهڻُ:** [اصطلاح] پاراتو ڏيڻ، بد دعا ڪرڻ، پِٽڻ.
- **اُبتي پٽي پڙهائڻُ:** [اصطلاح] غلط بياني ڪرڻ، غلط رستو ڏيکارڻ، ڀرغلائڻ.
- **اُبتي ڪاتي وهائڻُ:** [اصطلاح] سخت ڏکوئڻ، سخت ظلم ڪرڻ، اذيت ڏيڻ.
- **اُبتي ڪاتيءَ سان ڪُهڻُ:** [اصطلاح] دستور خلاف ڪرڻ.
  * ٿوري اگهه واري شيءِ وڏي اگهه تي وڪڻڻ. وڪري ۾ سخت ڪَس' لائڻ.
  * انصاف جي ابتڙ فيصلو ڪري ڪنهن ڏرسان ناحق ڪرڻ.
- **اُبتي ڪُنڊ:** [ا ـ مث] جاميٽريءَ جي اصطلاح ۾ 180 درجن کان مٿي ۽ 360 درجن کان گهٽ ماپ واري ڪنڊ.
- **اُبتي ڪَلَ لاهڻُ:** [اصطلاح] تمام مهانگو وڪڻڻ، ٿوريءَ قيمت جي عيوض تمام ڳري قيمت وصول ڪرڻ، تمام گهڻو نقصان پهچائڻ.
  * تمام گهڻي جٺ ڪرڻ، تشدد ڪرڻ، سخت سزا ڏيڻ.
- **اُبتي گنگا وهائڻُ:** [اصطلاح] برعڪس عمل ڪرڻ، عام قانون يا دستور جي ابتڙ ڪم ڪرڻ.
- **اُبتي ڳالهه ٻڌائڻُ:** [اصطلاح] غلط بياني ڪرڻ، ڪوڙ ڳالهائڻ، دل جو ڀيد نہ ڏسڻ.
- **اُبتي مُشابهت:** [ا ـ مث] غلط مثال، غلط تشبيهه، غلط مناسبت.
- ● **اِبتدا:** [ا ـ مث] شروعات، آغاز، آرنڀ، منڍ، منهن، مُهڙ، اول، مهاڳ، اڳياڙي.
  * [ضد:اِنتها]
- **اِبتدا ڪرڻ:** [اصطلاح] آغاز ڪرڻ، شروعات ڪرڻ، آرنڀ ڪرڻ.
- **اِبتداءً:** [ظرف] شروع کان، اول کان، منڍ کان.
- **اِبتدائي:** [صفت] شروعاتي، اوائلي.
- **اِبتدائي تعليم:** [ا ـ مث] ٻار جي شروعاتي تعليم، بنيادي تعليم، پرائمري تعليم (Primary education).
- ● **اِبتذالُ:** [ا ـ مذ] بي اعتباري.
  * منهن اگهاڙائي، بي شرمائي.
  * پاڻ کي سستو ڪرڻ، رذالت.
- ● **اَبتر:** [صفت] ٻُڇَ وڍيل، لنُڊو، بدحال، بدتر، سڀ کان ويل، نڪمو.
  * بي اولاد.
  * خراب حال، بي پهچ.
  * [ع: بتر = پڇ وڍڻ]
  * [ا ـ مذ] علم عروض جي اصطلاح ۾ هڪ زحاف جو نالو، شعر جي وزن ۾ ڪميءَ سبب پيدا ٿيل تغير.
- **ابتري:** [ا ـ مث] خراب حالت، بي پهچي، اڏيائي.
  * خرابي، تباهي، بربادي، زوال.
  * غريبي، مفلسي، بي بندوبستي.
- ● **اُبت ڪنڊِي، اُبت ڪنڊِڙي:** [ا ـ خاص ـ مث] سنهين ڪنڊن واري، ٻوٽي جو هڪ قسم، ابتن ڪنڊن واري ٻوٽي، گدڙ ول.
- ● **اِبتلاءُ:** [ا ـ مذ] آزمائش، پرک، امتحان.
- ● **اُبٽڻُ ج اُبٽڻَ:** [ا ـ مذ] اٽي، هئڊ، گلاب جي پاڻيءَ ۽

- اُپُ ڪِرڻ: [اصطلاح] وڏي آپدا اچڻ. مصيبت نازل ٿيڻ.
- اُپَ ڪُروچ اُپَ ڪُرا: [مت_مذ] اپن ڪُرن وارو (گهوڙن گلهه)
* [مت: اپ ڪري ۽ اپ ڪريون].
- اُپَ ڪي اگڙيون وجهڻ: [اصطلاح] پڌري ڳالهه يا عالم آشڪار ڳالهه کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪرڻ. اجايو ڍڪ ڍڪڻ.
- اُپَ ۾ ترارون هڻڻ: [اصطلاح] ناممڪن ڪم ڪرڻ. وِتَ کان ٻاهر هلڻ.
- اُپَ ۾ تيرَ هڻڻ: [اصطلاح] ناممڪن ڪم ڪرڻ.
* ٻناڪون هڻڻ.
- اُپَ ۾ ٺُڪون اُڇلائڻ: [اصطلاح] پاڻ کي نقصان پهچائڻ جهڙو ڪم ڪرڻ. جاهليت جهڙو ڪم ڪرڻ. بي نتيجي اجائي ڪوشش ڪرڻ.
- اُپَ ۾ ڪڪر ٿيڻ: [اصطلاح] اميد جاڳڻ. اميدواري ٿيڻ (عورت کي).
* مينهن جي موسم ٿيڻ. وسڪاري جو امڪان ٿيڻ.
- اُپَ مان تارا لاهڻ: [اصطلاح] نا ممڪن ڪم ڪرڻ. نه ٿيڻ جهڙو ڪم ڪري ڏيکارڻ.
• اُپا: [صفت—مذ] بيٺل. ڪڙا ٿيل يا ڪيل.
* [اپو ج اپا]
• اُپارُ ج اُپارَ: [ا_مذ] سج جو اڀرڻ.
* اوپر (سيني جو). ڇوڪريءَ جو بلوغت ۾ اچڻ.
* مچڻ (جوانيءَ سبب). پڙڪاءُ (جوش جو).
* آپار. هشي.
* هٺ ريکائن ۾ آگرين جي سامهون اپار. مريخ جو اپار. زهره جو اپار.
• اُپارڻُ: [مص — فعل متعدي] مٿي کڻڻ. مٿي چاڙهڻ. ڪڙوڪرڻ. بيهارڻ. همٿائڻ. آماده ڪرڻ.
* پڙڪائڻ. ڏاڍرائڻ. آپارڻ. جوش ڏيارڻ. هشي ڏيڻ.
* اپائڻ (زمين جو نباتات کي). پيدا ڪرڻ.
* سج سنئون ڪرڻ. چنڊ. تارا. نکٽ آسمان ۾ ظاهر ٿيڻ. ڏينهن ڪرڻ.
* [مص] اُپارِڻُ
* [امر] اُپارِ
* [مضارع] اُپاريان (ج) اُپاريون. اُپارين (ج) اُپاريو. اُپاري (ج) اُپارين.
* [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍبا آهن]
* [حال] اُپاري ٿو (ج) اُپارين ٿا
* [حال مت] اُپاري ٿي (ج) اُپارين ٿيون
* [ماضي] اُپاريو (ج) اُپاريا
* [ماضي مت] اُپاري (ج) اُپاريون
* [مستقبل] اُپاريندو (ج) اُپاريندا
* [مستقبل مت] اُپاريندي (ج) اُپاريديون
* [اسم مفعول] اُپاريلُ
• اُپاڙڻُ: [مص —فعل متعدي] اپائڻ (نباتات)
* [سن: اتپد=اپائڻ_پيدا ڪرڻ]
* [مص] اُپاڙڻُ
* [امر] اُپاڙِ
* [مضارع] اُپاڙيان (ج) اُپاڙيون. اُپاڙين (ج) اُپاڙيو. اُپاڙي (ج) اُپاڙين.
* [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍبا آهن ]
* [حال] اُپاڙي ٿو (ج) اُپاڙين ٿا
* [حال مت] اُپاڙي ٿي (ج) اُپاڙين ٿيون
* [ماضي] اُپاڙيو (ج) اُپاڙيا
* [ماضي مت] اُپاڙي (ج) اُپاڙيون

• **آٽاڪو ج آٽاڪا:** [اِ_ مذ] ڪٿ نہ ڪندڙ، تور تڪ نہ ڪندڙ، تکڙو اُبهرو.

* اچانڪ، اوچتو ناگاهہ.

* [سن: اڪليہ = اٽڪيل اٽڪليل]

* بيهودي حجت ڪندڙ، لُچو

* [سن: اترڪ = بي منطق بحث ڪندڙ]

* حيران، عاجز پريشان.

* [مث: اٽاڪي ج اٽاڪيون]

• **آٽاڳو ج آٽاڳا:** [صفت_ مذ] بنا تور تڪ جي ڪم ڪندڙ، تکڙو، اُبهرو، بيپرواهہ.

* [س/ ل: اٽاڳو<اٽاڪو]

* [مث: اٽاڳي ج اٽاڳيون]

• **اُٽالائي ج اُٽالائيون:** [اِ_ مث] تکڙ، اُبهرائي، اٽاولائي، اٽامرائي.

'اٽالائي عيسو چوي، جتن سين نہ جڳاءِ' (ميون عيسو).

• **آٽالو ج آٽالا:** [صفت_ مذ] بي تالو بي سرو، اڏنگو، بيهودو، بدافعالو

* [سن: ا = نہ + تال = آواز تان، سر]

* [مث: آٽالي ج آٽاليون]

• **اُٽالو ج اُٽالا:** [صفت _ مذ] ڏاڍو، مضبوط، زبردست.

* اٽاولو، تکڙو، تکو.

* ڏکيو، مشڪل.

* [سن: اٽال=تکڙو تکو مضبوط]

* [مث: اُٽالي ج اُٽاليون]

• **آتاليقُ ج آتاليق:** [ا _ مذ] ٻاهريون استاد، خانگي طور پڙهائيندڙ، گهرو معلم، استاد، سنڀاليندڙ.

* [تر]

_ **آتاليقي:** [ا _ مث] خانگي تعليم.

• **اُٽامرائي ج اُٽامرائيون:** [ا _مث] تکڙ اُبهرائي جلدائي، تيزي

_ **اُٽامِرو ج اُٽامِرا:** [صفت _ مذ] تکڙو اُبهرو.

* گستاخ، شوخ، کهرو، وڙهڻ يا مارڻ لاءِ تيار، ڪاوڙيل.

* [مث: اُٽامري ج اُٽامريون]

'اسين پاڻ اٽامرا ڪيون نہ ڪنهن جي ڪاڻ' (حمل)

_ **اُٽامِرو ٿيڻ:** [اصطلاح] اُبهرو ٿيڻ، تکڙو ڪرڻ، ڪاوڙجڻ.

_ **اُٽامِرو پوڻ:** [اصطلاح] شوخ پوڻ، کَهُرو ڳالهائڻ.

• **اِتان:** [ظرف] هِتان، اِتانهون، انهيءَ هنڌ.

_ **اِتانهُون ،اِتانهين:** [ظرف] اِتان، اِتان کان (ويجهي لاءِ).

_ **اِتهين:** [ظرف] اِنهيءَ هنڌ (ويجهي لاءِ)، اِتي، اِنهيءَ هنڌ کان، اِتان.

_ **اِتئون:** [ظرف] اِتان، هِن جڳهہ تان (ويجهي لاءِ).

* [س/ات]

• **اُتان:** [ظرف] انهيءَ جاءِ کان، انهيءَ هنڌان، اتئون، اتهون، مٿان.

_ **اُتانهہ:** [ظرف] انهيءَ جاءِ تان، اتاهين.

_ **اُتانهُون، اُتانهين:** [ظرف] اُتان، اُتهين (پري لاءِ).

_ **اُتهين:** [ظرف] هُن هنڌان (پري لاءِ)، اوڏانهين، اتاهين، اوڏاهين، اوڏانهن.

'مُنهنجو هلڻ اُتهين، جتي جانبَ جاءِ' (شاهہ/ ڪنيات)

_ **اُتئون:** [ظرف] اُتان، هُتان، هُن جڳهہ تان (پري لاءِ).

* [س/ات]

• **اُتان:** [ظرف] اتانئن، هنن جي مٿان، مٿانئن.

'اِنهين پر اتان، پونديون منڊ پهاڙ پر' (شاهہ/ سسئي آبري).

• **آتانگُ:** [صفت] اتانگهہ.

• **آتانگهُہ:** [صفت] جيڪو تانگهي نہ سگهجي، اڻ تانگهو، اٿاهہ، اونهو، عميق.

'اَج ڪ سنجهہ صباح، اهريندين اتانگهہ تڙين' (شاهہ/ سريراڳ).

'ڪتي سندو تال، اتانگهان اتانگهہ ٿئو' (قادري)

* [مستقبل] اُٿلندو (ج) اُٿلندا

* [مستقبل مث] اُٿلندي (ج) اُٿلنديون

* [اسم مفعول] اُٿليلُ

- **اُٿِلي پوڻ:** [اصطلاح] اٿل ڪرڻ، ٻوڏ ڪرڻ.

* ليٽي پوڻ، اونڌو ٿيڻ.

* بيماريءَ جو ٻيهر ٿي پوڻ، وري ٿيڻ.

* اُکلي پوڻ (الٽ اُلٽيءَ جو).

* ڪوڙ ڳالهيون ڪرڻ

* ڳپ نہ جهلڻ، ڳپ چندن، وري ٻهارجڻ

- **اُٿِليل پٿليل:** [صفت] هيٺ مٿي ٿيل شيون.

* اٿيل ويٺل (زماني ۾)، آزمودگار، تجربہ ڪار.

* ڳنل پيتل، استعمال ۾ آيل

- **اٿلڻ:** [فعل لازمي] ڏڳي، مينهن وغيره (مادي چوپائي) جو لڳ نہ جهلڻ.

* مچڻ، ٿلهو ٿيڻ (بدن ۾).

* [اٿليو اٿليا، اٿلي، اٿليون، اٿلندو اٿلندا، اٿلندي، اٿلنديون، اٿليل]

• **اُٿِلو ج اُٿِلا:** [ا ـ مذ] ور، گهمرو ڦيرو موڙ.

* [س / ل]

• **آٿم:** مون کي آهي، مون کي آهن.

'اٿم اميدون، هيئن نہ ڇڏيندا' (بيدل)

• **آٿَڻ ج اٿڻون:** [ا ـ مث] حاصلات، فائدو نفعو.

• **آٿُڻُ:** [ا ـ مذ] هٿڻُ، اِملاڪ، مڏي مال، (هٿ ۾ وٺڻ، قبضو ڪرڻ

* ڪم ڪار.

* ضرورت، حاجت.

- **آٿڻ آچڻ:** [اصطلاح] ڪارج ۾ اچڻ، فائديمند ٿيڻ، ڏکئي وقت ۾ ڪم اچڻ.

• **اُٿڻُ:** [مص — فعل لازمي] اٿي بيهڻ، ڪڙو ٿيڻ، اڀو ٿيڻ، جاڳڻ، سجاڳ ٿيڻ (ننڊ مان).

* [سن: (اُتٿا = ات = مٿي + ستا = بيهڻ)؛ پرا: (اُٿان) ـ مص]

* سَجڻ (اکيون).

* اڀرڻ، ٽهڪڻ، جوش کائڻ (پاڻي)، اڀرڻُ، اڦرڪڻُ.

* برخاست ڪرڻ (ڪچهري، ڪورٽ "ڪورٽ جي اٿڻ تائين سزا").

* ظاهر ٿيڻ (ڇِٽ).

* مٿي چڙهڻ، ترقي ڪرڻ.

* [اُٿيو اُٿيا، اُٿي، اُٿيون، اُٿندو اُٿندا، اُٿندي، اُٿنديون، اُٿيل]

- **اُٿڻ ويهڻُ:** [اصطلاح] رستو رکڻ، ميل ميلاپ، آداب پرائڻ، اٿ ويهہ ڪرڻ، اچڻ وڃڻ (برادريءَ ۾).

* [ا — مذ] رستو، اٿ ويهہ، نشست برخاست، نشست برخاست جو نمونو.

- **اُٿڻ ويهڻ جي جاءِ:** [اصطلاحي معنيٰ] حاجت جي جاءِ، پاءِ خانو بيت الخلا

- **اُٿڻ ويهڻ جي واٽ هئڻ:** [اصطلاح] اچ وڃ جو رستو هئڻ، رسم راهہ جو رستو هئڻ، مرٺي پرٺي يا شادي غميءَ جو بير پنڌ هئڻ.

- **اُٿڻ ويهڻ نہ آچڻ:** [اصطلاح] نشست برخاست جا آداب نہ هئڻ، ڀائيچاريءَ جي معاملن ۾ بلڪل اڻ ڄاڻ هئڻ.

- **اُٿِڻي ج اُٿڻيون:** [ا ـ مث] اٿڻ واري حالت، اٿپ، اٿڻ جو نمونو.

* [ضد: 'ويهڻي']

- **اُٿي وڃڻ:** [اصطلاح] هليو وڃڻ، محفل برخاست ڪرڻ، ختم ٿيڻ (محفل يا ڪچهري)، ڇڏي وڃڻ (اسڪول يا جاءِ)، نکري وڃڻ فيصلي مان اٿڻ، ناراضگيءَ جو اظهار.

* لڏي وڃڻ

* مري وڃڻ، گذاري وڃڻ

'آديسي اٿي ويا، مڙهيون مون مارين' (شاهہ/رامڪلي).

- **اُٿيو ويٺو:** [صفت ـ مذ] آزمودگار، گهميل ڦريل، تجربيڪار، جهان ديدو

• **آٽول:** [صفت] اڻ گهڙيل (پٿر هيرو وغيره) .
※ اڻ سڌريل، بي ادب.

• **اٽومٽ، اٽومٽو:** [ظرف] برابر، هڪجهڙو، تور ۾ هڪ جيترو.

ـ **اُٽو مُٽو:** [ظرف] تخميني تحت، اٽڪل روءِ، بنا مَئَڻ يا ڳڻڻ جي، اڪو ڏڪو.
※ ڳڏيل صورت ۾، دوم شوم، عملي الحساب.

ـ **اُٽو مُٽو ٻڌڻ:** [اصطلاح] تخمينو ڪرڻ، ڪٿ ڪرڻ، اڪو ڏڪو ٻڌڻ.

• **آٽهه ج آٽهه:** [ا ـ مذ] ڏيئن مان وٽيل ٽوڙيءَ جو ٽُڪر (جيڪا ٻڌڻ جي ڪم اچي).
※ ڏٽو، دلبو.

ـ **آٽهه ٻڌڻ:** [اصطلاح] نار جي مالهه يا چپر کي ٽوڙي سان ٻڌڻ (چپر جي لوهين کي وٽيل پيش جي ٽوڙيءَ سان ٻڌڻ).

• **اُٽهه ج اُٽهه:** [ا ـ مذ] وات جي اٽهڙ (جنهن ۾ ڪاٺو ٻاهر نڪري ايندو آهي).
※ [صفت] دير هضم، ناگوار.

• **آٽهاس:** [ا ـ مث] وڏي کِلَ، اٽاسو ٺهڪ، اجائي ٺهه ٺهه.
※ [سن]

• **اَٽُهائيندو:** [صفت ـ مذ] ناگوار، اڻ سهائيندو، حرام، نارَوا.
※ [سن: ا = نہ + ٿهائڻ < ٿهارڻ = ملڻ، ٻاڙڻ، نباهڻ < توڙڻ = ٽڪرو ملڻ]

• **اُٽهه پُٽهه اُٽِي پُٽِي:** [ظرف] هڪ ٻئي عنان، گهڻي انداز ۾، اوت اوتان، وري وري، هرهر.
※ پريپور نموني ۾ (ٻوٽن وغيره کي پاڻي ڏيڻ).

• **آٽهه سٽهه:** [ا ـ مذ] ڳنڍ ڳوپ، اٽڪل سٽڪل، حيلو حوالو.

ـ **آٽهه سٽهه ڪرڻ:** [اصطلاح] تجويز ڪرڻ، اٽڪل سٽڪل ڪرڻ، اٽڪل ۽ تجويز سان ڪنهن ڪريل شيءِ کي ٺاهڻ.

• **آٽهلو ج آٽهلا:** [ا ـ مذ] اٽالو، عملو لشڪر.

• **آٽِي:** [ا ـ مث] سٽ جي ڦاري.
※ [ملتاني]
※ ٻٽڪي لاءِ حقارت جو لفظ.

• **اِٽِي ج اِٽيون:** [ا ـ مث] راند کيڏڻ لاءِ هڪ خاص نموني ۾ ڪاٺيءَ جو گهڙيل ٽڪرو، گلي، ڳِٽي.

ـ **اِٽي ڏَڪرُ:** [ا ـ مذ] سنڌ جي هڪ مشهور ديسي راند، گلي ڏڪر (ڪرڪيٽ سان ملندڙ جلندڙ).

• **اُٽِي ج اُٽِيون:** [ا ـ مث] سنگت ۾ ڦيٽاڙو، رسامو، ڪٽي (جيڪا ننڍا ٻار هڪ ٻئي کي سنگت ٽوڙڻ وقت چيچ ڏيکاري ڪندا آهن).
※ [ضد: ٻڏي ج ٻڏيون]

ـ **اُٽِي ڪرڻ:** [اصطلاح] ياراڻي ڦٽائڻ، سنگت ٽوڙڻ، ڪٽي ڪرڻ، اُڦي ڪرڻ، رسامو ڪرڻ.

• **اُٽِي پُٽِي:** [ظرف] هر هر، وري وري، بار بار.

• **آٽيچَ:** [ا ـ مذ] ڪڪرن جا ميڙ.
※ اُهڃاڻ، نشان.

• **آٽيچمينٽ:** [ا ـ مث] ڳانڍاپو، ٻنڌڻ، لاڳاپو.
※ [ڪمپيوٽر جو اصطلاح]
※ شامل ڪاغذ، ڳنڍيل دستاويز، جوڙيل پنو.
※ [انگ: Attechment]

• **آٽيرڻُ ج آٽيرڻَ:** [ا ـ مذ] سٽ ويڙهڻ جو ٽڪلو يا ناپٽو، سٽ جي ويڙهي يا رِيل.

• **آٽيرڻُ:** [مص ـ فعل متعدي] سٽ ويڙهڻ، ڏيري ٺاهڻ.
※ گهوڙي کي قواعد ڏيڻ.
※ [مص] اُٽيرڻُ
※ [امر] آٽيرِ
※ [مضارع] آٽيريان (ج) آٽيريون، آٽيرين (ج) آٽيريو، آٽيري (ج) آٽيرين.
※ [زمان حال ٺاهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍبا آهن]

* [حال] آٽيري ٿو (ج) آٽيرين ٿا
* [حال مث] آٽيري ٿي (ج) آٽيرين ٿيون
* [ماضي] آٽيريو (ج) آٽيريا
* [ماضي مث] آٽيري (ج) آٽيريون
* [مستقبل] آٽيريندو (ج) آٽريندا
* [مستقبل مث] آٽيرندي (ج) آٽيرنديون
* [اسم مفعول] آٽيريلُ

• **آٽيسٽيشن:** [اـمث] تصديق، شاهدي (ڪنهن اداري ۾ داخلا يا ملازمت لاءِ اميدوار پاران جمع ڪرائڻ کان اڳ سندس تعليمي دستاويزن تي ڪنهن ٻه سرڪاري بالا آفيسر پاران صحي ڪري ۽ مهر هڻي انهن ڪاغذن جي تصديق ڪئي ويندي آهي، جنهن تصديق بعد انهن ڪاغذن کي سرڪاري سطح تي منظور ڪيو ويندو آهي).
* [انگ: Attestation]

• **آٽيڪ:** [ظرف] بنا ٽيڪ، بنا جهَلَ.
* [س: ا+ ٽيڪ]

• **آٽيڪ:** [ا–مذ] حملو، هلان.
* مرض جي گرفت. (هارٽ اٽيڪ = دل جو دورو)
* [انگ: Attack]

• **اُٽيلا:** [ا–مذ] اُٿلون.
'ڏين ڏيه ايمان ري، انهڻ اٽيلا' (سامي)

• **اِٽي مٽي:** [ظرف] اٽو مٽو، تبادلو، دوم شوم، علي الحساب، هرويرو، بي سبب.

• **آٽينشن:** [اـمث] ڌيان، توجهه.
* هوشيار ٿيڻ لاءِ فوجين کي ڏنل سڏ.
* [انگ: Attention]

• **اُٽيڄڻُ:** [مص – فعل مجهول] آڪلڻ، گيهه يا تيل جو ڏڪ نڙي ۾ اوتڻ مهل ڏورجو آڪلجي پوڻ، اٽهڙجڻ، اٽوڙجڻ.
* [اُٽيڄيو اُٽيو اُٽيڄيل]

• **آٺ:** [اـمذ] هڪ عدد جو نالو، ٻه چَونڪَ، عدد، 8، Eight.

* [صفت] گهڻا، جهجها، بي انداز.
* چتر، ڪوڏين يا چوپڙ راند ۾ داءُ جو نالو (جنهن موجب ساري اٺ خانا اڳتي هلي سگهي)، راند جو سهڻو ۽ وڏو داءُ

ـ **آٺَ آگرو:** [صفت – مذ] اٺن آڱرين جي ماپ وارو.
* اهو سوئٽر جنهن جا وچ اٺ آگر هجن، وڏو سوئٽر، اٺور.

ـ **آٺارو:** [ا ـ مذ] اٺن طرفن وارو عالم (اٺ ڏکڻ، اوڀر، اولهه ۽ چار ڪنڊون).
* [سن: اشٽ = اٺ + آرو]

ـ **آٺارهن:** [ا ـ صفت] ارڙهن، Eighteen.
* [س/ات ـ سرا]

ـ **آٺاسُ ج آٺاسَ:** [صفت – مذ] اٺن پاسن وارو، هشت پهلو، مثمن، اٺ ڪنڊو.
* اٺن جريبن يا اٺن ايڪڙن وارو زمين جو ٽڪرو.
* اٺون حصو اٺن جو انگ.
* پتي راند يا تاس ۾ اٺن داڻن وارو پتو اٽي.
* جنديءَ جي ڳل جو هڪ قسم.
* [صفت] اٺن مهينن جو چاول پار، اٺڙيو اٺاسو.
* [س: اٺ+اس]

ـ **آٺاسو ج آٺاسا:** [صفت – مذ] اٺن مهينن جو چاول، اٺڙيو.
* [مث: اٺاسي ج اٺاسيون]

ـ **آٺاسي:** [ا – صفت] هڪ عدد جو نالو، (88)، اسي ۽ اٺ.
* [س: اٺ + =اسي]
* [سن: اشٽاشتي، اشٽاشيت < اشٽ]

ـ **آٺانگ:** [ا ـ صفت – مذ] بدن جا اٺ عضوا جن سان زمين تي پورو سجدو ڪجي (پيشاني، نڪ، ٻه هٿ، ٻه گوڏا، ٻه پير).
* زمين جي اٺين پتي.
* [س: اٺ+ انگ].

ـ **آٺانگ يڳتي:** [ا – صفت] اٺن انگن تي ضابطو رکڻ وارو يڳتي دستور.
* [سن: اشٽانگ+ يڳتي]

• **آنواڻي ڪنواڻي:** [صفت] بستري داخل (بيماريءَ يا پيڙا جي حالت ۾).

• **آنوپِٽ:** [اِ ـ مث] اپت جي صلاح مصلحت، گهرو صلاح.

※ همدردي، مدد.

• **آنوري ج آنوري:** [صفت] انور، ڳرو.

※ بدمعاش.

• **آنوڙ آنوڙي:** [صفت] انور، انوري.

• **اِنوڙي ج اِنوڙيون:** [اِ ـ مث] ٻڳل سِرَ.

※ [س / ٿ]

• **آنومنلو:** [اِ ـ مذ] انسنو عارضي بندوبست، حيلو.

ـ **آنو منلو ڪرڻ:** [اصطلاح] انسنو ڪرڻ. پورائي سورائي ڪرڻ.

• **آنهريو:** [صفت ـ مذ] آنريو، آنريل، صاف ٿيل.

• **اُني واڻي:** [اِ ـ مث] اني جي ڳالهه ٻولهه، مينهن جي خبرچار، وسڪاري جو حال احوال.

• **آنِيل:** [اِ ـ مث] اوتر، جوٽ.

• **آثاثُ:** [اِ ـ مذ] سامان، اسباب.

※ [ع: گهرجو سامان، اسباب، فرنيچر]

• **آثبات:** [اِ ـ مذ] اعتبار وارا دوست، معتبر يار، معتبر شاهد.

※ [ع: ثَبت ج اثَبات]

• **اِثبات:** [اِ ـ مذ] الله تعاليٰ جي هستيءَ جو اقرار، بقاءُ (نفيءَ جو ضد)، ('لاالہ' نفي آهي ۽ 'الاالله' اِثبات).

※ ثابتي، ثبوت.

※ مضبوطي، دعويٰ، اقرار.

※ هاڪار، هائوڪار

※ [ع: ثبت=اڃو] اِثبات، قبول ڪرڻ، تصديق ڪرڻ.

'آهي ڪلمي ۾ ڏس نفي اثبات' (واصف).

ـ **اِثباتڙيون:** [اسم تصغير ـ مث] پڌرايون، نشانيون، ثابتيون.

'ڏيهي نفي ني پاڌ ۾، ڏس عشق جون اثباتڙيون' (بيدل)

• **اِثباتِي:** [صفت] الله تعاليٰ، اثبات وارو، ثابتي رکندڙ.

※ اِقراري، هائوڪاري.

※ ڪلمي شريف جو اثباتي فقرو.

'اندر ٻاهر ٿيو اثباتي'.

ـ **اِثباتي جملو:** [اِ ـ مذ] گرامر موجب اقراري يا هائوڪاري جملو (انڪاري جملي جو ضد).

• **آثر ج آثر:** [اِ ـ مذ] تاثير، خاصيت، گڻ.

※ نتيجو، رد عمل.

※ علامت، نشان، پيرو، نقش قدم.

※ [ع: اثر= علاميت]

※ بقايا.

※ احساس.

※ دٻاءُ.

※ اختيار.

※ حديث.

※ اصحابن سڳورن جو قول، طريقو ۽ رهڻي ڪهڻي.

※ اک جي پردي جي ويجهي اڇاڻ.

ـ **آثرائتو ج آثرائِتا:** [صفت ـ مذ] اثر وارو، مؤثر، فائدي وارو، ڪارائتو.

※ [مث: اثرائتي ج اثرائتيون]

ـ **آثِر پذير:** [صفت] اثر قبول ڪندڙ.

ـ **آثردار:** [صفت] اثر رکندڙ، خبر رکندڙ.

ـ **آثر طراز:** [صفت] مؤرخ، تاريخ نويس، تاريخدان.

ـ **آثر ڪرڻ:** [اصطلاح] تاثير ڪرڻ، فائدو بخشڻ.

• **آثقال:** [اِ ـ مذ] بار، بوجهه، اٽڪون.

※ [اِ ـ مذ: ثِقل ج اثقالُ]

• **اِثناعشري:** [اِ . خاص ـ صفت] ٻارهن امامن کي مڃيندڙ، اهل تشيع مان هڪ فرقو.

※ [ع: اِثناعشرة = ٻارهن]

● **اپار:** [صفت] جنهن کي پيو ڪنارو نہ هجي، بي ڪنار، بي ڪنڌي، انحد، بي حد.

٭ اٿاه، بي انت، اپو، گهڻو، بي انداز، تمام، بيحد، گهڻي، بيشمار.

٭ اڪيلائي، اها حالت جو ڪا پهرئي ڪانهي.

٭ [آ = نہ + پار = پرين ڪنڌي]

'عمر ٿيم اپار وره وٽيان ڪن سين' (شاهہ/مارئي)

'گهڙان گهوريو چنڊ ۾ اٿل مون اپار' (شاهہ/سهڻي).

● **اپار:** [اِ ـ مث] نيڪال، روانگي، اڪلاءُ (ڪم جو).

٭ [سن: اپارج]

● **اپارجتِ:** [اِ ـ مث] حاصلات، ڪمائي، اڪتساب.

٭ [سن: اپ = ويجهو + ارج = حاصل ڪرڻ]

● **اپارجڻُ:** [فعل مجهول] مشغول ٿيڻ، رُنبي وڃڻ، جنبي وڃڻ، ڪم ۾ غلطان ٿي وڃڻ.

٭ ويجهو آڻڻ، حاصل ڪرڻ، ڪمائڻ.

٭ [سن: اپارجن < اپ + ارج = ويجهو آڻڻ حاصل ڪرڻ، ڪمائڻ]

٭ [اپاريو، اپاريس، اپاريل]

● **اُپارڻُ:** [مص ـ فعل متعدي] پار پهچائڻ، مال هڪڙي هنڌان ٻئي هنڌ نيڻ.

٭ ڪڙو ڪرڻ.

٭ [ويدڪ: اتپارڻ]

٭ [مص] اُپارڻُ

٭ [امر] اُپارِ

٭ [مضارع] اُپاريان (ج) اُپاريون، اُپارين (ج) اُپاريو، اُپاري (ج) اُپارين.

٭ [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر، مونث جمع جا صيغا ڳنڍيا آهن]

٭ [حال] اُپاري ٿو (ج) اُپارين ٿا

٭ [حال مث] اُپاري ٿي (ج) اُپارين ٿيون

٭ [ماضي] اُپاريو (ج) اُپاريا

٭ [ماضي مث] اُپاري (ج) اُپاريون

٭ [مستقبل] اُپاريندو (ج) اُپاريندا

٭ [مستقبل مث] اُپاريندي (ج) اُپاريندين

٭ [اسم مفعول] اُپاريلُ

● **اپاري:** [صفت] گهڻو مصروف، اٿاه.

● **اپاريو ج اپاريا:** [صفت ـ مذ] گهڻي ڪم وارو، مشغول، اپاريو.

٭ [سن: اپارت = رڌل]

٭ پرينءَ ۾ بيٺل، پرينءَ ۾ وارو.

٭ [سن: اپار]

٭ هيڻو، ڪمزور، بي طاقت، بيوس.

٭ [سن: اپارڪ، اپاريت]

٭ [مث: اپاري ج اپاريون]

'ڪيڻن لهندم ڪي مارو ٻاڻ اپاريا' (شاهہ/مارئي).

● **اپاڙ:** [اِ ـ مث] غلطي، ڏوهہ، گناهہ.

٭ [ويدڪ ـ سن: اپار]

● **اپاڙڻ:** [مص ـ فعل متعدي] رنجائڻ، ايذائڻ.

٭ غلطي ڪرڻ، ڏوهہ ڪرڻ.

٭ [سن: اپار]

٭ پاڙئون پٽڻ، جڙ اکيڙڻ، بيخ ڪني ڪرڻ، نڏو ڪڍائڻ.

٭ [سن: (اتپت > اتپاٽن) ـ هہ: (اپاڙنا)]

٭ [مص] اُپاڙڻُ

٭ [امر] اُپاڙِ

٭ [مضارع] اُپاڙيان (ج) اُپاڙيون، اُپاڙين (ج) اُپاڙيو، اُپاڙي (ج) اُپاڙين.

٭ [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر، مونث جمع جا صيغا ڳنڍيا آهن]

٭ [حال] اُپاڙي ٿو (ج) اُپاڙين ٿا

• اُپائڻُ: [مص – فعل متعدي] پوکڻ، پوک مان اپت حاصل ڪرڻ، پيدا ڪرڻ، خلقڻ.

* ڪمائڻ (پيسو حاصل ڪرڻ).

* ڪنهن جاءِ تي گڏ ٿيل پاڻيءَ کي ٻاهر ڪيڏڻ_ ٻيڙيءَ اندر سميل پاڻي ڪيڏڻ.

* [سن: اتپت = اپلائڻ]

* [مص] اُپائڻُ

* [امر] اُپاءِ

* [مضارع] اُپائيان (ج) اُپائيون. اُپائين (ج) اُپائيو. اُپائي (ج) اُپائين.

* [زمان حال ٺاهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍبا آهن]

* [حال] اُپائي ٿو(ج) اُپائين ٿا

* [حال مث] اُپائي ٿي (ج) اُپائين ٿيون

* [ماضي] اُپايو(ج) اُپايا

* [ماضي مث] اُپائي (ج) اُپايون

* [مستقبل] اُپائيندو(ج) اُپائيندا

* [مستقبل مث] اُپائيندي (ج) اُپائينديون

* [اسم مفعول] اُپايلُ

_ اُپائِڻهارُ: [صفت_ مذ] پيدا ڪندڙ، خالق، سرجڻهار.

_ اُپائِڻِي ج اُپائِڻِيُون: [ا _ مث] پيدائش، اُپت، ڪمائي، آمدني.

_ اُپائُو ج اُپائُو: [صفت] پيدائش وارو، اپائتو، زرخيز، ڪئندڙ، ڪمائيندڙ.

_ اُپتِ: [ا – مث] پيدائش، پيداوار، ڪمائي، آمدني، حاصلات.

_ اُپتائتو ج اُپتائتا: [صفت_ مذ] اپت وارو، آمدنيءَ وارو، پيدائش وارو.

* [اپتائتي ج اپتائتيون]

_ اُپجَڻُ: [مص – فعل مجهول] پيدا ٿيڻ، نسرڻ، پوکجڻ.

* [سن: اپجن < اپ = هيٺ ريجهو + جن = ڄڻڻ]

* [اپايو اپائبو اپايل]

• اُپبَن: [ا_ مذ] جهڳٽو.

* هٽراڏو جهنگل يا باغ.

* [سن: اپ = مٺي + بن= وڻ جهنگل]

• اُپپيٽُ ج اُپپيٽَ: [ا ـخاص_ مذ] زمين جو اهو ٽڪر جنهن کي ٽن پاسن کان پاڻي ۽ چوٿين پاسي خشڪي هجي.

* [سن: اپ = ذري گهٽ + دويپ = ٻيٽ]

• اُپ ڀاشا ج اُپ ڀاشائُون: [ا _ مث] مکيه ٻوليءَ جي شاخ يا جدا نمونو نندي ٻولي، لهجو، محاورو.

* [سن_ مث: اپ + ڀاشا = ٻولي]

• اُپ ڀرنش: [ا ـخاص] معيار کان ڪريل لفظ، ڪريل ٻولي، غير معياري ٻولي، بگڙيل ٻولي.

* پراڪرت ٻولين مان تمام بگڙيل ٻولي، ويا ڪرڻ جي قانون کان هٽيل لفظ.

* [سن: اپڀرنش < اپ = هيٺ + ڀرنش = ڪرڻ]

• آپتِ: [ا_ مث] بي ويساهي، بي اعتباري، ڪپت.

* بيعزتي

* ظلم.

* [ضد: پت]

_ آپتورَتا: [صفت - مث] اهڙي عورت، جيڪا مڙس/پتيءَ جي خدمت نه ڪري، بيوفا عورت.

_ آپتيارو آپتيو ج آپتيارا، آپتيا: [صفت_ مذ] بي پتو، بي اعتبار، ڪپتيو.

* [مث: اپتياري، اپتي ج اپتياريون، اپتيون]

• اُپتاپُ: [ا_ مذ] گرمي، انت، تپش.

* سور، بيماري.

* مصيبت، بدبختي.

* [سن: اپتاپ]

● اُجاڙڻ: [مص – فعل متعدي] ويران ڪرڻ. سڃ ڪرڻ. برباد ڪرڻ. چٽ ڪرڻ.

'ڪانهي ڪاڻ ڪتڻ جي سچل ڪي،
آتڻ دوست اجاڙيون هليو ويو' (سچل).

* [مص] اُجاڙڻُ

* [امر] اُجاڙِ

* [مضارع] اُجاڙيان (ج) اُجاڙيون. اُجاڙين (ج) اُجاڙيو. اُجاڙي (ج) اُجاڙين.

* [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍيا آهن]

* [حال] اُجاڙي ٿو (ج) اُجاڙين ٿا

* [حال مث] اُجاڙي ٿي (ج) اُجاڙين ٿيون

* [ماضي] اُجاڙيو (ج) اُجاڙيا

* [ماضي مث] اُجاڙي (ج) اُجاڙيون

* [مستقبل] اُجاڙيندو (ج) اُجاڙيندا

* [مستقبل مث] اُجاڙيندي (ج) اُجاڙينديون

* [اسم مفعول] اُجاڙيلُ

_ اُجاڙَ ج اُجاڙون: [اِ _ مث] ويراني. سڃ. ٻينگ.

'ٻهوران اجاڙ، سرتيون سڪر پانڌيان' (شاهه).

* [صفت] برباد. ويران. غير آباد.

_ اُجاڙ ڪرڻ: [اصطلاح] برباد ڪرڻ. ويران ڪرڻ. سڃ ڪرڻ. ٻينگ ڪرڻ.

_ اُجاڙي ڇڏڻ: [اصطلاح] برباد ڪري ڇڏڻ. ويران ڪري ڇڏڻ.

● اِجازَت: [اِ _ مث] موڪل. منظوري.

* رخصت

* تعويذ لکڻ يا عمل ڪرڻ جي اِجازت (جيڪا مرشد يا استاد ڏئي). هدُو

* [ع: اجازت = موڪل]

_ اِجازَت خواه: [اِ _ صفت] موڪل گهرندڙ.

* [ع: اجازت = موڪل + خواه. ف: گهرندڙ]

_ اِجازَت نامو ج اِجازت ناما: [اِ _ مذ] اِجازت جي سند. مختيار نامو.

* [ع: اجازت = موڪل + نامه. ف: سند]

● اِجازو: [اِ _ مذ] سند.

* [ع: اِجازه]

'توکي اِجازو يا نبي ڪامل ڪوثرجو'

● اجاڳ ج اجاڳ: [اِ _ مذ] چلڪو. چمڪو. روشني.

* [س/ٿ]

● اُجاگر: [صفت] روشن. ظاهر ظهور. چٽو. اجرو.

* [هند]

● اُجالو: [اِ _ مذ] روشنائي. تجلو. چمڪو. سوجهرو. سهائو. اجارو. اوجر.

* [سن: اججولا]

_ اُجالين: جلوو پيدا ڪر. روشن ڪر.

* [سرا]

'عشق اجالين آب سنهالين' (بيدل)

● اُجامرُ: [اِ . خاص _ مذ] امرت جل. آب حيات.

* [سن: جامرء]

● اجامرُ جو پاڻي پيئڻ: [اصطلاح] تمام وڏيءَ عمر جو ٿيڻ.

● آجايو ج آجايا: [صفت _ مذ] بيجا. غير ضروري. بيسود. بي فائدو. بيڪار. ڪنهن ڪم جو نه. فضول. بيهودو. خواهه مخواهه. گهٽو.

* [ضد: سجايو]

* [مث: اجائي ج اجايون]

_ آجايو پاڻي ولوڙڻُ: [اصطلاح] بيسود ڪوشش ڪرڻ. اجائي محنت ڪرڻ.

● **اُجائڻُ:** [مص_فعل متعدي] پياسو ڪرڻ.

☼ [مص] اُجائڻُ

☼ [امر] اُجاءِ

☼ [مضارع] اُجائيان (ج) اُجائيون. اُجائين (ج) اُجائيو. اُجائي (ج)اُجائين.

☼ [زمان حال ٺاهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا گڏبا آهن]

☼ [حال] اُجائي ٿو (ج) اُجائين ٿا

☼ [حال مث] اُجائي ٿي (ج) اُجائين ٿيون

☼ [ماضي] اُجائيو (ج) اُجائيا

☼ [ماضي مث] اُجائي (ج) اُجائيون

☼ [مستقبل] اُجائيندو (ج) اُجائيندا

☼ [مستقبل مث] اُجائيندي (ج) اُجائينديون

☼ [اسم مفعول] اُجائيل

ـ **اُجايو. اُجيارو ج اُجايا. اُجيارا:** [صفت–مذ] اڃ وارو، اڃايل. پياسي.

☼ [مث: اجياري. اجائي ج اجياريون. اجايون].

'آءُ اڪيون تولش اجايون'.

ـ **اُڃو. اُڃيو ج اُڃا. اُڃيا:** [صفت–مذ] اڃايل. پياسي. تاسيل. تاسيارو.

☼ سڪايل.

☼ [مث: اُڃي ج اُڃيون]

'اڃيو نا آب گهري، جکيو تان طعامُ' (شاهه/آسا)

ـ **اُڃين:** [صفت] پياسين . اڃايلن.

'جنگ پيئارن جام، سندو عشق اڃين کي' (بيدل)

● **اُچ:** [ا_صفت] مٿانهون. اچو.

☼ [سن: اچ. اچّت]

● **اُچ:** [ا . خاص] قديم سنڌ جي هڪ تاريخي شهر جو نالو (جيڪو هن وقت پنجاب صوبي جي سرائيڪي علائقي ۾ شامل آهي. جتي صوفي بزرگن سُرخ جلال الدين بخاري ۽ سيد جهانيان جهان گشت جون درگاهون آهن).

● **اُچاٽ:** [ا–مذ]غرور. تڪبر. وڏائي. ڪنئوس.

☼ [سن: اچّٽا]

'جڏي من اچاٽ، سامي جڙيو سروپ سان' (سامي).

☼ بيزاري. ناراضپو.

☼ ملولائي. مايوسي.

☼ موڳائي.

☼ ڪپت. خفو.

☼ فريب. هيس. حرڪت. ڪڙنس.

☼ اڪرائي. گستاخي.

● **اُچاٽ:** [صفت] تڙيل. بيزار. اداس. بيقرار.

ـ **اُچاٽ ٿيڻُ:** [اصطلاح] ڪڪ ٿيڻُ. تڪجڻ. بيزار ٿيڻ.

ـ **اُچاٽجڻ:** [مصدر ' اچاٽڻ' مان فعل مجهول] ڪڪ ٿيڻُ. تڪجڻ. بيزار ٿيڻ.

☼[اُچاٽيو اُچاٽندو اُچاٽيل]

ـ **اُچاٽ ڪرڻ:** [اصطلاح] ڪنهن کي تنگ ڪرڻ. بيزار ڪرڻ. خفي ڪرڻ.

● **اُچاٽڻُ:** [مص – فعل متعدي] تڙي ڪڍڻ. ڌيڄاري ڪڍڻ. جادوءَ رستي دشمن يا حريف کي ناس ڪرڻ يا ان کي بيزاري ڪري ڪانئس ڏنڊو ڇڏائڻ. جدا ڪرڻ. (ٻوٽو) پاڙ کان پٽڻ.

☼ [س/ل. سن: اچّٽ. اچّاٽنا < اد + چٽ = تڙي ڪڍڻ]

☼[مص] اُچاٽڻُ

☼ [امر] اُچاٽ

☼ [مضارع] اُچاٽيان (ج) اُچاٽيون. اُچاٽين (ج) اُچاٽيو. اُچاٽي (ج)اُچاٽين

☼ [زمان حال ٺاهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا گڏبا آهن]

☼ [حال] اُچاٽي ٿو (ج) اُچاٽين ٿا

- **اڇو ڇيرو:** [اـمذ] ڇيري جو هڪ قسم. خوشبودار ٻج جو هڪ قسم (جيڪو دوا طور ڪم اچي). پسارڪي وکر جو هڪ قسم.
- **آڇو دل جو:** [صفت_مذ] صاف دل. نيڪ نيت.
- **آڇو ڏنديو:** [ا.خاص_مذ] مڇيءَ جو هڪ قسم.
- **آڇو ڏيڻُ آڇو وٺڻُ:** [اصطلاح] صاف نموني ڏيتي ليتي ڪرڻ. وهنوار سئو رکڻ. ڏيتي ليتيءَ ۾ ڪپت نه ڪرڻ.
- **آڇو ڪارتوهو:** [اـ مذ] (ترِي) جوئر جو هڪ قسم.
- **آڇو ڪُرڙو:** [اـ مذ] مڇيءَ جو هڪ قسم.
  * [س/ت]
- **آڇو ڪرڻ:** [اصطلاح] مهٽي سهٽي صاف ڪرڻ. صاف ڪرڻ. چٽو ڪرڻ.
  * ڳاهه ڳاهڻ بعد ان وائري صاف ڪرڻ.
  * بي ڏوهي ثابت ڪرڻ.
- **آڇو گرگلو:** [اـ مذ] جوئر جو هڪ قسم.
- **آڇو گلابُ:** [اـ مذ] گلاب جي گل جو هڪ قسم.
  * چانورن جو هڪ قسم.
- **آڇوگيرو:** [اـ مذ] گيري (پکيءَ) جو هڪ قسم.
- **آڇو مٿو اٿو خراب:** [محاورو] ڪراڙپ ۾ بيهودا ۽ واهيات ڪم ڪرڻ.
- **آڇو مٿو ٿيڻُ:** [اصطلاح] پيري اچڻ. مٿي جا وار اڇا ٿيڻ.
- **آڇو مٿو ڪرڻ:** [اصطلاح] پوڙهو ٿيڻ. جواني گذاري پيريءَ ۾ اچڻ.
- **آڇو منهن ٿيڻ:** [طنزاً] ڪارو منهن ٿيڻ. ڪنهن به ڪم ۾ ڪاميابيءَ بدران ناڪاميابي حاصل ٿيڻ. هارائڻ.
- **آڇو منهن ڪرڻُ:** [طنزاً] گناهه جهڙو يا جڏو ڪم ڪري پاڻ کي شرمندو ڪرڻ. بڇڙو ڪم ڪرڻ. ڪارو منهن ڪرڻ.
- **آڇي تي ڪارو:** [اصطلاح] لکيل. لکيت ۾.
  * [اـ مذ] تحرير.
- **آڇي تي ڪارو لکڻُ:** [اصطلاح] ڪوڙ لکڻ (ٻتديءَ ۾) ڪوڙي رقم داخل ڪرڻ. بي ايماني ڪرڻ.
- **آڇيرڙو ج آڇيرڙا:** [صفت_مذ:اڇي جو تصغير] ٿورو اڇو.
- **اڇيرو ج اڇيرا:** [صفت تفضيل_مذ] اڇاڻ تي مائل. ٿورو اڇو. ڪجهه اڇو.

● **اِڇو ج اِڇا:** [صفت_مذ] جهنگلي. وحشي. ٻدو.
  * [س/لس]
  * بي رحم. بي قياس.
  * ٻڪرار. ڏراڙ. ڏنار.
  * ڌاريو. اوپرو. اجنبي.
  * [سن: اششت]
  * [مت: اڇي ج اڇيون]

● **آڇوتُ ج آڇوتَ:** [صفت] نه ڇهڻ جهڙو. اهو جنهن کي ناپاڪيءَ ڪان ڇُهي نه سگهجي. پليد. ناپاڪ. نجس.
  * گهٽ ذات وارو (طبقاتي سماج ۾)
  * [سن: ا = نه + ڇپ = > ڇپت = ڇهيل]
- **آڇوت پڻو:** [اـ مذ] نه ڇهڻ جي حالت. اڇوتائي.

● **آڇوتو ج آڇوتا:** [صفت_مذ] اڻ ڇهيل. جنهن کي هٿ نه لاتو ويو هجي. ڪم ۾ نه آندل. اڻ واپرايل.
  * سٿرو. پاڪ. اڇتو.
  * تازو. محفوظ.
  * [سن: ا = نه + ڇپ = ڇهڻُ]
  * [مت: آڇوتي ج آڇوتيون]

● **اِڇون:** [اـ مذ] ڏونري جا سڪل ڏگ. پنيرُ.

● **آڇوني:** [اـ مث] ٻڪريءَ جو هڪ قسم (رنگ ڳاڙهو ڪن اڇا. ڪير جي پلي).
  * [س/ل]

● **آڇوني ريڍي:** [اـ مث] ٻڪريءَ جو هڪ قسم (رنگ ڪجهه ڳاڙهو ڪجهه ڪارو ڪجهه اڇو. سڱ سنوان ۽ ڊگها. ٿڻ پورا ٻنا).

ـ **اِحرام پائڻ:** [اصطلاح] حج جو ارادو ڪرڻ. مڪي ڏانهن سفر شروع ڪرڻ. حج لاءِ مقرر لباس اڻ سبيل ڪپڙا يا چادر پائڻ (جن سان مٿي هڻڻ ۽ پيرن کان سواءِ بيو بدن ڍڪجي).

● **احزابُ:** [اـمذ] قرآن شريف جي هڪ سورة جو نالو.

٭ قرآن شريف جو سٺهون حصو يا اڌ سيپارو (جيڪو وظيفي طور ڏينهن ۾ ٻه دفعا پڙهجي، جيئن سڄو قرآن شريف جو دور مهيني اندر پورو ٿي وڃي).

٭ ٽولا (خصوصاً مڪي جي ڪافرن جا، جيڪي رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم سان لڙائيءَ ڪرڻ لاءِ سنبري آيا هئا ۽ پاڻ سڳورن جن مديني جي چوڌاري خندق کٽائي هئي).

٭ [ع: حِزبُ ج احزاب]

● **اِحساسُ ج اِحساسَ:** [اـمذ] ڪنهن به حواس جي وسيلي معلومات، شعور، پروڙ، ڄاڻ.

ـ **احساس اُڀارڻ:** [اصطلاح] احساس يا جذبن جو جلائڻ، اذيت سهڻ، عشق جا تاوَ سهڻ، ڪاڙهڻ.

'اوباري احساس کي، رڳون روح رڏي' (استاد بخاري)

ـ **اِحساس ٿيڻُ:** [اصطلاح] معلوم ٿيڻ (ڪنهن به حواس جي ذريعي)، محسوس ٿيڻ، خبر پوڻ، قياس ٿيڻ.

● **اِحسانُ ج اِحسانَ:** [اـ مذ] مهرباني، مهر، ٿورو، ڀلائي، وڏ نيڪي، ڪرم، ٻاجهه.

٭ [ع: حسن = چڱو ٿيڻ]

ـ **اِحساناتِ:** [اـ مذ] مهربانيون، ٿورا، ڀلايون.

٭ [ع: احسان ج احسانات]

ـ **اِحسان جتائڻُ:** [اصطلاح] احسان ياد ڏيارڻ، مهرباني ظاهر ڪرڻ، ٿورو جتائڻ.

ـ **اِحسان رکڻُ:** [اصطلاح] ٿورو رکڻ، مهرباني رکڻ، وڏ ڪرڻ.

ـ **اِحسانُ فراموش:** [صفت] احسان وساريندڙ، ڳڻ چور، بي مروت، بي وفا، بي شڪر.

ـ **اِحسان ڪرڻ:** [اصطلاح] مهرباني ڪرڻ، ٿورو ڪرڻ.

ـ **اِحسانُ کڻڻ:** [اصطلاح] ٿورو کڻڻ، مهرباني کڻڻ، شڪر گذار ٿيڻ.

ـ **اِحسان گذار:** [صفت] ٿورو مڃيندڙ.

ـ **اِحسان مڃڻ:** [اصطلاح] ٿورو مڃڻُ، مهرباني مڃڻ، ڳڻ مڃڻ، شڪر گذاري ڪرڻ.

ـ **اِحسانمند:** [صفت] احسان مڃيندڙ، اِحسان هيٺ آيل، ٿورائتو، شڪر گذار، ممنون.

● **احسن:** [صفت تفضيل] تمام سٺو، وڌيڪ خوبصورت ۽ نيڪ، زور پسند، نهايت وڻندڙ.

٭ [ع: 'حسين' جو صفت تفضيل]

ـ **احسن الخالقين:** [صفت] سڀ کان سهڻو خلقيندڙ (خدا).

● **احسنتَ:** [حـندا] شاباش، تو تمام سٺو ڪيو.

٭ [ع: احسنت = تو چڱو ڪيو]

● **احشام:** [اـ مذ] نوڪر چاڪر، حشم خدم.

٭ [ع: حشم ج احشام = نوڪر چاڪر]

● **اِحصا:** [اـ مذ] ڳڻپ، ڳاڻاٽو، شمار، آدمشماري.

٭ [ع: اِحصاء = ڳڻڻ]

● **اَحقُّ:** [صفت] وڌيڪ حقدار، وڌيڪ لائق.

٭ [ع: 'حقيق' جو تفضيل]

● **احقاف:** [اـ مذ] واريءَ جا ڍير، دڙا، ڊڀون، ناس ٿيل شهر.

٭ [ا. خاص] قرآن شريف ۾ هڪ سورة جو نالو.

٭ [ع: حِقف ج احقاف]

● **احقرُ:** [صفت] وڌيڪ حقير، ڪمترين، سڀ کان گهٽ، بلڪل معمولي.

٭ ڪسر نفسيءَ لاءِ ڪم ايندڙ لفظ (جو خط يا درخواست ۾ راقم پنهنجي نالي اڳيان لکندو آهي).

٭ ناچيز، خاڪسار.

٭ [ع: 'حقير' جو تفضيل]

• **احقريت:** [اِ_مث] ڪسرنفسي، انڪساري.

• **احڪام:** [اِ_مذ] حڪمَ، امرَ، فرمان.

* [ع: حڪم ج احڪام]

_ **احڪام شرعي:** [اِ_مذ] شريعت جا حڪم يا فرمان.

• **احڪم:** [صفت تفضيل] وڌيڪ پختو، محڪم.

* [ع: 'حاڪم' جو تفضيل]

_ **احڪم الحاڪمين:** [اِ_خاص] سڀني حاڪمن کان وڌيڪ محڪم، منصف (خدا).

• **احمال:** [اِ_مذ] بار، بوجا.

* [ع: حِمل ج احمالُ]

• **اِحمالُ:** [اِ_مذ] بار کڻائڻ جي حالت.

* [ع: حمل]

• **احمد:** [صفت] گهڻو ساراهيل، سڀ کان وڌيڪ ساراهيل.

* [اِ_خاص] حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه و آله وسلم جن جو ازلي نالو.

* [ع: 'حميد' جو اسم تفضيل < حمد = ساراهڻ]

'احد، احمد پاڻ ۾ وچان 'ميم' فرق' (شاهه).

_ **احمد آباد:** [اِ_خاص] سنڌ جو هڪ شهر (جيڪو شاهپور چاڪر تعلقي شهدادپور ضلعي سانگهڙ طرف واقع آهي. ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ ميان محمد مراد ياب ڪلهوڙي جي گاديءَ جو هنڌ هو).

* ڀارت جي رياست گجرات جي گاديءَ جو هنڌ.

_ **احمدي:** [صفت] رسول پاڪ صلي الله عليه و آله وسلم جن ڏانهن منسوب.

* [اِ_خاص] پنجاب جي هڪ متنبي مرزا غلام احمد جا پوئلڳ، قادياني.

* هڪ سونو سڪو.

• **اَحمداڻي:** [اِ_خاص] هڪ ذات جو نالو

• **اَحمدزئي:** [اِ_خاص] هڪ ذات جو نالو (قلات جي بلوچ تاجدارن جو هڪ قبيلو جنهن کي قنبراڻي به چون).

• **اَحمرُ:** [صفت] ڳاڙهو، سرخ، رتو، لال.

• **اَحمران:** [اِ_مذ] ٻه ڳاڙهيون شيون يعني گوشت ۽ شراب يا سون ۽ زعفران.

• **اَحمقُ ج اَحمق:** [صفت] گهٽ عقل وارو، بي عقل، بيوقوف، نادان، مورک، چسو، ڀوڪ، ددستو، چريو، متين موڙهل.

'ٻرائين دهلين احمق نچي'.

• **اَحمقاڻ:** [صفت_ظرف] احمق وانگر، بيوقوفيءَ سان.

_ **اَحمقاڻو:** [صفت_مذ] بي ترتيبيءَ وارو، نادانن جهڙو، چريائيءَ وارو، مور کاٽو (ڪم).

* [مث: احمقاڻي]

_ **اَحمقپائي:** [اِ_مث] ڀوڪپائي، ناداني، بي وقوفي، چٽپائي.

_ **اَحمقپڻو:** [اِ_مذ] احمقپائي، بيوقوفي.

• **اَحوالُ ج اَحوالَ:** [اِ_مذ] بيان، ذڪرُ، ڪيفيت، حالت، خبر، معلومات، چاڻ.

* [ع: حالُ ج احوال_ سنڌيءَ ۾ واحد طور ڪم اچي]

'احوال عاجزن جا، آڪج لڳ الله' (شاهه/ڪنڀات).

_ **اَحوالات:** [اِ_مث] 'حالُ' جو جمع الجموع.

* احوال، بيان، ڪاروبار يا تندرستيءَ جي حالت.

_ **اَحوال ٻڌائڻُ:** [اصطلاح] بيان ٻڌائڻ، حالت ٻڌائڻ، خبر چار ٻڌائڻ.

_ **اَحوال پرسي:** [اِ_مث] پڇا ڳاڇا (صحت بابت)، خبر چار وٺڻ (ڪنهن خاص واقعي جي يا ملڪ جي)، ڪاروبار يا صحت جي حالت لاءِ پڇا.

_ **اَحوال ڏيڻُ:** [اصطلاح] حالُ ٻڌائڻ، حالُ اورڻُ، خبر چار ڏيڻ، ذڪر ڪرڻ.

_ **اَحوال وٺڻُ:** [اصطلاح] خبر وٺڻ، سڌ سماءُ لهڻ، خبر چار پڇڻ.

• **آحولُ:** [صفت] اهو ماڻهو جيڪو ڪڏهن ڪڏهن هڪ شيءِ کي ٻه ڏسي، ٽيڏو، ڪج چشم.

* ٽگُ، لچو.

ـ **اَحياءُ:** [صفت] جيئرا، زنده.

* [اـ مذ] پاڙا، قبيلا.

* [ع: حي ج احياء]

ـ **اَحياء و اموات:** [اـمذ] جيئرا ۽ مئا، مئا جيئرا.

• **اَحياءُ:** [اـمذ] جيئري ڪرڻ جو عمل، روح ڦوڪڻ جو عمل، نئين زندگي.

• **اَحياءُ العلوم:** [اـ خاص] امام غزالي (رحه) جي مشهور ڪتاب جو نالو

• **آخ:** [اـمذ] ڪنگهڻ يا کانگهاري ڪڍڻ جو آواز.

* حقارت جو آواز.

ـ **آخ آخ:** [اـمث] ڪنگهڻ يا کانگهاري ڪڍڻ جو آواز.

ـ **آخ ٿو:** [اـمث] اخ اخ، لعنت ملامت جو آواز، ٿوا.

• **اَخُ ج اَخَ:** [اـ مذ] ڀاءُ، ادو، برادر، دوست.

* [ع: اَخَ ج اِخوان]

* [اخي = ادا، يا اخي = او ادا]

• **اَخبارَ ج اَخبارُون:** [اـ مث] اهو ڇپيل پنو جنهن ۾ خبرون ڏنل هجن، خبرن جو پرچو.

* [ع: خبَر ج اخبار، سنڌيءَ ۾ واحد طور ڪم اچي]

ـ **اَخبارات:** [اـ مث ـ ج] اخبارون (اخبار جو جمع).

ـ **اَخبارنويس:** [اـمذ] اخبار جو لکندڙ، ادارت ڪندڙ، سمپادڪ، ايڊيٽر.

* [ع: اخبار + ف: نويس]

ـ **اَخبار نويسي:** [اـمث] اخبار لکڻ يا ڪڍڻ جو ڪم، ايڊيٽري، صحافت.

ـ **اَخباري:** [صفت] اخبار جي، اخبار واري (خبر).

* اخبارون وڪڻندڙ، هاڪر.

• **اخت:** [اـ مث] ڀيڻ، همشيره.

* [ع: اختُ ج اخواتُ]

• **اِختتام:** [اـ مذ] انت، ڇيهه، آخر، انتها، تڪميل، پورائي.

* [ع: ختم = پڄائي]

• **آختر:** [اـ مذ] اوڇڻ، بسترو، هنڌ.

* [س/ل — سن: استر = وڇڻ]

ـ **آختر بختر:** [اـمذ] ٽپڙ ٽاڙي، سامان سٽو، هنڌ اوڇڻ.

• **اَختَرُ ج اَختَرَ:** [اـ مذ] تارو، ستارو، نجم، گره.

* بخت، ڀاڳ، نصيب.

* [ف: اختر = تارو]

'بلند اختر، نيڪ اختر = چڱي ستاري يا بخت وارو.'

• **اختر دمدار:** [اـ مذ] پڇڙ تارو.

ـ **اختر شمار:** [صفت] تارا ڳڻيندڙ، تارن جي علم جو ڄاڻو، جوتشي، نجومي.

ـ **اختر شماري:** [اـ مث] تارن ڳڻڻ جو ڪم، جوتش، نجومت.

* محبت يا انتظار ۾ تارا ڳڻڻ

ـ **اختر شماري ڪرڻ:** [اصطلاح] تارا تڪڻ، انتظار ڪرڻ، رات جاڳڻ.

ـ **اختر شناس:** [صفت] تارا سڃاڻيندڙ، جوتشي، نجومي.

ـ **اختر ضمير:** [صفت] داناءُ، ڏاهو، عاقل.

ـ **آختري:** [اـ مذ] اڳڪٿي ڪندڙ، نجومي.

• **اِختراعُ:** [اـ مذ] ڪنهن نئين شيءِ جي ايجاد، نئون خيال.

ـ **اِختراعات:** [اـمذ] ايجادون.

ـ **اِختراع ڪرڻ:** [اصطلاح] ايجاد ڪرڻ، ڪا به شيءِ نئين سر پيدا ڪرڻ يا ٺاهڻ.

• **اِختِصارُ ج اِختِصارَ:** [اـ مذ] ڪنهن ڊگهي ڳالهه جو سرسري احوال، تت، خلاصو، تات پرچ، حاصل مطلب، مختصر مطلب.

* [ع: خصر = مختصر ڪرڻ، گهٽ ڪرڻ]

٭ ايڪتا، بي مثل، بينظير، بي نياز (خداتعاليٰ)، جيو آتما ۽ پرماتما جي هڪ ٿي وڃڻ واري حالت. وحدانيت.

٭ [سن: اَ = نہ + دويت = دوئي، ٻيائي = ٻيائيءَ کان پاڪ]

● **آدهہ:** [اِ_ مذ] ادائگي، پورائي، نبيرو.

٭ [ع: اداء = پورو ڪرڻ]

_ **آدهہ ڪرڻ:** [اصطلاح] ڪنهن ڳالهہ يا معاملي کي نبيري پورو ڪرڻ، فيصلو ڪري ختم ڪرڻ.

● **آدهم:** [اِ. خاص _ مذ] ڪارو گھوڙو.

٭ هڪ وڏي صوفي بزرگ 'ابراهيم بن ادهم' جو والد.

● **آدي:** [اِ_صفت] اُڀرندڙ، مٿي چڙهندڙ (سج، گرهہ، ڪکر وغيره).

٭ اُڀرندي وارو جبل (جنهن جي پٺيان چٽيو آهي تہ سج اڀري ٿو).

٭ تيج، روشنائي، ڏئو.

٭ [سن: ادئہ - ادت = سج]

_ **آدي ٿيڻ:** [اصطلاح] اُڀرڻ، مٿي چڙهڻ (سج).

● **آدي ج آديون:** [اِ_ مث] ڀيڻ، جيڏي، ساهيڙي، سَرتي.

٭ ڀيڻ کي مخاطب ٿيڻ جو لفظ

_ **آدي ٻڙي:** [اِ- مث] بيوقوف عورت.

● **آدي ج آديون:** [اِ _ مث] شڪار ڪرڻ لاءِ لڪي وهڻ جي جاءِ، ڪٽڻي مورچو

٭ [س/ ات/ت]

● **آدياپن:** [اِ - مذ] ڏرمي ريت رسم (جنهن ۾ ورت وغيره ختم ڪيو ويندو آهي جهڙي نموني مسلمان روزو افطار ڪندا آهن).

● **آديان:** [اِ _ مذ] دين، مذهبَ.

٭ [ع: دين ج اديان]

● **اُديان:** [اِ- مذ] ميون جو با غ، واڙي، با غ.

● **آدياڻي:** [اِ. خاص] مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو، رستماڻين جو هڪ پاڙو.

● **آديبُ ج آديبَ:** [اِ_ مذ] علم ادب جو چاڻو، ساهتڪار، ودوان، فاضل، سهڻي لکت رکندڙ.

٭ [صفت] ادب وارو، خوش خلق، شريف، نيڪ سيرت.

٭ [ع: اديب ج ادباءَ]

٭ [مث: اديبہ ج اديبائون]

● **آديس آديش:** [اِ-مذ] پرديس، ڏاريو ملڪ، غير ملڪ، پرڏيهہ.

٭ [ضد: 'ديس' يا 'ديش']

٭ [سن: ا = نہ + ديش = ملڪ]

● **آديشُ ج آديشَ:** [اِ_ مذ] طرف ڏانهن اشارو، طرف، مقرر جاءِ، هنڌ.

٭ رهنمائي، سونهپ، رهبري.

٭ سمجهاڻي، مختصر بيان.

٭ تسميت (ڪنهن بہ شيءِ جو نالو ڏيڻ).

٭ تعين، تمثيل.

٭ شرط، وهنوار.

٭ مراد، وشي.

٭ [سن: اديش (اد = مٿي + دش = ڏيکارڻ) طرف ڏيکارڻ، طرف ڏانهن اشارو ڪرڻ، اعلان ڪرڻ، تعين ڪرڻ، وصف ڪرڻ، آڳڪٽي ڪرڻ، سمجهائڻ، سيکارڻ]

● **اُديش:** [اِ_مذ] ارادو، نيت، مراد، مطلب، وشيہ.

● **آديم:** [اِ_ مذ] يمن ۾ ٺهندڙ خوشبودار چمڙو، اڌوڙ.

● **آدويگ:** [اِ_ مذ] قاصد، رهبارو، پيغام پهچائيندڙ.

٭ دپ، ڏڪڻي.

٭ جوش.

• **آڏوڪو ج آڏوڪا:** [صفت –مذ] آڏو پاسي ۾، پاسيرو.

* [س/ڪرم]

* [مث: آڏوڪي ج آڏوڪيون]

• **آڏومُ ج آڏومَ:** [صفت _ ظرف] اڻ ڳڻيو بي انداز، بيشمار.

* [س/ل]

• **آڏومُڪ:** [صفت] (تپسيا ۾) ڪنڌ هيٺ ڪري ويهندڙ، مراقبي ۾ ويٺل، سرنگون.

* شرم ۾ ٻڏل.

* [سن: ادش = هيٺ + مک = منهن]

• **آڏو وَٽو:** [ا _مذ] اها زمين جا سنئين نہ هجي، ناهموار زمين.

* [س/ اٽ]

• **اِڏوئي ج اِڏويون:** [ا –مث] اڏوهي (ڪاٺ کائيندڙ جيت).

* [س/ٿ]

• **اُڏهڻ:** [مص –فعل لازمي] اڏڻُ، اصلوڪي جاءِ ڇڏڻ.

* مٿي کجي پوڻ.

* [س/اٽ]

* [اُڏهيو، اُڏهيا، اُڏهي، اُڏهيون، اُڏهندو، اُڏهندا، اُڏهندي، اُڏهنديون، اُڏهيل]

• **اَڏِي:** [صفت/ظرف] اڃو، مٿاهون، وڏو.

* سرسري، مٿان مٿان.

* اڌ، اڌ دمڙي (هڪ ننڍو سڪو)، اڌ ٿانُ (ڪپڙي جو).

* [س/ٿ —سن: اڌ = مٿان]

• **آڏياءُ:** [ا– مذ] باب، وڏيل حصو، ڀاڱو، ورڇيل جزو، اڌڙڪيل، ورهايل.

• **اَڏِي راج:** [ا–مذ] راجائن جي مٿان راجا، مهاراجا، وڏو راجا.

• **اُڏِي ج اُڏِيون:** [ا –مث] زيادتي، واڌ، وڌڪ.

* فائدو، لاڀ، نفعو، واڌارو.

* [سن: اڌڌا = مٿي چڙهڻ]

• **اُڏِي کُٽِي:** [ا_مث] گهاٽو واڌو، نفعو نقصان، واڌ کوٽ.

• **اُڏِي کُٽِيءَ ۾ گڏ هئڻ:** [اصطلاح] نفعي نقصان ۾ شامل هئڻ، هر حالت ۾ شريڪ هئڻ.

• **آڏيچا:** [ا. خاص] مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **آڏيرَ، آڏيڙ ج آڏيرون، آڏيڙون:** [ا – مث] ڪاٺيءَ جي ڏگهي ڇپر جيڪا ٻيڙيءَ جي ٻنهي پاسن وارن تختن جي وچ ۾ لڳائي وڃي.

• **آڏيرُ ج آڏِيرَ:** [صفت] جنهن کي ڌيرج نہ هجي، بي سڪون.

* اُبهرو، بي صبر، تڪڙو.

* پاڻ ۾ اعتبار نہ رکندڙ، پورالو، ڦرڻو گهرڻو.

* چنچل سڀاءُ وارو.

* ناتجربيڪار.

* جهيڙاڪار.

* اَياڻو منجهيل.

* [سن: ا = نہ + ڌير = ڌيرج، صبر]

• **آڏيرتا:** [ا_ مث] اُبهرائي، بي صبري، هوڙهيائي، بي سڪوني.

* مونجهہ.

* اَياڻپ.

_ **آڏيرج:** [ا_ مث] ڪچائي، بي سڪوني، بي صبري، غير مستقل مزاجي.

* مونجهہ.

* [صفت] اَڻ پختو، چنچل.

* ڏَڏڙو، لچڪڻو.

* [زمان حال ناھڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر، مونث جمع جا صيغا گڏيا آھن]
* [حال] اُڏاري ٿو(ج) اُڏارين ٿا
* [حال مت] اُڏاري ٿي (ج) اُڏارين ٿيون
* [ماضي] اُڏاريو(ج) اُڏاريا
* [ماضي مت] اُڏاري (ج) اُڏاريون
* [مستقبل] اُڏاريندو (ج) اُڏاريندا
* [مستقبل مت] اُڏاريندي (ج) اُڏاريندون
* [اسم مفعول] اُڏاريل

● **اُڏار ج اُڏارون:** [اـ مت] اُڏائي. اُڏام. پرواز. مٿي چڙھڻ. بلندي
* پاڇ. پاڇڙ.

ـ **اُڏاري ج اُڏاريون:** [اـ مت] اڏام. اڏار. اڏامندڙ پکين جو ولر

● **اُڏامڻ:** [مص ـــ فعل لازمي] اڏرڻ. پرواز ڪرڻ. مٿي ھوا ۾ وڃڻ
'اُڏر اوراتا، پھتا آئت اوھتو' (استاد بخاري)
* تمام تکو ھلڻ.
* پرڇڻ. ڦوندڄڻ (خوشي، فخر يا غرور ۾).
* پاڻ کي ڪجھ سمجھڻ. غرور ڪرڻ.
* وڙھڻ لاءِ تيار ٿيڻ.
* [سن: اڊين = اڏامڻ]
* [اُڏاميو، اُڏاميا، اُڏامي، اُڏاميون، اُڏامندو، اُڏامندا، اُڏامندي، اُڏامنديون، اُڏاميل]

ـ **اُڏام:** [اـ مت] اڏامڻ جي حالت. اڏائي. پرواز.

ـ **اُڏامڪ:** [صفت] اڏامڻ لائق (پکي، جوپچو). اڏامندڙ پکين جو ولر

ـ **اُڏامڪي:** [اـ مت] اڏام. اڏاري. اڏائي.
* خيال جو پرواز. امنگ.

ـ **اُڏام کٽولي ج اُڏام کٽوليون:** [اـ مت] اڏامندڙ کٽ. اڏندڙ کٽولي.

* پراڻين تصوراتي ڪھاڻين ۾ ذڪر ھيٺ آيل اڏامندڙ کٽ.
* ھوائي جھاز. وماڻ.

ـ **اُڏامندو پکي سُجاڻڻ:** [اصطلاح] دور انديش نظر. وڏي نظر. عقل وارو ھئڻ. تيز فھم ھئڻ

ـ **اُڏامي آڻڻ:** [اصطلاح] جلدي ڪٽي اچڻ. تکڙو ڪم ڪرڻ
'جي ڏمريا ڪنھن ڏوٽ، سي اڏامي آڻ پرين' (شاھ/پورب).

ـ **اُڏامي اَچڻ:** [اصطلاح] اڏري اچڻ. تمام تکو يا جلد اچڻ. پرواز ڪري اچڻ.
* ڪنھن شيءِ جو پاڻمرادو پھچي وڃڻ.
* مٿان مٿان اچڻ (جنھن ۾ ڪنھن کي خبر نہ ھوي)
'آ اڏامي ڪانگڙا، پارانھان پچار' (شاھ/پورب).

ـ **اُڏامي وڃڻ:** [اصطلاح] اڏري وڃڻ. پرواز ڪري وڃڻ. جلد وڃڻ. جھٽ پٽ وڃڻ.
* گم ٿي وڃڻ. ھوا ٿي وڃڻ.

ـ **اُڏامي ويندڙ:** [صفت] تمام ھلڪو. خفيف.
* گم ٿيندڙ.

ـ **اُڏاٽس:** اڏامي ويس.
'بيک بنائي عيسوي، اڏاٽس آسمان' (بيدل)

ـ **اُڏائڻ:** [مصدر 'اُڏ' مان فعل متعدي] اڏارڻ. پرواز ڪرائڻ.
* غائب ڪرڻ. گم ڪرڻ. لڪائڻ.
* چورائڻ. ٺڳائڻ
* لٽائڻ (ملڪيت وغيره). خرچ ڪرڻ. کپائڻ.
* کوڙي خبر ظاھر ڪرڻ.
* [مص] اُڏائڻ
* [امر] اُڏاءِ
* [مضارع] اُڏايان (ج) اُڏايون. اُڏائين (ج) اُڏايو. اُڏائي (ج) اُڏائين

- **آڏڻ:** [مص – فعل متعدي] بنائڻ، تعمير ڪرڻ، ناهڻ، جوڙڻ (جاءِ، چنو وغيره).
  * [سن: اٽَ = اوچو ڪرڻ]
  'آڏيو جو اوڏن، سو شال ڏنگهر ڏلو م ٿئي' (شاهه/ڏهر).
  * [مص] آڏڻ
  * [امر] آڏِ
  * [مضارع] آڏيان (ج) آڏيون، آڏين (ج) آڏيو، آڏي (ج) آڏين.
  * [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍيا آهن]
  * [حال] آڏي ٿو (ج) آڏين ٿا
  * [حال مث] آڏي ٿي (ج) آڏين ٿيون
  * [ماضي] آڏيو (ج) آڏيا
  * [ماضي مث] آڏي (ج) آڏيون
  * [مستقبل] آڏيندو (ج) آڏيندا
  * [مستقبل مث] آڏيندي (ج) آڏينديون
  * [اسم مفعول] آڏيل.
- **آڏي چڙهڻ:** [اصطلاح] ناهي چڙهڻ، مالا مال ڪرڻ، ورسائڻ
- **آڏاءُ:** [ا _ مذ] افواهه، هُل.
  * اڻنگو خرچ، فضول خرچي.
- **آڏاٺون:** [صفت] بي ڏنگو، بي ڪرو.
  * [سن: ا = نه + داس = ڏاهو ڏاناءُ = جنهن کي ڏاهه يا ڏانءُ نه هجي]
- **آڏايو ج آڏايا:** [صفت- مذ] آڏاٺون، بيوقوف، جاهل، مورک، بي عقل، مت جو موڙهو.
  * [مث: آڏائي ج آڏايون]
- **آڏ ٻڏ ج آڏٻڏون:** [ا_مث] اُڻ ٿڻ، پريشاني، هوراڪورا، آڏ ماڻڏ.
  'تو هنڌاڻ سيسر جي آڏ ٻڏي' (استاد بخاري)

- **آڏيڪو:** [صفت_ مذ] ٻئي کي نه سهندڙ، مسهو، اڻ سهو، حاسد.
  * [س/ٿ]
  * [مث: آڏيڪي]
- **آڏر ٿڏر:** [ا_ مث] نمونو، هلت، چال، ڍنگ، طريقو
- **آڏڻ ج آڏڻَ:** [ا _ مذ] ريچ سڪائڻ لاءِ ڪتل ڪاٺي.
  * [س/ڪ]
- **آڏو ج آڏا:** [ا– مذ] نڪاڻو، ماڳ، مڪان، هنڌ، پڙ، پڙي.
  * جوارين جو مڪان، چورن، بدمعاشن جي جاءِ، پاٽاري.
  * هوائي جهازن جي لهڻ جو ميدان يا هنڌ
  * بسن، ٽرڪن وغيره جي بيهڻ جو هنڌ
  * پرت پرڻ لاءِ چوڪٺ.
  * اٽت لاءِ ضروري سامان، اڳٺ اٽڻ جو سنجت
  * تاجي پٽڻ لاءِ ٻه چانگي يا ٻه سانگي ڪاٺي.
  * ويڙهيل سٽ جو ڍيرو.
  * ٻر يا نمونو (ڪپڙي جو).
  * پاليل پکين جي ويهڻ لاءِ پيهو يا ڪتل ڪاٺي.
  * استري ڪرڻ جو تختو.
  * قبر کي ڍڪڻ لاءِ ويڪرو پٿر.
  * ٻيڙيءَ جو ڪنو ٻيڙيءَ جي وچ م پاسن کي جدا ڪندڙ تختي جو ٽڪر (ڏڪاٽي).
- **آڏو ڳڙهڻ:** [اصطلاح] اٽت جي شروعات ڪرڻ (ڪوري)
- **اِڏو:** [ظرف] ايڏو.
  * [س/ٿ]
- **اُڏو ج اُڏا:** [ا– مذ] افواهه، ڪوڙي خبر، گپوڙو، پٽ.
- **اُڏو اُٿارڻ:** [اصطلاح] افواهه اٿارڻ، ڪوڙا هل هلائڻ.

• اُدِلهہ: [اِ_ مذ] گرهہ، تارو، چنڊ.

* [صفت] چمڪندڙ، روشن.

* [س/ ل/ ڪ_ سن: اُده = ٻاهر، تارو، چنڊ جي هڪ منزل]

• اَدمبرُ، آڊنبرُ: [اِ_مذ] وڏائي، دٻدٻو، ٺاٺ، شان شوڪت.

* [سن: ادنبره]

• اُدَمڻُ: [مص – فعل لازمي] اُٿڻُ، اُڊڻُ، تباهہ ٿيڻ، ڀڄڻ، ٿِڙڪڻ، اکيڙڻ، ڀڃڻ، کولڻ.

* گُولڻ.

* [س/ات]

* [اُدميو، اُدميا، اُدمي، اُدميون، اُدمندو، اُدمندا، اُدمندي، اُدمنديون، اُدميل]

• اُڊِڻُ: [مص – فعل لازمي] اڊڻ، ڦاٽڻ.

* ڪاوڙجڻ.

* پريشان ٿيڻ، اڊڪو ڪرڻ.

* [اُڊيو، اُڊيا، اُڊي، اُڊيون، اُڊيندو، اُڊيندا، اُڊيندي، اُڊينديون، اُڊيل]

• اُڊو ج اُڊا: [اِ_مذ] ڳڻتي، اونو، اڊڪو، الڪو، انديشو، اوسيئڙو.

'اڊو لاءِ احمد جوي، ماروئڙن مٿان.'

• اُدوڙڻُ: [مص – فعل متعدي] اکيلڻ، اديڙڻ، بخيا يا ٽاڪا کولڻ، ڦاڙڻ (ڪپڙو).

* [مص] اُدوڙَڻُ

* [امر] اُدوڙِ

* [مضارع] اُدوڙيان (ج) اُدوڙيون، اُدوڙِين (ج) اُدوڙيو، اُدوڙي (ج) اُدوڙِين.

* [زمان حال ٺاهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍبا آهن]

* [حال] اُدوڙي ٿو (ج) اُدوڙِين ٿا

* [حال مث] اُدوڙي ٿي (ج) اُدوڙِين ٿيون

* [ماضي] اُدوڙيو (ج) اُدوڙيا

* [ماضي مث] اُدوڙي (ج) اُدوڙيون

* [مستقبل] اُدوڙيندو (ج) اُدوڙيندا

* [مستقبل مث] اُدوڙيندي (ج) اُدوڙينديون

* [اسم مفعول] اُدوڙيل

• اُدير: [اِ_ مذ] صبح جي سستي يا ڳامُوڙ، آلس.

• اُديڙ: [اِ_ مذ] حامله عورت جي دل ڪچي ٿيڻ ۽ اوڪارا ڏيڻ، پيٽ واريءَ زال جا اُبڙڪا، حامله عورت ڪي شروعاتي مهينن ۾ ٿيندڙ الٽيون ۽ اوڪارا.

• اُديڙڻُ: [مص_ فعل متعدي] اکيلڻ، ادوڙڻ، بخيا اکيڙڻ، ٽاڪا کولڻ.

* [مص] اُديڙَڻُ

* [امر] اُديڙِ

* [مضارع] اُديڙيان (ج) اُديڙيون، اُديڙِين (ج) اُديڙيو، اُديڙي (ج) اُديڙِين.

* [زمان حال ٺاهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍبا آهن]

* [حال] اُديڙي ٿو (ج) اُديڙِين ٿا

* [حال مث] اُديڙي ٿي (ج) اُديڙِين ٿيون

* [ماضي] اُديڙيو (ج) اُديڙيا

* [ماضي مث] اُديڙي (ج) اُديڙيون

* [مستقبل] اُديڙيندو (ج) اُديڙيندا

* [مستقبل مث] اُديڙيندي (ج) اُديڙينديون

* [اسم مفعول] اُديڙيل.

_ اُديڙي ڇڏڻُ: [اصطلاح] ڏاڍي مار ڪرڻ، سخت سزا ڏيڻ، سٽي، ڪٽي، ڦٽي ڇڏڻ.

- آڏنگائِي ج آڏنگائيُون: [اـ مث] نالائقي، بڇڙي عادت، بدچالي، ڪلڇڻائي.
- اِڏو ج اِڏا: [اـ مذ] آخرانتها، ڇيهه، حد، دنگ.
※ [س/ل]
※ اوچائي، لنبائي.
※ درجو، مرتبو.
※ دڙو، نشان.
※ عادت.
- آڊوري: [اـ مث] ٿوري گاهه وارو چراگاهه، چن، سيم.
※ [س/ل]
- اُڊيچا: [اـ خاص] مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.
※ [س/ٺ]
- آذانَ ج آذانُون: [اـمث] بانگ، نماز لاءِ سڏ يا ڪوٺ.
※ [ع: اذن - هن ڪوليو، هن اجازت ڏني]
'صائم سڪي جيئن، اذان جي آواز کي' (شاهه/مارئي).
- آذان ڏيڻ: [اصطلاح] بانگ ڏيڻ.
- اُذبَڪ، اُذبَڪَ: [اـ خاص ـ مذ] اذبڪستان جو رهواسي.
※ تاتاري ترڪن جو هڪ قبيلو (جيڪو چنگيزخان سان گڏ آيو هو)
※ ڏاڍو مڙس، زبردست، ظالم.
- اُذبَڪيون ٻَڪڻ: [اصطلاح] فضول بڪواس ڪرڻ، اَجايو ڳالهائڻ، بيهودو ٻَڪڻ، ڊونگل هڻڻ، وِقلڻ.
- اُذبَڪيُون هَلڻ: [اصطلاح] اُجائڻ، تنگ ڪرڻ، ستائڻ، ڏاڍايون ڪرڻ، زيادتي ڪرڻ.
- آذخارَ: [اـ مذ] ذَخيرا، انبار، خزانہ، پونجي، گدام.
※ [ع: ذَخر ج اذخار]
- اِذخِرُ: [اـ مذ] پسارڪي وکر جو هڪ قسم، جبل ۾ پيدا ٿيندڙ خوشبودار گاهه جيڪو دوا طور ڪم اچي.
※ پٿر ڦوڙي، سسئيءَ جو پٽر.
- اِذخَرُ مڪِي: [اـ مذ] اِذخر جو هڪ قسم، هڪ وکر.
- آذفَرُ: [صفت] تيز خوشبودار، خالص (مشڪ اَذفر وغيره).
※ [ع: 'ذفر' جو تفضيل]
- آذڪارَ: [اـمذ] ذڪر، ڏڻيءَ جي يادگيريءَ ۾ دعائون ۽ ساراهون، بيان، ڳالهيون.
※ [ع: ذڪر ج أذڪار]
- آذڪِياءَ: [اـ مذ] تيز فهم، ذهن و ذڪاوت وارا، ذهين.
※ [ع: ذَڪي ج أذڪياءَ]
- آذَل: [صفت] سڀ کان وڌيڪ ذليل، نهايت حقير، رذيل.
※ [ع: 'ذليل' جو تفضيل]
- اِذلال: [اـمذ] ذلت، خواري.
※ [ع: ذليل ڪرڻ]
- آذَل: [اـ مذ] نقصان، اجل، بد بختي.
- آذَل ڪٽڻ: [اصطلاح] نقصان کي سڏ ڪرڻ، ڪُتي ڪڻڻ، گهاٽو پوڻ.
※ [س/ات: 'اَجل ڪٽڻ' جي بگڙيل صورت]
- اِذنُ ج اِذنَ: [اـ مذ] اجازت، رخصت، موڪل.
※ امر، حڪم، فرمان.
※ رضا.
'امر اذن جي ساڻ الله، آيو گهوٽ ڪٽي گهرواهه'.
- اِذنُ الله: [اـمذ] الله جو حڪم.
- اِذنُ ڏيڻ: [اصطلاح] امر ڪرڻ، حڪم ڏيڻ، تعويذ، وظيفي وغيره جي اجازت ڏيڻ.
- اِذنُ عام: [اـمذ] عام حڪم، لاش دفنائڻ کان پوءِ ڪانڌين کي ڏنل اجازت (جنهن ۾ اجازت ڏني آهي ته جنهن کي ڪم هجي سو هلي وڃي).
- اِذنُ مجائڻ: [اصطلاح] پنهنجي ڳالهه جي پوٺواري ڪرائڻ، حڪم مڃائڻ.

※ [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر، مونث جمع جا صيغا گڏيا آهن]

※ [حال] اُراٿي ٿو (ج) اُراٿين ٿا

※ [حال مث] اُراٿي ٿي (ج) اُراٿين ٿيون

※ [ماضي] اُراٿيو (ج) اُراٿيا

※ [ماضي مث] اُراٿي (ج) اُراٿيون

※ [مستقبل] اُراٿيندو (ج) اُراٿيندا

※ [مستقبل مث] اُراٿيندي (ج) اُراٿينديون

※ [اسم مفعول] اُراٿيل

● **آراجَڪُ:** [صفت] بنا راجا جي (ملڪ)، بنا واليءَ نڌڻڪو ملڪ.

※ [سن: اراجڪ = اَ = نه + راجڪ = راجا = بي راجا، بي والي]

- **آراجَڪتا:** [اِ_ مث] انتشار، بادشاهه گردي، بدامني، طوائف الملوڪي، وڳوڙ.

- **آراجَڪ وارِي:** [صفت] انتشار پکيڙيندڙ، فسادي، وڳوڙي.

● **اِرادت:** [اِ_ مث] ارادو، تقدير، خواهش، گهرج.

※ [ع: اِرادۃ = **گهرڻ**]

**'اڪر ارادت جو ڌريان ٿي ڌوتوم' (شاهه/حسيني).**

※ اخلاص، اعتقاد.

● **اِرادتاً:** [ظرف] ارادي سان، سعيو ڪري، ڄاڻي ٻجهي، ڄاڻي واڻي، قصدًا، هاسيڪار.

- **اِرادتمَند:** [صفت] اميد رکندڙ، اميدوار.

※ عقيدت مند، مريد، مخلص، پوئلڳ.

※ [ع: اِرادت=عقيدت، احترام +مند (ف) = وارو، مريد، اعتقاد رکڻ وارو]

- **اِرادتمَندي:** [اِ_مث] خلوص، نيڪ نيتي.

※ اعتقاد، مريدي.

● **اِرادو ج اِرادا:** [اِ_مذ] نيت، مرضي، تمنا، آرزو، اِڇا، قصد.

※ اميد، مراد.

※ ڀروسو، وسواهه، يقين.

※ تقدير، رب جي رضا، قسمت، لکيو، نصيب.

※ [ع: اِرادۃ = **گهرڻ**]

- **اِرادو ڪَرڻ:** [اصطلاح] تمنا ڪرڻ، خواهش رکڻ، قصد ڪرڻ، نيت ڪرڻ.

● **آراڏو ج آراڏا:** [صفت_ مذ] آراڏو، مختلف، الڳ، جدا، نرالو، نيارو، ٻيو.

※ [ع: علحده = جدا]

※ [مث: آراڏي ج آراڏيون]

● **آرارو ج آرارا:** [اِ_ مذ] مڙيل، بگڙيل، ڦڏو، ڏنگو، وريل.

※ اڙٻو، اهنڊ، ڪرڙو، خشڪ مزاج.

※ اَليلو، سرڪش، دادلو، لاڏلو.

※ [سن: اَرال = ڏنگو]

● **آراسِ:** [صفت] جيڪو راس ٺيڪ نه هجي، اڌ پورو، اڌورو، اڻپورو، ناقص.

※ [ضد: راس]

※ [اِ_ مث] آرس، موڳائي، ڌوتاٽپ، سستي، ڪاهلي.

● **اِراضي ج اِرَاضيون:** [اِ_ مث] ايراضي، زمين ٽڪر جي پکيڙ يا ماپ.

※ [ع: ارض ج اراضي]

● **آرَاڪين:** [اِ_ مذ _ جمع] ٿنڀا.

※ ميمبر، ڪارڪن.

※ [مجازا] حڪومت يا ڪاروبار سنڀاليندڙ ماڻهو.

※ [ع: رُڪن ج ارڪان، ارڪان جو جمع اراڪين]

- **آراڪين سلطنت:** [اِ_ مذ] حڪومت جا ڪارندا، اربابِ حڪومت، امير امراء، وزير مشير.

- اُرجهو ج اُرجها: [صفت_ مذ] ازيل، ڦاٿل، منجهيل.
* گمراهه.
* [ضد: سرجهو]
* [مث: اُرجهو ج اُرجها]

● اَرُڃ: [ا_ مث] ڪراهت، بيچان، نفرت.
* ڪچي دل، بي سوادائي.
* بک نه لڳڻ.
* [سن: ارچ = اڻ وڻندي]

● اِرچڪ مِرچڪ: [ا_ مث] هڪ ٻارائيءَ راند جا پهريان ٻه لفظ ( 1. اِرچڪ مرچڪ، ڏاڏا ڏرچڪ، آگ پڇيهن ٽوپ ٽيهن لوهو لاڪون، چنڻ گهاتون، نانگڻ جوڳڻ، ڪارا ڪتي، اٽي ٻٽي، هتي چتي – 2. ارچڪ مرچڪ، ڏاڏا ڏرچڪ، آڳ پتولڻ، نانگڻ جوڳڻ، ڪارا ڪتا، ٻتا چتا)

● اَرچڻُ: [ا _ مذ] اٽڪ، رنڊڪ، روڪ، پچڪڙي، ڪاٻاري، تڪليف، ڏکيائي، مشڪلات.

● اَرچو ج اَرچا: [صفت_ مذ] ڏکيو، سڃو، ڏنڊيل.
* [س/ ڪوهه]
* [مث: اَرچي ج اَرچيون]

- اَرچي جُوءِ: [ا_مث] اهو هنڌ جتي گاهه جو چارو نه هجي يا گاهه اهڙو هجي جنهن جي ڪاٽڻ سان مال نه ڪير ڪري ۽ نه متارو ٿئي.

● اَرحم: [صفت] سڀ کان وڌيڪ مهربان يا رحم وارو.
* [ع: 'رحيم' جو تفضيل]

- اَرحم الراحِمين: [صفت] سڀني ٻاجهارن ۾ وڌيڪ ٻاجهارو (خدا تعاليٰ).

● اُردُ ج اُردَ: [ا_ مذ] اژد، لشڪر، ماڻهن جو انبوهه يا دنبلو، هٿيار بند سپاهي.
* [ تر_ اردو: لشڪر، ڇانوڻي]
* دال جو هڪ قسم.

- اُردابيگ: [ا_مذ] فوجي ماڻهو، خاص خيل.

- اُردابيگي: [ا_مث] حرم ۾ انتظام رکندڙ پهريدار خادم يا ٻانهي

'جت اچن نه اُردابيگي، ات ڪوڻايو آمين' (شاهه/سورٺ).

- اُردائي: [صفت] اردابيگ، خاص ماڻهو، خدمتگار.

● آرداس ج آرداسون: [ا_مث] عرضداشت، سوال، التجا، عاجزي، عرض، گذارش، منٿ، نيزاري، پڪار، صدا.

'اپينديون اُرداس ۾، ٻي نه ڪنديون ڪا' (شاهه/آسا)

'يا خدا استاد جي ارداس ٻڌ' (استاد بخاري)

* پيتا، موڪا، نذرانو، هديو.
* [ع: عرض + ف: داشت]
* [سن: ارٿ، ارد = عرض ڪرڻ + آشاب، آس]

- آرداس ڪرڻ: [اصطلاح] التجا ڪرڻ، عرض ڪرڻ، وينتي ڪرڻ
* نذرانو رکڻ، هديو ڏيڻ.

- آرداسڻُ: [مص – فعل لازمي] التجا ڪرڻ، گذارش ڪرڻ، منٿ ڪرڻ، نيزاري ڪرڻ، وينتي ڪرڻ.

'ارداسيم عمر کي، ويجهو ٿي وتانس' (شاهه).

* پيتا ڪرڻ، نذرانو ڏيڻ، هديو ڏيڻ.
* [ارداسيس اُرداسيا، اُرداسي، اُرداسيون، اُرداسندو، اُرداسندا، اُرداسندي، اُرداسنديون، اُرداسيل]

● آرداش: [ا_مث] چاڪري، غلامي، نوڪري (عرضداشت جو بگڙيل عام لفظ).
* [ع_ ف: عرضداشت]

● آردشير: [ا_ خاص _ مذ] ساساني گهراڻي جو پهريون شهنشاهه.

● اِرد گِرد: [ظرف] آسپاس، چوڦير چوڌاري، چوگرد، گردونواح.
* ['اِرد' بي معنيٰ لفظ + ف: گرد = چوڌاري]

• آرڙوج آرڙا: [اـمذ] هُل، بکيڙو فساد، ڦڏو جهيڙو ضد.

* [س/ل]

* [صفت] ارڙو ڏاڍو ڏنگو، زوراور، ڪرڙو.

* [سن: ارل = ڏنگو]

ـ آرڙائي ج آرڙائيون: [اـمث] آرڏائي، ڦڏائي، فتني بازي.

ـ آرڙو پڏڻ: [اصطلاح] اَجايو ضد ڪرڻ، ڦڏو وجهڻ، تڪرار ڪرڻ، جهڳڙو ڪرڻ.

ـ آرڙو ڪرڻ: [اصطلاح] ڦڏو پڏڻ، زبردستي ڪرڻ، زوراوري ڪرڻ، آڙي پڏڻ.

ـ آرڙي ج آرڙي: [صفت] ارڏو، ارڙو، ڦڏائي، ڦڙتي باز.

•اُرڙي: [ا-مث] خسرو، ننڍي ماتا، هڪ بيماري (جيڪا گهڻو ڪري ٻارن ۾ ٿئي)، معتدي بلا.

* اُهنج، آزار.

'گگهنديون گهٽين ۾ وٽن، اڙ روڪيون اُرڙيون' (استاد بخاري)

• ارزان: [اـصفت] سستو، گهٽ قيمت، سهانگو.

* [ف: ارزان = سستو]

ـ اَرزاني ج اَرزانيون: [اـمث] سستائي، سهانگائي.

* [ف: ارزاني]

• آرَسُ ج آرَس: [صفت] بي سوادو، بي مزي، ڦڪو، ڪچو.

* [سن: ا = نہ + رس = رس، يعني بنا رس جي]

• آرس ج آرسُون: [اـمث] گاڏيءَ جي دري، سرائي.

* آرسي، ايس، ڪاني.

* [س/ل]

• آرَسُ ج آرَس: [اـمذ] دوا طور ڪم ايندڙ هڪ قسم جي ٻوٽي.

* [سن: ادرش]

• اِرسالُ: [اـمذ] خط يا شيءِ جي روانگي، موڪلڻ.

* [ع: رسل]

ـ اِرسال خدمت: [اصطلاح] خدمت ۾ موڪلڻ.

ـ اِرسال عرض: [اـ مذ] پيسن جمع ڪرائڻ بابت پيسن سان گڏ موڪليل خط، چالان.

ـ ارسال ڪرڻ: [اصطلاح] موڪلڻ، اماڻڻ (خط وغيره)

ـ اِرسالُ نامو ج اِرسال ناما: [اـ مذ] بيجڪ، فهرست، سامان جي وچور، گهرايل يا موڪليل مال جو تفصيل، آگهوتري، چيرو.

• آرساٽو: [اـمث] سستي، ڍرائي، نستائي، غنودگي، اوتار.

• آرس پرس: [اـمث] ناپاڪ شيءِ کي ڇهڻ يا پليدي، ڇوت، ناپاڪي، نڪريءَ شنان.

* [هند: ارس پرس < سن سپرش = ڇهڻ]

• ارسطاطاليس، ارسطو: [اـخاص] يونان جو مشهور فيلسوف، افلاطون جو شاگرد ۽ سڪندر اعظم جو استاد، جنهن کي مسلمان فيلسوف المعلمُ الاول (پهريون استاد) ڪري مڃين ٿا (وفات 384 ق. م).

• آرسلان: [اـ مذ] شينهن.

* [تر]

* ماٺهوءَ جو نالو.

• آرسُو ـ آرسي: [ا-مذ] مرچ مصالحي پيهڻ لاءِ هڪ لسو پٿر، چندن گهَڻ لاءِ پٿريا روهي.

* [هند: (هرسا) ـ سن: (گهرش = گهَڻ)]

• اُرسُونگا: [اـمذ] اره، پستان (اره سرنگا).

* [سن: ارس = اره]

'ارسونگا نهہ سهيان، ڏند نہ پٽيهہ جاڻ' (رسالو سر ڍول مارئي).

• آرسيلو: [صفت] آرسي، آلسي، سست، ٽونٽي، ڪم چور.

* [سن: الس]

● آرمانُ ج آرمانَ: [اَ_ مذ] افسوس، ڏک، رنج، غم.

٭ آرزو، چاهه، خواهش، دل جي مرضي، تمنا.

٭ [ف]

_ آرمان ٿيڻ: [اصطلاح] افسوس ٿيڻ، ڏک ٿيڻ.

_ آرمان پورو ٿيڻ: [اصطلاح] دل جي حسرت پوري ٿيڻ.

_ آرمانجڻ: [مص _ فعل مجهول] افسوس ڪرڻ، ڏکوئجڻ، غمگين ٿيڻ.

٭ [آرمائيو آرمائبو آرمائيل]

_ آرمان ڪيڻ: [اصطلاح] ڏک ظاهر ڪرڻ.

٭ دلي خواهش پوري ڪرڻ، رهجي ويل سڌون پوريون ڪرڻ.

_ آرمائيلُ ج آرمائيلَ: [صفت] ڏکويل، غمگين.

_ آرمائڻ: [مص _ فعل متعدي] ڏک ڏيڻ، رنجيده ڪرڻ.

٭ شرمندو ڪرڻ.

٭ [مص] آرمائڻ

٭ [امر] آرماءِ

٭ [مضارع] آرمائيان (ج) آرمايون، آرمائين (ج) آرمائيو، آرمائي (ج) آرمائين.

٭ [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍبا آهن]

٭ [حال] آرمائي ٿو (ج) آرمائين ٿا

٭ [حال مث] آرمائي ٿي (ج) آرمائين ٿيون

٭ [ماضي] آرمائيو (ج) آرمائيا

٭ [ماضي مث] آرمائي (ج) آرمائيون

٭ [مستقبل] آرمائيندو (ج) آرمائيندا

٭ [مستقبل مث] آرمائيندي (ج) آرمائينديون

٭ [اسم مفعول] آرمائيل.

● اُرمڙو ج اُرمڙا: [اَ_ مذ] پرت جو هڪ قسم، هرمرو.

٭ [س/ ڪوهه]

● آرمغانُ ج آرمغانَ: [اَ_ مذ] تحفو، سوغات، سوکڙي، هديو.

● اُرمڪُ ج اُرمڪَ: [اَ_ مذ] اوني يا ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم.

٭ [ج: ارمڪ = ريشمي ڪپڙو]

● آرملُ ج آرملَ: [اَ_ مذ] رنڊ مرد (جنهن جي زال مري وئي).

● آرملہ: [اَ_ مث] بيواهه، رن زال، وڌوا زال (جنهن جو مڙس مري ويو).

● آرموشُ ج آرموشَ: [اَ_ مذ] تيرهن چوڏهن ورهين جي ڇمار جو اُٺ، اُٺ جو جوان ٿيڻ.

● اِرميا: [اِ_خاص] حضرت خضر جو نالو (ڪن حضرت الياس جو به نالو لکيو آهي)، حضرت علي عليہ السلام، يروشلم.

٭ [ بائيبل جيريميا]

● آرنُ ج آرنَ: [اَ_ مذ] چڪرو، گراڙي.

٭ [سن: ارن = چڪرو]

● آرنبُ ج آرنبَ: [اَ_ مذ] خرگوش، سهو.

٭ [ ع: ارنب ج ارانب]

● آرنگ: [اَ_مذ] سچ.

٭ [سن: ارڪ]

'اپريو آرنگ، جر ترڏيا جهپيا' (شاهه).

● آرنگُ ج آرنگَ: [صفت] نج، اصل.

٭ [ظرف] بلڪل، بنهه، صفا.

٭ [اَ_مذ] گهوڙي جي مرض جو هڪ قسم.

٭ [س/ل]

● اُرنگمُ ج اُرنگمَ: [اُ_مذ] نانگ، بلا، آرگ.

٭ [سن: ارگ = ارس = ڇاتي + گم = هلڻ]

● آرنئو ج آرنئا: [اَ_مذ] بريت، بن، بيابان، صحرا، ويرانو جهنگ.

٭ [سن: ارڻيہ = بريت، بيلو]

ـ **اُرهاٽ ڏيڻ:** [اصطلاح] ياڪر ۾ زور ڏيڻ. پيڙڻ. چِپڻ. چيپاٽڻ. پڪوڙڻ.

ـ **اُرهائڻ:** [مص ــ فعل متعدي] ارهو ڪرڻ. ناراض ڪرڻ. رنج ڪرڻ. دکي ڪرڻ.

* [سن: أ = نہ + هرش = خوش ڪرڻ]

* [مص] اُرهائِڻ

* [امر] اُرهاءِ

* [مضارع] اُرهائيان (ج) اُرهائيون. اُرهائِين (ج) اُرهائيو. اُرهائي (ج) اُرهائين.

* [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا گڏيبا آهن]

* [حال] اُرهائي ٿو (ج) اُرهائين ٿا

* [حال مث] اُرهائي ٿي (ج) اُرهائين ٿيون

* [ماضي] اُرهائيو (ج) اُرهائيا

* [ماضي مث] اُرهائي (ج) اُرهائيون

* [مستقبل] اُرهائيندو (ج) اُرهائيندا

* [مستقبل مث] اُرهائيندي (ج) اُرهائينديون

* [اسم مفعول] اُرهائيل

ـ **اُرهجڻ:** [مص ــ فعل مجهول] ناراض ٿيڻ. رنج ٿيڻ. دل ۾ ڪرڻ

* [ اُرهيو اُرهبو اُرهيل]

• **آرهالُ ج آرهالَ:** [صفت] ننڍڙو ٻار. الڙ. معصوم. بي سمجهہ

• **آرهاٽو ج آرهاٽا:** [صفت ــ مذ] نئون. پرائو. ڌاريو.

* چوري ڪيل (مال وغيره).

* [مث: آرهاٽي ج آرهاٽيون]

• **آرهَرُ ج آرهَرَ:** [اــ مذ] دال جو هڪ قسم.

• **آرهن. آرينهن:** [ظرف] پرينهن کان پوءِ اڳ وارو ڏينهن. ٽئين ڏينهن. پرينهن کان هڪ ڏينهن پوءِ.

ـ **آرهنڪو اريِنهڪو:** [صفت] ارينهن وارو.

• **اُرهن , اُرهون:** [اــ مذ] (ڌهائيندڙ) مال جي اوهه تي سوڄ.

* [س/ ڪوهہ/ ل]

ـ **آرَهن هَٽڻ:** [اصطلاح] چوپائي مال جي ٿڻن جو سڄي پوڻ. ٻڪريءَ جا ٿڻ تپي ۽ سڄي پوڻ. ٻڪريءَ جي ٿڻن مان کير ڏهڻ وقت رت نڪرڻ.

• **آرهندو ج آرهندا:** [صفت ــ مذ] نہ رهندو. نہ رهائيندڙ. نہ سهائيندڙ. اڻ جوڳو. اڻ لائق. غيرمناسب. نامناسب. ناشائستہ

* غير واجب. ناشايان.

* حرام , ناجائز (ديني لحاظ سان).

* زبردستيءَ سان ورتل. بي انصافيءَ سان حاصل ٿيل.

* [مث: آرهندي ج آرهنديون]

* [سن: انره < ان = نہ + اره = لائق هئڻ]

ـ **آرهندائي:** [اــ مث] نالائقي. بي قاعدگي. لاقانونيت (ديني يا اخلاقي).

• **آرهندي ج آرهنديون:** [اــ مث] ڌاري. اريري. نڌڪي. رول چول.

• **آرهَٽِ ج آرهٽُون:** [اــ مث] سنداڻ (سونارن جي). اَرٽي.

• **آرهَٽُ ج آرهٽَ:** [اــ مذ] اهنر. شاديءَ ۾ گهوٽ جو ساٿي.

• **آرهو ج آرها:** [صفت ــ مذ] ناخوش. ملول. رنج. غمگين. ڏکويل

* [ضد: سرهو]

* [مث: آرهي ج آرهيون]

ـ **آرهاڻ:** [اــ مث] ارهائي. ناراضگي. رنجش. ناپسنديدگي.

ـ **آرهائي:** [اــ مث] ڏک. رنج. ناراضگي. رنجش. ملولائي. غمگيني.

ـ **آرهو ٿيڻ:** [اصطلاح] ناخوش ٿيڻ. رنج ٿيڻ. ناراض ٿيڻ.

* اڙ، آڏڪ، اٽڪ، رنڊڪ، روڪ، رنڊ، رڪاوٽ.
* جهل، ٽيڪ، اوٽ.
* آڌار، اجهو، جهلو، پناهه.
'سال سنڪن، جال جهٽڪن، ڪاڻ ڪن اڙ آڌ اوٽ' (گل).
* ترار جي چهنب، اَٽي، نوڪ.
* رستو، پيچرو، گس، گهيڙ، لنگهه، واٽ.
* اٽڪل، ڪيڏ، چال، چالبازي، عياري.
* اولو، اوڍر، مورچو، ڪاهي.
* فوج جو ڪنهن ٻيءَ فوج سان مقابلو، لڙائي، جنگ، جهڙپ.
* وهٽ تي هڪ پاسي پيل بار.
* ٻارن کي ٿيندڙ بيماريءَ جو هڪ قسم.

ـ **آڙڏيڻ:** **[اصطلاح]** جُهڪي ويهڻ، لڪي وڃڻ.
* اوٽ ڏيڻ، جهل ڏيڻ.
* بند ڏيئي ڇڏڻ، جهلو ڏيڻ.
* اٽڪل ڪرڻ.

ـ **آڙڪري ويهڻ:** **[اصطلاح]** ڪنهن وڻ جي پناهه يا اوٽ ۾ لڪي ويهڻ، ڪاهي ڪوٽي ويهڻ، مورچي ۾ ويهڻ.

ـ **آڙ ۾ ويهڻ:** **[اصطلاح]** جُهڪي ويهڻ، لڪي ويهڻ، ڇپي ويهڻ، جهڪي ويهڻ.

• **آڙُ ج آڙ:** [اـ مذ] جانور تي لڏيل بار جو هڪ پاسو، بار.
* حصو، پتي، ونڊ، پاڳو وانٽو.
* مشڪل، ڏکيائي.
* اوٽ، اجهو.

• **آڙُٽيڻ:** **[اصطلاح]** بار ٽيڻ، بار ڀرڻ.
* روڪ ٿيڻ، بند ٿيڻ، رنڊڪ ٿيڻ.
* [س/ات]

• **اِڙُ ج اِڙَ:** [اـ مذ] ڍير، ڍڳ، انبار.
* [س/ل]

• **آڙا گوڙي:** [اـ مث] ڦڙتي، ڦڏو، اڙي، رڏي، اڙتي، ڪيٽو.
* [س/ات]

• **آڙانگ ج آڙانگ:** [صفت] اڙانگو، ڏکيو، اوکو، اهنجو، مشڪل، دشوار.
'اوهان ريءَ اڙانگ، ويڻي ورهه وسائيان' (شاهه/پورب).

• **آڙانگو ج آڙانگا:** [صفت_مذ] اوکو، ڏکيو، اهنجو.
* **[مث: اڙانگي ج اڙانگيون]**

• **آڙائڻ:** **[مص ـ فعل متعدي]** اٽڪائڻ، ڦاسائڻ، ڳنڍڻ، جوڙڻ.
* **[مص]** اڙائڻ
* **[امر]** اَڙاءِ
* **[مضارع]** اَڙائيان (ج) اَڙايون، اَڙائين (ج) اَڙائيو، اَڙائي (ج) اَڙائين.
* **[زمان حال ٺاهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍيا آهن]**
* **[حال]** اَڙائي ٿو (ج) اَڙائين ٿا
* **[حال مث]** اَڙائي ٿي (ج) اَڙائين ٿيون
* **[ماضي]** اَڙائيو (ج) اَڙائيا
* **[ماضي مث]** اَڙائي (ج) اَڙائيون
* **[مستقبل]** اَڙائيندو (ج) اَڙائيندا
* **[مستقبل مث]** اَڙائيندي (ج) اَڙائينديون
* **[اسم مفعول]** اَڙائيل.

ـ **آڙجڻ:** [مصدر 'اڙڻ' مان **فعل مجهول**] ڦاسجڻ، ڦاسي وڃڻ، اٽڪجڻ.
* **[اڙيو اڙيو اڙيل]**

ـ آزبَر: [ظرف] ياد، حفظ، برزبان.

ـ آزحَد: [صفت] نهايت، تمام گهڻو، بيحد، بيشمار.

ـ آزخود: [ضمير] پنهنجو پاڻ، پاڻهي، خود بخود، پاڻ مرادو، پاڻئون، پاڻهي جاڻي.

ـ آز سَرِ نَو: [ظرف] نئين سر، وري بيهر، دوباره، سري کان، شروعات کان.

ـ آزغيبُ: [صفت] نامعلوم، غيب مان.

* اُچانک، اوچتو.

* لڪل، ڳجهو.

● آزغَيبي: [ظرف] اوچتي نموني، ناگاهه، اچانک، ڳجهيءَ طرح، ڳجهو.

● اِزاربندُ ج اِزاربَندَ: [اـ مذ] اُڳٽ، ناڙو، ڪمربند.

ـ اِزاربندي رشتو: [اـ مذ] مرد جو ساهراڻو پاسو، ويجهو رشتو.

● اِزارو ج اِزارا: [اـ مذ] ناڪو چونگي، محصول.

* [س/ٽ ـ ع ـ اِجارة]

ـ اِزاريدارُ ج اِزاريدارَ: [صفت] محصول وٺندڙ، منشي.

* [ع: (اِجاره) + ف: (دار)]

● اِزالو ج اِزالا: [اـ مذ] زوال، دفع، رفع، منسوخي.

* نقصان پري ڏيڻ يا غلطيءَ جو ڏنڊ پري ڏيڻ.

* ناهه ڪرڻ.

* معافي وٺڻ.

* [ع: اِزالة = زائل ڪرڻ، محو ڪرڻ]

ـ اِزالهٔ غَلَط فَهمي: [محاورو] غلط فهمي لاهڻ، خدشو دور ڪرڻ.

● اُزبڪُ ج اُزبڪَ: [صفت] مضبوط، راٺوڙ، جانٺو، بهادر، پهلوان، جوڌو.

* ابهرو، تکڙو، جلد باز.

* هڪ قوم جو نالو جيڪا ازبڪستان جي رهاڪو آهي.

* [تر: اوزبڪ = هڪ شاهي خاندان جو نالو]

ـ اُزبڪيُون ٻڪڻ: [اصطلاح] ٻٽاڪون هڻڻ، ڊاڙون هڻڻ، اجايون ڳالهيون ڪرڻ، بي بنياد خبرون ڏيڻ، اڻ ٺهيون ڳالهيون ڪرڻ، اپ ڦاڙڻ.

● اِزدحامُ ج اِزدِحامَ: [اـ مذ] ماڻهن جو گوڙ، انبوهه، ڊنب، پيڙ، وڏو مجموعو ميڙ، پيهه، گپا گيهه، ڪلهي گس.

● اِزدواجُ: [اـ مذ] نڪاح، شادي، پرڻو.

* مٺا ميڙ.

● اِزدواجُ البَصَر: [اـ مث] ٻٽي نظر، نظر جي ٻٽائي، هڪ شيءِ جو ٻه ٿي ڏيکائي ڏيڻ، اکين جي بيماري.

● اَزدَها ج اَزدَهاڻون: [اـ مث] هڪ وڏو نانگ، ارڙ بلا.

* نانگ جي شڪل ۾ تارن جو ميڙ.

* [ف: اژدها]

● آزرَقُ ج آزرَقَ: [اـ صفت] نيرو، نيلو، آسماني.

* [تمام نيرو]

* اجرڪ.

* فريبي، ٺاڪندي.

* ٻچاڙن وچ ويڙهائو.

ـ آزرق پوشُ: [صفت] نيرو لباس پهريندڙ.

ـ آزرق چِشم: [صفت] نيرين اکين وارو، ٻليءَ جي اکين جهڙو شيرو.

* بي حيا، بي مروت.

ـ آزرق فامُ: [صفت] نيري رنگ وارو، نيراڻ تي مائل.

● **آساليب:** [اـ مذ] نمونا، ريتيون.

* عبارت جا نمونا.

* [ع: اسلوب ج اساليب]

● **آسامرتُ ج آسامرتَ:** [صفت] بي طاقت، ڪم طاقت، اسمرٿ.

* بي پهچ، ناتوان، هيڻو ڪمزور.

* [سن: آ = نہ + سامرٿيہ = طاقت]

● **آسامي ج آساميون:** [اـمث] نالو، آبادي، مال ملڪيت، جائداد، دولت.

* شاهوڪاري، دولتمندي، آسامي.

* [ع: اسم ج اسماء اسامي = نالا]

● **آسان:** [ضمير جمع متڪلم] اسين (اسين جي حالت تغيري).

● **آسانهين:** اسان جي ٿي.

● **آساوري:** [اـ مث] هڪ راڳڻيءَ يا سر جو نالو.

* [سن: اساوري]

● **آساوَنتُ ج آساوَنتَ:** [اـصفت] ڏڄڻو، گيدي.

* هيڻو رحم جوڳو

* بي صبر

* [سن: آ = نہ + ساونت = بهادر]

● **آسائڻُ:** [مص – فعل متعدي] پيچيءَ مٿان پاڻي تاري هارڻ يا جدا ڪرڻ.

* [س/ ث]

* [مص] اُسائڻ

* [امر] اُساءِ

* [مضارع] اُسائيان (ج) اُسائيون، اُسائين (ج) اُسائيو اُسائي (ج) اُسائين.

* [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا گڏيا آهن]

* [حال] اُسائي ٿو (ج) اُسائين ٿا

* [حال مث] اُسائي ٿي (ج) اُسائين ٿيون

* [ماضي] اُسائيو (ج) اُسائيا

* [ماضي مث] اُسائي (ج) اُسائيون

* [مستقبل] اُسائيندو (ج) اُسائيندا

* [مستقبل مث] اُسائيندي (ج) اُسائينديون

* [اسم مفعول] اُسائيلُ

● **آسباب:** [اـ مذ ـ ج] وجهون، مقصد، ذريعا.

* سبَبَ (مسبب الا سباب - سڀني سببن جو پيدا ڪندڙ يعني ڏٿي تعالىٰ ـ سنڌيءَ ۾ واحد طور ڪم ايندي).

* [ع: سبَب ج اسباب]

'پرڻ پنڄيائون، عشق جي اسباب ڪي' (شاهہ/ ڪليان)

* مال ملڪيت، جائداد، سامان سڙو، ٿپڙ ٽاڙي، ضرورت جو سامان.

ـ **آسبابِ سفر:** [اـمذ] مسافريءَ جو سامان.

● **آسباطُ:** [اـ مذ] ڏوهٽا (سبط الرسول - رسول جو ڏوهٽو)

* بني اسرائيل جون 12 ذاتيون يا قومون.

* [ع: سبط ج اسباط]

● **اِسبرگ:** [اـ مذ] گاڙهو هڙتال، هيڊي رنگ جي هڪ ڪاٺي (جيڪا رنگ ڏيڻ لاءِ ڪم اچي).

* هيڊ.

* [ف: اِسپرگ]

● **آستُ ج آستَ:** [اـ مذ] نست، بي زور، هيڻو.

* [سن: آ = نہ + شڪت = طاقت]

● آستِ: [صفت] ڪوڙو، بي حقيقت.
* نابود، بي بقا.
* [سن: آ = نه + ستيه = سچ]
ـ آستِ ڪرڻ: [اصطلاح] نقصان پهچائڻ، بي عزتو ڪرڻ.
ـ آستِ پولڻُ: [اصطلاح] ڪوڙ ڳالهائڻ.
● اُستُ ج اُستَ: [اـ مذ] ڪير جي لسي، انهن جو جمايل ڪير. انهن جي ڪير جو ڏئونرو.
'است جو انهن جي مون کي رهيو من
* ڏهي، ڏڌ.
* [س/ ل]
* دوڳ، دڳ.
* [س/ ات]
● اُستادُ ج اُستادَ: [اـ مذ] سيکاريندڙ، معلم، رهبر، مدبّر، هر فن ڄاڻندڙ.
* [صفت] چالاڪ، سياڻو، ڪيڏاري، چترُ، هوشيار.
* [ف ـ ع]
ـ اُستاد آزل: [اـ مذ] سڀ کان پهريون استاد، ازل کان وٺي استاد، ڳجهه سيکاريندڙ استاد.
* خداتعالى، قادر.
ـ اُستاد ٿِي گڏجڻ يا ملڻ: [اصطلاح] ڪنهن بئي کان حرفت سان کٽي وڃڻ، ڪنهن بئي تي حرفت سان غالب پوڻ.
ـ اُستاد لڳڻ يا هُڃڻ: [اصطلاح] وڏيڪ ڏاهو هجڻ.
* ڪيڏاري ٿي لڳڻ.
ـ اُستادائو ج اُستادائا: [صفت ـ مذ] استاد وارو، استاد جو، استاديءَ وارو، استادن جهڙو.
* [مث: اُستادائي ج اُستادائيون]

ـ اُستادِڪو ج اُستادِڪا: [صفت] استاد وارو، استادائو.
* [مث: اُستادڪي ج اُستادڪيون]
ـ اُستادِي ج اُستادِيون: [اـ مث] ڪاريگري، هنر، چالاڪي، ڪيڏ، حرفت بازي، اٽڪل، ترڪيب، تجويز، هوشياري، سياڻپ، چترائي.
ـ اُستادي ڪرڻ: [اصطلاح] چالاڪي ڪرڻ يا هلائڻ.
* ٺڳي ڪرڻ.
ـ اُستادي وٺڻ: [اصطلاح] هنر پرائڻ، سکڻ، تعليم وٺڻ.
● اِستادگِي: [اـ مث] بيهڪ.
* [ف: اِستادن = بيهڻ]
● اِستاده: [صفت] بيٺل.
● آستانُ ج آستانَ: [اـ مذ] فقيرن جو جهوپڙو، فقيرن جو آستانو، اوتارو.
* ملڪ، مڪان، جاءِ، رهڻ جو هنڌ (هند + ستان، عرب + ستان وغيره)
* [سن: سٿان = جاءِ ـ ف: استان = جاءِ]
ـ آستانو ج آستانا: [اـ مذ] آستان، ماڳ مڪان، رهڻ جو هنڌ، ٺڪاڻو.
* [س/ ات]
● آستاوو ج آستاوا: [اـ مذ] ڪٺونرو، ڪُوزو، بدنو.
* [س/ ات]
● اِستِبدادُ: [اـ مذ] زبردستي، زور، ظلم، جور وجفا.
* ڪنهن جي مرضيءَ خلاف مٿس هلايل حڪم، شخصي يا ظلمي راڄ.
* ضد، هٺ.
* [ع: بدد = زور — جور وجفا]

● اِستِعارو ج اِستِعارا: [اِ- مذ] اشارو. اها علمي صفت جنهن ۾ تشبيهه جو لفظ (جهڙو، جيئن، جيان، وانگر) ڪم نہ آڻجي، مثلاً: "هو شينهن آهي" (هو شينهن جهڙو بهادر آهي).

* ايمان، روپڪ.

* [ع:اِستعاره = اڌارو وٺڻ]

● اِستِعانَتَ: [اِ- مث] مدد جي گهر، واهر جي طلب، امداد.

* [ع:اِستِعانہ = مدد گهرڻ]

● اِستِعبادُ: [اِ-مذ] عبد يا ٻانهون بڻائڻ جي حالت، غلامي.

* [ع: عبد= ٻانهون]

● اِستِعجابُ: [اِ- مذ] عجب، حيرت.

* [ع: عجب ـ حيرت ـ تعجب ـ حيراني]

● اِستِعدادُ: [اِ- مذ] تيار رهڻ جي حالت، تياري، لياقت، قابليت، ذهني طاقت.

● اِستِعفا ج اِستِعفائون: [اِ- مث] نوڪري يا عهدي ڇڏڻ جي درخواست.

* معافيءَ لاءِ عرض.

* [ع:اِستِعفاء = معافي گهرڻ]

● اِستِعمال: [اِ-مذ] عمل ۾ آڻڻ جي حالت. ڪتب آڻڻ، ڪم آڻڻ

* عمل، تجربو، مشق، آزمودو.

* ورزش.

* [ع: عمل= ڪم ـ تجربو]

ـ اِستِعمال ڪرڻ: [اصطلاح] ڪتب آڻڻ، ڪم ۾ آڻڻ

ـ اِستِعمالي: [اِ- مث] عمل، ڪم آڻڻ جي حالت، آزمائش، تجربو، آزمودو

* [صفت] ڪم جي لائق، دستوري، معمولي، مستعمل.

● اِستِغاثہ: [اِ-مذ] فرياد، دانهن، مقدمو، ڪيس، دريافت.

* [ع:اِستغاثہ = مدد لاءِ پڪار]

● اِستِغراقُ ج اِستِغراقَ: [اِ- مذ] غرق ٿيڻ جي حالت، ڪنهن خيال يا فڪر ۾ پئجي وڃڻ جي حالت.

* ڌڻيءَ پاڪ جي يادگيري، يا بندگيءَ ۾ محويت، تبي، ڌن.

* [ع: غرق= محو ٿيڻ ـ ڌن ـ غرق ـ تبي ـ محو ٿيڻ]

ـ اِستغراقِي ج اِستغراقيون: [اِ- مث] محويت، تبي، ڌن.

● اِستِغفارُ ج اِستِغفارَ: [اِ- مث] معافي، مغفرت گهرڻ، گناهن يا پاپن جي بخشش لاءِ دس يا گهر، توبهہ زاري، توبهہ جو ڪلمو.

* [ع: غفر= توبهہ ـ معافي]

ـ اِستِغفارُ پڙهڻ: [اصطلاح] توبهہ ڪرڻ، معافي گهرڻ.

ـ اِستِغفارُ ڪرڻ: [اصطلاح] توبهہ ڪرڻ، بخشش گهرڻ.

● اَستَغفُرالله: [ع ـ ڪلمو] الله تعاليٰ کان معافي، ڪنهن غلطيءَ تي خبردار ٿيڻ وقت چوڻ جا الفاظ. خدا بچائي، توبهہ

● اِستِغنا ج اِستِغنائُون: [اِ- مث] غني هئڻ، تونگري، شاهوڪاري.

* بي نيازي، خودداري، بي پرواهي.

* [ع:اِستِغناء = غني يا بي پرواه ٿيڻ]

● اِستِفادَہ: [اِ- مذ] فائدي جي حاصلات، نفعو، فائدو.

* [ع:اِستِفاده = فائدو پرائڻ]

● اِستِفتا: [اِ- مث] مقدمي جو نتيجو، فيصلو، فتويٰ، شرعي فيصلو.

* [ع:اِستِفتاء = فتويٰ گهرڻ]

● اِستَفسارُ ج اِستِفسارَ: [اِ- مذ] پڇا ڳاڇا، حقيقت جي جاچ، جواب طلبي.

* [ع: فسر= پڇا ڪرڻ ـ تفسير گهرڻ]

● **اِستنجا:** [اِ_مث] جهاڙي يا پيشاب بعد طهارت يا مسحو
* [ع: اِستِنجا = ناپاڪائيءَ کان نجات پائڻ]

● **اُستو ج اُستا:** [اِ_صفت_مذ] اوستو، ڪنهن هنر جو استاد. ڪاريگر، مستري، رازڪو يا واڍڪو ڪم ڪندڙ.
* [ع: استاذ]

● **اِستوا:** [اِ_مث] برابري، هڪ جهڙائي (خط اِستوا = اوڀر کان اولهه تائين زمين کي ٻن برابر ڀاڱن ۾ ورهائيندڙ خيالي ليڪ).
* [ع: اِستِواءُ = برابر هئڻ]

● **اُستوارُ:** [صفت] مضبوط، محڪم، قائم، پختو، ڏاڍو پڪو، اِستت.

● **اُستوارِي:** [اِ_مث] مضبوطي، پختائي، پڪائي، ڏاڍائي.

● **آستِ وبَست:** [اِ_مذ] سربستو احوال، وچور، ڪيفيت.

● **اُستورُ:** [اِ_مذ] وهٽ، گهوڙو، خچر.
* [ف: ستور_استور]

● **اِستِ وستِ:** [اِ_صفت] تڙيل، پکڙيل، بي قاعده، بگڙيل، ابتڙ سبتڙ، ڪروڪر، ڪکوڙکو.
* [سن: اسوسٿ، ويست، ويتيست، اويوسٿِت، لووِوسٿِت = بي ترتيب]

● **اِستِهزاء:** [اِ_مث] ٺٺولي، کل، مسخري، چٿر.
* [ع: هَذء = ٺٺولي ڪرڻ]

● **اِستِيصال:** [اِ_مذ] بيخ ڪني، تحس نحس، ستيا ناس، پائمالي.
* [ع: اِستِئصال = اصل يا پاڙ کان پٽڻ]

● **اِستاپنُ ج اِستاپنَ:** [اِ_مذ] بنياد، پايو.
* رهائش جي جاءِ، آشيانو
* [سن: سٿاپن = بيهارڻ، کڙو ڪرڻ، بنياد وجهڻ، دل جا خيال پختا ڪرڻ]

_اِستاپن ڪرڻ: [اصطلاح] بيهارڻ، قائم ڪرڻ، بنياد وجهڻ، ٿاپڻ، برپا ڪرڻ.

_ آستانُ ج آستانَ: [اِ_مذ] آستان، جاءِ، هنڌ، ماڳ، مڪان.
* [سن: سٿان = بيهارڻ]

_اِستان: [اِ_مذ] وهنجڻ، صفائي ڪرڻ، ڌوئڻ.
* [ف_س/ل]

● **اِستِرُ:** [صفت] قائم، مضبوط، پختو، تبيهه.
* [سن: سٿِر = قائم].

_اِستِرتا: [اِ_مث] بيٺلائي، پختائي، استقامت.
* آرام.

● **اِستَلُ ج اِستَلَ:** [اِ_مذ] پختي زمين، خشڪي، ڪنارو
* ماڳ، جاءِ، هنڌ، مڪان، ٿل، آستان.
* [سن: سٿل = پختو بيهڻ]

● **آستِنگُ ج آستِنگَ:** [صفت] بلڪل نئون، ڪورو.
* [س/ٺ]

● **اِسٿُولُ ج اِسٿُولَ:** [صفت] ٿلهو، متارو.
* جاڏو ڏکيو، ڀاري، ڳورو.
* [سوکيم' جو ضد]
* مت جو موڙهو ٿلهيءَ سمجهه وارو اجاڻ، ٻالوڀولو.
* [اِ–مذ] گاهه جو هڪ قسم.
* [سن: سٿول = ٿلهو]

_ اِسٿُولُ سَرِيرُ: [صفت] جاڏو جسم، ٿلهو بدن، ڦيٿو.
* [س: سٿول = ٿلهو]

● **آستُ:** [صفت] ڪم نہ آندل، بلڪل نئون، تهدر.

● **اِستافُ ج اِستافَ:** [اِ_مذ] عملو، ڪاتي يا آفيس جا ملازم.
* [انگ: Staff]

ـ **اِستافُ ميمبر:** [اِ ـ مذ] علمي جا ڪارڪن. ڪنهن دفتر جا ملازم.
※ [انگ: Staff Member]

● **اِستامپُ ج اِستامپ:** [اِـمذ] دستاويز وغيره لاءِ سرڪاري ڇاپ لڳل پنو. اسٽام.
※ ٽڪلي، ٺپو.
※ [انگ: Stamp]

● **اِستانُ ج اِستانَ:** [اِـ مذ ] پڙي، گاڏين وغيره جي بيهڻ لاءِ اڏو ('اِسٽينڊ' جو بگڙيل اچار).
※ [انگ: Stand]

● **اِسٽرائيڪ ج اِسٽرائيڪُون:** [اِـمث] هڙتال. احتجاج. ملازمن جو ڪم ڪرڻ کان وقتي انڪار (مطالبن جي حاصلات خاطر).
※ [انگ: Strike]

● **اِسٽمَ:** [اِـمث] بئٽ بال/ ڪرڪيٽ راند ۾ پچ جي ٻنهي پاسن کان ڪتل ڪاٺيون جن کي بال لڳڻ سان رانديگر آئوٽ ٿئي.
※ [انگ: Stump]

● **اِسٽوڊنٽ:** [اِـ مذ] پڙهندڙ. شاگرد. طالب العلم.
※ [انگ: Student]

● **اِسٽور:** [اِـ مذ] گودام. دڪان (جيئن: ميڊيڪل اسٽور يعني طبي دوائن جو مرڪز)
※ شيون گڏ ڪري رکڻ وارو هنڌ.
※ [انگ: Store]

ـ **اِسٽور روم:** [اِ ـ مذ] گودام. ذخيرو ڪرڻ وارو ڪمرو. مال گڏ ڪري رکڻ واري ڪوٺي.
※ [انگ: Store Room]

ـ **اِسٽور ڪيپر:** [اِ ـ مذ] گودام سنڀاليندڙ. ذخيرو ڪرڻ وارو. مال گڏ ڪري رکڻ واري ڪوٺيءَ جو سنڀاليندڙ.
※ [انگ: Stor keeper]

● **اِسٽولُ ج اِسٽولَ:** [اِـ مذ] ڪاٺيءَ مان ٺهيل چوڪي، چئن ٽنگن واري تختي لڳل منجي.
※ [انگ: Stool]

● **اِسٽِي ج اِسٽِيُون:** [اِـ مث] عورت. زال. اِستري.
※ [س/ٿ/ ل ـسن: ستري]

● **اِسٽيٽ ج اِسٽيٽُون:** [اِـمث] رياست. جاگير. راڄڌاني.
※ [انگ: State]

● **اِسٽيج ج اِسٽيجُون:** [اِـ مث] منچ. ڪنهن تقرير، ناٽڪ يا تماشي ڪرڻ لاءِ مٽيءَ، سرن يا سيمينٽ جو ٺهيل ٿلهو. ڪاٺ جو صندل يا چبوترو.
※ [انگ: Stage]

● **اِسٽيشَن ج اِسٽيشنُون:** [اِـمث] ريل گاڏيءَ جي بيهڻ جي مقرر جاءِ. گودي.
※ ٿاڪو. ٺڪاڻو. مڪان.
※ [انگ: Station]

● **اِسٽيشِنري ج اِسٽيشِنرِيُون:** [اِـ مث] آفيس ۾ لکپڙهه ۾ ڪم اچڻ جو سامان.
※ [انگ: Stationary]

● **اِسٽِيل:** [اِـ مذ] رڪ. فولاد.
※ [انگ: Steel]

● **اِسٽيمَرُ ج اِسٽِيمَرَ:** [اِـ مذ] آگبوٽ. پاڻيءَ جو جهاز.
※ [انگ: Steamer]

● **اَسپُ ج اَسپَ:** [اِـمذ] گهوڙو.
※ [ف:(اسپ) ـ سن: (اشو)]

ـ **اَسپُ تازِي:** [اِـمذ] تيز رفتار عربي گهوڙو.

● **اِسپتالَ ج اِسپتالُون:** [اِـ مث] بيمارن جي علاج جي جاءِ. شفا خانو. دواخانو.
※ [انگ: Hospital]

-اِسپتالِي ج اِسپتالِي: [صفت] اسپتال ۾ رهڻ جو لائق، بيمار، مريض، اگهو
* چرين جي اسپتال ۾ رهڻ جو لائق، چريو، اڌ مغزي.
• اِسپِرِٽ: [اـمذ] جوهر.
* روح، جذبو
* گاڏيءَ جو تيل
* شراب
* [انگ: Spirit]
• اِسپرنگ ج اِسپرنگ: [اـ مذ] لوهه جو ويڙهو، لوهه جو ورن وڪرن وارو ويڙهو (جنهن جي مدد سان ڪنهن بيجان شيء ۾ تحرڪ پيدا ڪيو ويندو آهي).
* [انگ: Spring]
• اِسپري: [اـ مث] ڦوهارو، ڇنڪار ڪندڙ اوزار.
* [انگ: Spray]
• اِسپَنج، اِسفَنج: [اـمذ] اسفنج، ابر مرده، مثل ڪڪر.
* [انگ: Sponge]
• اِسپَندُ: [اـ مذ] هرمرو، پسارڪي وکرجو هڪ قسم.
* [ف: سپند،اِسپند]
• اِسپِن اَنڊِي: [اـخاص] بلوچستان ۾ جهونو غرق ٿيل دڙو (جنهن جي کوٽائي سينٽ جان 1881ع ۾ ڪرائي)
• اِسپَنگر: [اـمذ] دوا طور ڪم ايندڙ ٻج جو هڪ قسم.
* [ف: اسپغول < اسپ = گهوڙو + غول = ڪن. هن ٻوٽي جو ٻج گهوڙي جي ڪن جهڙو ٿيندو آهي]
-اِسپَنگر جي ٿُهي: [اـ مث] اِسپنگر جو ٻورو، اسپنگر جي کل يا تهه (جيڪا پيٽ جي خرابيءَ ۾ ڪاڻ سان فائدو ٿيندو آهي).
-اِسپيشَل: [صفت] خاص، مخصوص، جداگانه.
* [انگ: Special]
-اِسپيشَل ڪِلاس: [اـمذ] خاص ڪلاس، مٿانهون طبقو.
* [انگ: Special class]
-اِسپيشَل مئجسٽريٽ: [اـمذ] سرڪار طرفان بنا پگهار خاص طرح مقرر مئجسٽريٽ.
* [انگ: Special Magistrate]
• اِسپيڪَرُ ج اِسپيڪَرَ: [اـمذ] تقرير ڪندڙ، مقرر، ليڪچر ڪندڙ، ليڪچرار.
* قانون ساز مجلس جو چونڊيل عهديدار جيڪو اجلاس هلائي
* [انگ: Speaker]
• اِسپين: [اـ خاص] هسپانيه، اندلس، فرانس جي ڏکڻ اولهه ۾ يورپ جو هڪ ملڪ.
* [انگ: Spain]
• اَسَڄَڻُ ج اَسَڄَڻَ: [اـ مذ] ڪوڙو شخص، ڪڄڻ، دشمن، بدخواهه.
* [ضد: سڄڻ]
* [سن: ا = نه + ستيه = سچو + جن = شخص]
• اَسچُ ج اَسچَ: [صفت] ميرو، گدلو، ناپاڪ، غليظ.
* [سن: ا = نه + شچ = صاف]
• اِسحاقُ: [اـخاص ـ مذ] حضرت ابراهيم عليه السلام جي فرزند ۽ حضرت يعقوب عليه السلام جي والد جو نالو (جيڪو پڻ هڪ پيغمبر ٿي گذريو آهي).
• اَسَدُ ج اَسَدَ: [اـ مذ] شينهن.
* آسمان جي ٻارهن برجن مان هڪ جو نالو شنگهه، راس.
* [ع: اسد =شينهن]
• اَسَدالله: [اـخاص ـ مذ] خدا جو شينهن.
* حضرت علي عليه السلام جو لقب.

* [حال] اُسرڙي ٿو (ج) اُسرڙين ٿا
* [حال مت] اُسرڙي ٿي (ج) اُسرڙين ٿيون
* [ماضي] اُسرڙيو (ج) اُسرڙيا
* [ماضي مت] اُسرڙي (ج) اُسرڙيون
* [مستقبل] اُسرڙيندو (ج) اُسرڙيندا
* [مستقبل مت] اُسرڙيندي (ج) اُسرڙينديون
* [اسم مفعول] اُسرڙيل

• **آسَرَ گلو ج آسَرَگلا:** [صفت_ مذ] بدچال.
* [س/ات — سن: اسر = دئيت + گل = ڳل]
* [مث: آسَرَ گلي ج آسَرَگليون]

• **آسَرڻ:** [صفت] بي آسرا، بي واهو، بي وسيلو، بي ڪس، بي پناهو.
* [سن: ا = نہ + شرڻ = پناه]

• **اُسرڻُ:** [مص — فعل لازمي] اُپرڻ، وڌڻ، مٿي چڙهڻ.
* روانو ٿيڻ، اُسهڻ وڃڻ، هلڻ، نڪرڻ.
* [سن: اد = مٿي + سرڻ = گذرڻ، چرڻ]
* [اُسريو، اُسريا، اُسري، اُسريون، اُسرندو، اُسرندا، اُسرندي، اُسرنديون، اُسريل]

• **اُسرائِڻُ:** [مصدر 'اُسرڻ' مان متعدي بالواسطه] وڌائڻ.
* روانو ڪرڻ.
* [اُسريو اُسرندو اُسريل]

• **اُسري لنگهڻ:** [اصطلاح] آڏي جواب جي طاقت رکڻ.
* [س/ات]

• **آسَرِيرُ ج آسَرِيرَ:** [صفت] سرير کان سواءِ، بي جسم، بي جان نرآڪار، روحاني.
* [سن: ا = نہ + شرير = جسم]

• **اُسڙِڪڻُ، اوسڙِڪڻ، اوسڙڻُ:** [مص — فعل لازمي] اوسيڙو ڪرڻ، انتظار ڪرڻ.
* [سن: اشڻ = اس]

آپي اوسڙان اس ۾، جهليو ڪن ڪنار.

* اس ۾ پٽڪڻ، اجايو رلڻ، تلڪڻ.
* ناسون هٽڻ.
* بک ۾ پاهه ٿيڻ.
* سڌ ڪرڻ، سڪڻ.
* [اُسڙڪيو، اُسڙڪيا، اُسڙڪي، اُسڙڪيون، اُسڙڪندو، اُسڙڪندا، اُسڙڪندي، اُسڙڪنديون، اُسڙڪيل]
* [اوسڙڪيو، اوسڙڪيا، اوسڙڪي، اوسڙڪيون، اوسڙڪندو، اوسڙڪندا، اوسڙڪندي، اوسڙڪنديون، اوسڙڪيل]
* [اوسڙيو، اوسڙيا، اوسڙي، اوسڙيون، اوسڙندو، اوسڙندا، اوسڙندي، اوسڙنديون، اوسڙيل]

• **آسسٽنٽ:** [اـ صفت] مددگار، نائب، عيوضي.
* [انگ: Assistant]

• **اُسطورُ:** [اـ مذ] آکاڻي، قصو، افسانو.
* [ع: اسطوره]

• **اَسعَدُ:** [صفت] تمام خوش، سڀ کان خوش، آسودو.
* [ع: 'سعيد' جي تفضيل]

• **اَسَفُ ج اَسَفَ:** [اـ مذ] ارمان، غم "واسفا = افسوس، واويلا".

• **اَسفارَ:** [اـ مذ] سفر، مسافريون، پنڌ.
* [ع: سفر ج اسفار]
* ڪتاب (خصوصا پيشنگوين جا)، تحريرون، نسخا.

• **اَسفَلُ ج اسفَلَ:** [ظرف] وڌيڪ هيٺ، سڀ کان هيٺ.
* [ع: 'سافل' جو تفضيل]

ـ آسفل السافلين: [ظرف] هيٺين کان هيٺ.

• اِسفندُ: [اِـ مذ] هڪ پسارڪو وکر. هرمرو.

* [ف: سپند، اِسپند]

• اِسفنديارُ: [اِـخاص] ايران جي هڪ قديم پهلوان 'ابن گشتاسپ' جو نالو (جنهن کي رستم ماريو هو).

• آسفل: [صفت] ناڪام، بي نتيجي، ناڪامياب.

* [س، سن: اَ = نه + سفل = ڪامياب]

• اِسقاطُ ج اِسقاطَ: [اِـمذ] حمل ڪيرائڻ جو عمل. ڪهائي

* ميت جي ساري عمر جي کاڌي پيتي ۽ گناهن جو ڪفارو (بخشائڻ).

• اِسڪالر: [اِـصفت] عالم، اديب، ماهر.

* تعليم وٺڻ لاءِ وظيفو کڻندڙ.

* [انگ: Scholar]

• اِسڪالرشپ ج اِسڪالرشِپُون: [اِـمث] طالب العلم جي امداد. شاگرد لاءِ وظيفو (محنتي ۽ غريب شاگردن لاءِ سرنديءَ وارن يا حڪومت پاران مالي امداد).

* [انگ: Scholarship]

• اِسڪائوٽُ ج اِسڪائوٽ: [اِـمذ] اسڪولي شاگردن يا ٻين وڏن جي منظم جماعت (جيڪا اوِل سوِيل ماڻهن تي آيل مصيبت وقت خيرسگاليءَ جي جذبي تحت انهن کي ڪم اچي).

* [انگ: Scout]

• اِسڪِرُو ج اِسڪِرُو: [اِـمذ] لوهه جو پيچ. بوتل وغيره جي ڍڪ کولڻ جو پيچ.

* [انگ: Screw]

ـ اِسڪِرو ڊرائيور: [اِـ مذ] پيچڪش. پيچ کولڻ جو اوزار.

* [انگ: Screw driver]

• اِسڪندَرُ: [اِـخاص] سڪندر، يونان جو مشهور بادشاهه.

* [انگ: Alexander]

ـ اِسڪندَري: [اِـ صفت] اسڪندر جو، اسڪندر جهڙو.

* نهايت اعليٰ.

• اِسڪندَرَوِينا: [اِـخاص] شام ملڪ جو هڪ بندرگاهه.

• اِسڪندريہ: [اِـ خاص] مصر جي اتر طرف هڪ مشهور شهر ۽ بندر گاهه جو نالو.

• اِسڪَندُ ج اِسڪَندَّ: [اِـمذ] اڌياءُ، باب، فصل، داستان.

* [سن: سڪند = ڪند، انساني علم جو ڀاڱو]

• اَسڪِني: [اِـخاص] پنجاب جي چناب نديءَ جو آڳاٽو نالو.

• اُسڪڻُ: [مص – فعل لازمي] سِڪڻ، اڪيرجڻ، ڪاڏائڻ.

* [سن: اتسڪ = اتساهي، منتظر سڪايل، اتسڪايہ = بي آرام ٿيڻ، بي آرام]

* [اُسڪيو، اُسڪيا، اُسڪي، اُسڪيون، اُسڪندو، اُسڪندا، اُسڪندي، اُسڪنديون، اُسڪيل]

• اُسڪَ ج اُسڪُون: [اِـمث] سڪ، چِڪ، ڪشش، اڪير.

• اُسڪائِڻُ: [مصدر 'اسڪڻ' مان متعدي بالواسطہ] سڪائڻ، ڪاڏائڻ، دل ٻڌائڻ، اپارڻ.

* [اُسڪيو، اُسڪندو، اُسڪيل]

• اِسڪريپر: [اِـ مذ] زرعي زمين جي ڪيڙ ڪرڻ جو جديد مشيني اوزار. مٽي رهڙيندڙ اوزار. وڏي ڪيڻ.

* ڪريپي، ڪرڙو، ڪرڙن جو اوزار.

* وڏي عمارت، گهڻ ماڙ.

* [انگ: Scraper]

ـ **إسمر جلالي:** [اـ مذ] دهشت ۽ بزرگيءَ جي معنىٰ ڏيڪاريندڙ. الله جو نالو "قهار، جبّار".

ـ **إسمر جمالي:** [اـ مذ] پروردگار جو اهو نالو جنهن مان محبت ۽ شفقت ظاهر ٿئي 'ڪريم، رحيم'.

● **إسمر جمع:** [اسم مجموع –اـ مذ] هڪ کان وڌيڪ عدد جي معنيٰ ڏيڪاريندڙ لفظ (مثال طور: مال، فوج، ڪٽنب، لشڪر وغيره).

ـ **إسمر حاليہ:** [اـ مذ] فعل جي اسمي صورت جيڪا هلندڙ وقت جي معنيٰ ڏيڪاري استقبالي اڪر يا ورتمان ڪردنت. (سنڌيءَ ۾ امر جي پڇاڙيءَ 'ندو يا يندو' گڏڻ سان ٺهندو آهي لکندو، سمهندو، ايندو ۽ ويندو وغيره').

ـ **إسمر خاص:** [اـ مذ] ڪنهن ماڻهوءَ، حيوان، شيءِ يا جڳهه جو خاص نالو ڏيڪاريندڙ اسم (جهڙوڪ، هالا، اڪبر، سهڻي، سنڌو وغيره).

ـ **إسمر ذاتِ:** [اـ مذ] ڪنهن شيءِ جو ذاتي گڻ ڏيڪاريندڙ اسم (جهڙوڪ: نيڪي، سخاوت، بهادري، وغيره).

* خدا تعاليٰ جو ذاتي نالو 'الله'.

ـ **إسمر عام:** [اـ مذ] هڪ قسم جي سڀني فردن ۽ شين لاءِ ڪم ايندڙ اسم (جهڙوڪ ماڻهو، جانور، وڻ، جبل، ندي، وغيره).

ـ **إسمر فاعل:** [اـ مذ] ڪم ڪندڙ لاءِ ڪم ايندڙ اسم.

ـ **إسمر فرضي:** [اـ مذ] جڙتو نالو يا تخلص.

ـ **إسمر ڪمائڻ:** [اصطلاح] روحاني ذڪر ڪرڻ.

ـ **إسمر مشتق:** [اـ مذ] فعل مان ٺهيل اسم (جهڙوڪ لکڻ مان ليک يا ڪاڻڻ مان ڪاڄ وغيره).

ـ **إسمر معنيٰ:** [اـ مذ] اسم ذات.

ـ **إسمر مفعولُ:** [اـ مذ] ٿيل ڪم جي معنىٰ ڏيندڙ اسم (جيڪو امر جي پڇاڙيءَ 'يو' ۽ 'يل' گڏڻ سان ٺهندو آهي، لکيو لکيل، جيو جيل، وغيره 'يو' وارا اهڙا 'لکيو' ۽ 'جيو' وغيره زمان ماضي ناهڻ ۾ ڪم ايندا آهن).

ـ **إسمر نويسُ ج إسمر نويسَ:** [اـ مذ] نالن جي ياداشت لکندڙ، نالا لکندڙ.

ـ **إسمر نويسي:** [اـ مث] نالن جي ياداشت.

ـ **إسمر وار:** [ظرف] نالي وار، نام بنام.

* نمبروار، ترتيبوار.

● **إسماعيلُ:** [ا. خاص] حضرت ابراهيم عليہ السلام جي ننڍي فرزند جو نالو (جيڪو هڪ پيغمبر ٿي گذريو آهي).

● **إسماعيليہ:** [ا.خاص] مصر ملڪ ۾ هڪ بندرگاهہ جو نالو.

* [صفت] شيعہ مسلمانن جو فرقو (جيڪي حضرت امام جعفر صادق عليہ السلام جي پٽ اسماعيل کي ستون امام ڪري مڃيندا آهن).

● **اَسمجهہ:** [صفت] بي سمجهہ، اڻ ڄاڻ، نادان.

* [ضد: سمجهہ]

* [سن: ا = نہ + سمر = گڏ + اوهہ = ڏيان ڏيڻ، ڏسڻ]

● **اَسمرت:** [اـ مث] يادگيري نہ رهڻ جي حالت، وسر، غفلت، وسلاتي، ڀَينواري.

* [ا = نہ + سمر = ياد ڪرڻ]

● **اِسمرتِ ج اِسمرتيون:** [اـمث] سمرتي، هندو قانون.

* [سن: سمر = ياد ڪرڻ]

● **اَسمرٿُ ج اَسمرٿَ:** [صفت] بي طاقت، اڻ سگهو، بي سگهو، ناتوان، هيڻو، ڪمزور، لاچار، ستايل.

* [ ضد 'سمرٿ' يعني طاقتور]

* [سن: ا = نہ + سمرٿ = سگهہ وارو]

● **اَسَمو ج اَسَما:** [صفت ـ مذ] بي وقت، ڪمهلو، ڪمندائتو، بي موسمو، ڏکيو وقت.

* [سن: ا =نہ + سميہ = وقت]

* [مث: اَسمي ج اَسميون]

* ڪاٺ جي چيريل ڦَٽي.
* پٽ ۾ ڦوٽ.

ـ **آسِيئُون، آسِيهُون:** [صفت۔ مذ] اسي شين مان پوين عدد (جيئن 'پهريون'، 'ٻيون'، ڪيون' وغيره)، 80 هون.
* [مث: آسِيئين، آسِيهين، 80هين]

ـ **آسِيئوڻ:** [صفت۔مث] ڪنهن شيءِ کي اسي پيرا ڪرڻ (جيئن 'هيڪوڻ'، 'ٻيڻ'، ٽيڻ'، 'چئوڻ' وغيره).

ـ **آسِيئوڻو:** [صفت۔ مذ] ڪنهن شيءِ جو اسي پيرا ٿيل حاصل (جيئن 'هيڪوڻو'، 'ٻيڻو'، ٽيڻو'، 'چئوڻو' وغيره).

● **آسِيارو ج آسِيارا:** [صفت ـ مذ] پهلودار، پاسن سان.
* [مث: آسِياري ج آسِياريون]

● **آسِيرُ ج آسِيرَ:** [صفت] ٻاندي، قيدي، گرفتار، ورتل، ڦاٿل
* [ع: اسير ج اسري، اساري]

'گنهگارن اسيرن کي لوهان جو آسرو آهي' (مرزا قليچ بيگ).

ـ **آسِيران:** [صفت] قيدي، ٻاندي (جمع)
* [سرا]

'وقت سوال جواب اسيران دي، هن لاشڪ ملڪ عذاب ڏونهين' (بيدل)

ـ **آسِيري:** [اـ مث] بندش، قيد، قَفَس.

● **اُسِير:** [اـ خاص ـمذ] هڪ خوشبودار گاهه جي پاڙ، خس.
* [سن: اشير]

● **اُسِيرڻ:** [مص – فعل متعدي] مئل ماڻهوءَ کي ياد ڪري روئڻ، اوسارڻ.
* [مص] اُسيرڻ
* [امر] اُسير
* [مضارع] اُسيريان (ج) اُسيريون، اُسيرين (ج) اُسيريو، اُسيري (ج) اُسيرين.
* [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا گنڍيا آهن]
* [حال] اُسيري ٿو (ج) اُسيرين ٿا
* [حال مث] اُسيري ٿي (ج) اُسيرين ٿيون
* [ماضي] اُسيريو (ج) اُسيريا
* [ماضي مث] اُسيري (ج) اُسيريون
* [مستقبل] اُسيريندو (ج) اُسيريندا
* [مستقبل مث] اُسيريندي (ج) اُسيرنديون
* [اسم مفعول] اُسيريل.

● **آسيسرُ ج آسيسرَ:** [صفت] ڪٿيندڙ، جائداد جي قيمت جو ڪاٿو ڪندڙ، تشخيص ڪارڪ، مشير.
* [انگ: Assessor]

● **آسي ڦُلي:** [اـخاص ـمث] جانورن جي بيماريءَ جو هڪ قسم، ٻُوڪَ، تِيڪَ (بيماري)، الي ڦلي.
* [سن: ا + ڦري = پرجڻ = اڦري ٿيڻ]

● **اُسِيڪو ج اُسِيڪا:** [اـ مذ] وهاڻو، تڪيو.
* [س/ڪ – سن: اسيسا]

● **آسيمبلي ج آسيمبليون:** [اـمث] ميڙاڪو، اجتماع، مجلس، منڊلي، سڀا.
* سوچ ويچار يا قانون سازيءَ لاءِ گڏ ٿيل ماڻهو، جلسو.
* اسڪولن ۾ سڀ کان پهريان ٿيندڙ شاگردن جي اجتماعي گڏجاڻي.
* وفاق يا صوبي وغيره جي انتظام هلائڻ لاءِ ووٽن ذريعي چونڊيل عيوضين جي جماعت يا ميمبرن جو ادارو.
* [انگ: Assembly]

● **آسين:** [ضمير متڪلم، جمع] سنڌي زبان جو قديم لفظ (۽ سنڌو ايراضيءَ وارين ٻين ٻولين ۾ به ساڳيو آهي)، اسان.
* [پروٽو پراڪرت: اسمي]

ـ اِشتِياق نامو ج اِشتياق ناما: [اـ مذ] سڪ ڀريو خط.

● آشٽ: [اـ صفت] اٺ. (8).

☼ [سن: اشٽ = اٺ]

● آشٽمي ج آشٽميون: [ا – مٺ] قمري مهيني جي اٺين تاريخ. اٺون ٿٽ.

☼ [سن: اشٽ = اٺ]

● آشجار: [اـ مذ] وڻ. درخت.

☼ [ع: شجر ج اشجار]

● آشجعُ: [صفت] سڀن کان وڌيڪ شجاع. سڀني کان بهادر. وڏو پهلوان. دلاور. جري.

☼ [ع: 'شجاع' جو تفضيل]

☼ [ا. خاص] هڪ قسم جو ڪارو رنگ.

● آشخاص: [ا – مذ] ماڻهو. جڻا. آدمي.

☼ [ع: شخص ج اشخاص]

☼ ڏکيون مرئي شيون.

● آشد: [صفت] تمام سخت. بلڪل گهڻو. نهايت.

☼ [ع: 'شديد' جو تفضيل]

● آشـد: [صفت] ناپاڪ. پليد. ابوٽ. گندو. غير خالص.

☼ غلط.

☼ [سن: ا = نه + شڌ = پاڪ، برابر]

● آشرار: [صفت] لُچا ماڻهو. لفنگا.

☼ [ع: شرير ج اشرار]

● آشراط: [ا – مذ] شرط.

☼ [ع: شرط ج اشراط]

☼ نشانيون. علامتون. اهڃاڻ.

☼ [مثال: 'اشراط الساعة' يعني قيامت جون نشانيون]

● اشرافُ ج اشراف: [صفت] شريف انسان. چڱو ماڻهو. نيڪ مرد. عزت وارو. مهذب.

☼ عالي خاندان. امير زادو.

☼ [ا. خاص] هڪ ذات جو نالو.

☼ [ع: شريف ج اشراف. سنڌيءَ ۾ واحد طور ڪم ايندڙ]

ـ آشرافتَ ج اشرافتُون: [صفت ـ مٺ] شرافت. ڀلائي. مانسائي. چڱ مڙسي. شريف پڻو. شائستگي. چڱي چال. عزت.

☼ چڱو حسب نسب.

☼ [ع: شرف]

● اِشراقُ: [ا – مذ] سج جو اوڀارو. طلوع.

☼ سج اڀرڻ کان پوءِ نفلي نماز.

☼ [ع: اِشراق = سج جو اڀرڻ]

☼ روحاني روشنائيءَ ۽ فيض جي ٻهڄ (باطن جي صفائي).

☼ نيج. روشنائي. جمال.

● اِشراقين: [ا. خاص ـ مذ] مفڪرن جي هڪ قديم جماعت (جيڪي رياضت سان پنهنجي اندر ۾ روشني پيدا ڪندڙ سمجهيا ويا).

☼ [ع: اِشراقي ج اِشراقيون: ف: اِشراقيان]

● اِشراڪُ: [ا – مذ] شرڪ.

☼ ڀائيواري.

☼ [ع: اِشراڪ = شرڪ ڪرڻ]

● اشرف: [ا ـ صفت] تمام شرف وارو. بلڪل ڀلو. بلڪل شريف. شرافت وارو.

☼ [ع: 'شريف' جو تفضيل]

ـ آشرف المڪان: [ا. خاص – مذ] سڀني جاين ۾ ڀلاري جاءِ (مڪو شريف).

ـ آشرف الانبياء: [ا. خاص – مذ] سڀني ۾ ڀلارو نبي (حضرت محمد صلي الله عليه و آله وسلم).

ـ **اُصولُ و فروعُ:** [اـ مذ] مکيہ متن ۽ تابعي ڳالهيون.
* علت ۽ معلول.
* سبب ۽ اثر.
* پاڙون ۽ ٽاريون.

● **آصيلُ ج آصيلَ:** [صفت] چڱي نسب وارو. شريف. نيڪ ذات. چڱو مڙس. اصل نسل وارو. ٻڌائتو. اصل خاندان. خانداني. عزت وارو. سچو ماڻهو. ننگپال
'متان مون کي ڇڏئين، آري ڄام اصيل' (شاهه/ڪوهياري).
'آرڻيءَ اصيل ات پيادي کي پهچ تون' (شاهه/ديسي).
* وڪيل جو ٺيڪو.
* گراهڪ.
* [صفت] ويڙهو ڪڪڙ جو هڪ قسم (جنهن جا ماءُ پيءُ هڪڙي قسم جا هجن).
* عمدي لوهه جي ترار.
* نانگ جو هڪ قسم.
* [ع: اَصل = هو محڪم بڻيو]

● **اِضافت ج اِضافتون:** [اـ مث] نسبت. لاڳاپو. تعلق.
* گرامر ۾ اسمن جي وچ ۾ مالڪيءَ جي يا ٻي نسبت ڏيکاريندڙ حالت. حالت اضافت.
* اضافو. واڌارو. زيادتي.
* اِضافہ. مهماني ڪرڻ.
* [ع: اِضافة]

● **اِضافو ج اِضافا:** [اـ مذ] واڌ. واڌارو. زيادتي (پگهار يا عهدي ۾ واڌارو).
* [ع: اِضافہ]

● **اِضافي ج اِضافي:** [صفت] نسبتي صفت (جيڪا اصلي نہ هجي).
* واڌو. بالائي.

ـ **اِضافي وجود:** [اـ مذ] اهو وجود جنهن جو ٻئي وجود سان تعلق هجي. اعتباري وجود.

● **اُضحيٰ:** [اـ مذ] قربانيون.
* ['عيدالضحيٰ' - ٻاڪري عيد. 'يوم الاضحيٰ' - قربانين جو ڏينهن].
* [ع: ضحِيہ. اضحِية ج اضحيٰ]

ـ **اُضحِي ج اُضحِيون:** [اـ مث] قربانيءَ جو جانور. عيد الاضحيٰ جي موقعي تي ٿيندڙ قرباني.
* عيدالاضحيٰ تي قربان ٿيندڙ جانور جو گوشت.
* [ع: اضحِية. اضحيٰ]
'شعلي شوق دي شرف شهيدي، اسان عيد ڪيتي اضحي دي'
(غمدل فقير)

● **اضداد:** [اـ مذ] ابتڙ. اهي لفظ جن جون معنائون هڪٻئي جي ابتڙ هجن (جيئن 'نيڪي، بدي'، 'رات، ڏينهن' ۽ 'ننڍو، وڏو').
* مخالفت.
* [ضد ج اضداد = هڪ ٻئي جي ابتڙ شيون]

● **اِضطرابُ:** [اـ مذ] پريشاني. بيقراري. تڙپ. لوچ. ڦٿڪو. گهٻراهٽ. بيچيني.
* جلدي. تڪڙ.

ـ **اِضطرابي:** [صفت] بي قراري وارو. بي تابي سان. بي آراميءَ وارو.

● **اِضطرار:** [اـ مذ] لاچاري.
* پريشاني. بي قراري. بي چيني. بي آرامي.

● **اِضعاف:** [اـ مذ] ٻيڻا ٽيڻا.
* سمائيندڙ انگ.
* [ع: ضعف ج اضعاف = ٻيڻو ڪرڻ]

● **آضعف:** [صفت] نهايت ضعيف. ڏٻرو.
* [ع: 'ضعيف' جو تفضيل]

• **اِطنابُ ج اِطناب:** [اِ_مذ] ڪلام ۾ اجائي ڊيگهه. طوالت.

_ **اِطنابُ ڪرڻ:** [اصطلاح] طويل ڪرڻ. ڊيگهه ڪرڻ.

• **آطوار:** [ا_مذ] طريقا. نمونا. رَوشون. ڍنگ. دستور.

* افعال. لڇڻ. ڪم. عادتون. ڪرتوت. فعل.

* آداب. قاعدا.

* [ع: طَور ج اطوار]

• **آطولُ:** [صفت] تمام ڊگهو.

* [ع: 'طَويل' جو تفضيل]

• **اِطهار:** [اِ_صفت] پاڪ. صاف.

* [ع: طاهر ج اطهار = پاڪ، صاف]

• **آطهر:** [ا_صفت_مذ] سڀ کان وڌيڪ پاڪ. نهايت پاڪ. تمام پوتر.

* [ع: 'طاهر' جو تفضيل]

'پڙهو صلوات سرور تي، آل نبيءَ جي اطهر تي' (مولود).

• **آطيَبُ:** [صفت] نهايت پاڪ. نهايت خوشبودار. تمام پلو.

* [ع: 'طيب' جو تفضيل]

• **اِظهارُ ج اِظهارَ:** [ا_مذ] پڌرائي. مشهوري.

* ڪورٽ اڳيان بيان. گواهي. زباني شاهدي.

* اعتراف. قبوليت

* [ع: اِظهار = پڌرائي ڪرڻ]

_ **اِظهار تحريري:** [ا_مذ] لکيل شاهدي.

_ **اِظهار ٿيڻُ:** [اصطلاح] ظاهر ٿيڻ.

'اديون نيٺ اظهار ٿي عشق آيو'.

_ **اِظهار سلامي:** [ا_مذ] شاهدي لکندڙ جو بي قانوني اجورو

_ **اِظهار ڪرڻ:** [اصطلاح] ظاهر ڪرڻ. پڌرو ڪرڻ.

_ **اِظهارنامو ج اِظهارناما:** [ا_مذ] لکت ۾ اعلان. پڌرنامو

_ **اِظهار نويس:** [ا_مذ] شاهدي لکندڙ.

_ **اِظهاري:** [ا_مث] چِتائي. پڌرائي. اظهاريت.

'اجي انسان ۾ ڪيئن اظهاري، پيو پڌر پرهايو' (بيدل)

• **آظهرُ ج آظهرَ:** [صفت] وڌيڪ ظاهر. تمام پڌرو. تمام چٽو. گهڻو مشهور.

* [ع: 'ظاهر' جو تفضيل]

_ **آظهر مِن الشَمس:** [ظرف] سج کان وڌيڪ پڌرو. ظاهر. مشهور. پڌرو. چٽو.

• **اِعادت:** [ا_مث] ورجاءُ. دهراءُ.

* [ع: اِعاده = وري موٽائڻ، وري چوڻ]

• **اِعانت ج اِعانتُون:** [ا_مث] واهَر. مدد. سهائتا. سهڪار.

* چندو.

• **اِعتِبارُ ج اِعتِبارَ:** [ا_مذ] ڀروسو. يقين. ويساهه. ساک. پت.

* [ع: عبر = تعبير بيان ڪرڻ]

_ **اِعتِبار رکڻ:** [اصطلاح] ڀروسو رکڻ.

_ **اِعتِبار وڃائڻ:** [اصطلاح] پت وڃائڻ. ڀروسو ٽوڙڻ.

_ **اِعتِباري:** [ا_صفت] ڀروسي وارو. ويساهه وارو. ساک پت وارو. معتبر.

_ **اِعتِباري امر:** [ا_مذ] فرعي يا عارضي ڳالهه (جنهن جو مڪيه يا اصولي ڳالهه سان تعلق هجي). اضافي امر.

• **اِعتِدال:** [ا_مذ] وچترائي. درميانگي. نه گهٽ نه وڌ. پورو پنو. موافقت.

* [ع: عدل = برابر ڪرڻ]

_ **اِعتِدال پسند:** [صفت] وچٿرو. درميانو.

* نرم ذروارو (راڄوڻي يا سياسي ڳالهين ۾).

–**اِعتِدال خريفي:** [اِ_مذ] ڪتيءَ واري موسم ۾ 22 سيپٽمبر تي ڏينهن رات جي برابري.

–**اِعتِدال ربيعي:** [اِ–مذ] چيٽ جي موسم ۾ 21 مارچ تي رات ڏينهن جي برابري.

–**اِعتِدال ليل ونهار:** [اِ_مذ] ڏينهن رات جي برابري.

–**اِعتِدال هوا:** [اِ_مذ] هوا جي موافقت.

–**اِعتِدالي:** [اِ–مث] برابري، هڪجهڙائي، موافقت.

• **اِعتِذار:** [اِ_مذ] عذر ڪرڻ، معافي طلبڻ.

* [ع: عذر = بهانو]

–**اِعتِذار نامو:** [اِ–مذ] عذرنامو معافي نامو.

• **اِعتراضُ ج اِعتِراضَ:** [اِ–مذ] ڪنهن ڳالهه جي برخلاف اُٿاريل حجت، نڪته چيني، رنڊڪ، مخالفت.

* [ع: اعتراض = وچ ۾ پوڻ]

–**اِعتراضي ج اِعتِراضي:** [صفت] اعتراض جهڙو، نامناسب.

• **اِعترافُ ج اِعتِراف:** [اِ_مذ] قبوليت، اقرار، تسليم، مڃوتي.

* ڏوهه، قصوريا غلطيءَ جي مڃتا.

* پيار محبت جي تسليمي

* [ع: اِعتِراف = مڃڻ، ڏوهه ٻاسڻ]

–**اِعتِراف آڻڻ:** [اصطلاح] ڏوهه ٻاسڻ، گناهه قبول ڪرڻ، قصور محسوس ڪرڻ، غلطي مڃڻ.

–**اِعتراف ڪرڻ:** [اصطلاح] مڃڻ (غلطي، ڏوهه وغيره) قبول ڪرڻ، مڃتا.

• **اِعتِزالُ ج اِعتزالَ:** [اِ_مذ] عليحدگي، جدائي.

* دست برداري، هٽ ڪٽڻ.

* [ع: عزل، جدائي]

• **اِعتِقادُ ج اِعتِقادَ:** [اِ_مذ] عقيدو، يقين، ڀروسو، ويساهه، ايمان، اعتبار.

* [ع: اِعتقاد = مڃڻ]

–**اِعتِقادي:** [صفت] عقيدي وارو

* اها ڳالهه جنهن جو عقيدي تي بنياد هجي.

• **اِعتِڪافُ ج اِعتِڪاف:** [اِ_مذ] گوشه نشيني، عبادت لاءِ ڪنهن خلاصيءَ جاءِ ۾ گوشه نشيني.

* رمضان شريف جي خاص عبادت (خاص طور تي آخري ڏهي ۾ دنيا کان ڪنجهي، گوشه نشيني اختيار ڪري، مسجد ۾ ويهي عبادت ڪئي ويندي آهي ۽ شوال جي چنڊ ڏسڻ شرط اعتڪاف مڪمل ڪيو ويندو آهي).

* پنهنجي نفس جي حفاظت.

• **اِعتِماد:** [اِ_مذ] ڀروسو اعتبار، يقين.

'ڪن استخاره آسرو اوسا اتي ڪن اعتماد' (صدرالدين).

* ساک، مدار، ٽيڪ.

* [ع: عمد = يقين، ارادو ڪرڻ]

–**اِعتِماداً:** [ظرف] ڀروسي تي.

–**اِعتِماد النفس:** [محاورو] پاڻ تي ڀاڙڻ.

–**اِعتِماد نامو ج اِعتِماد ناما:** [اِ_مذ] سند، اختيار نامو

• **اِعتِياد:** [اِ_مذ] هيرَ وجهڻ، عادت وجهڻ.

'لڪ ٻڌي ليلاڻ جي آهي ڪيو مون اِعتِياد' (صدرالدين).

• **اِعجابُ:** [اِ_مذ] عجب، حيرت.

* [ع: عجب = حيرت انگيز]

• **اِعجازُ ج اِعجازَ:** [اِ_مذ] معجزو، وڏي ڪرامت، حيران ڪندڙ ڪرامت، وڏي ڳالهه، فخر لائق ڳالهه.

* [ع: اِعجاز = عاجز ڪرڻ]

–**اِعجاز قرآن:** [اِ_مذ] قرآن شريف جو معجزو (ته ڪوبه بني بشر يا مخلوق ان جهڙي عبارت ناهي نه سگهي).

● آعصابُ ج آعصاب: [ا—مذ] ٻنڌي، پنا، حسي قوت.
* [ع: عصب ج اعصابُ]
— آعصابُ وعروق: [ا—مذ] ٻنڌيون، نبضون، پنا.
● آعضا: [ا—مذ] عضوا، لڳ، بدن جا حصا، انگ.
* ڪنهن بہ جماعت يا سوسائٽيءَ جا ميمبر يا رڪن.
* [ع: عضو ج اعضاءُ]
— آعضابندي: [ا—مث] سَنڌ ۽ هڏي ڀڃڻ جو علاج.
— آعضاءِ تناسل: [ا—مذ] نسل پيدا ڪرڻ جا عضوا.
— آعضاءِ رئيسہ: [ا— مذ] رئيس يا مکيہ عضوا (دل، دماغ، جگر وغيره).
● آعظمُ ج اعاظمَ: [صفت — مذ] تمام وڏو، سڀ کان وڏو، تمام وڏيءَ عزت وارو.
* ('وزيراعظم' = وڏو وزير، 'براعظم' = وڏو کنڊ، 'قائد اعظم' = سڀ کان وڏو اڳواڻ).
* [ع: 'عظيم' جو تفضيل]
● إعقاب: [ا— مذ] اولاد، پونئر.
* پيرن جون کڙيون.
* [ع: عقبَ = کڙي]
● آعلىٰ: [صفت] تمام مٿانهون، اوچو، بلند، تمام وڏو، وڏي مرتبي وارو، اتم، عمدو.
* [ع: 'علي' جو تفضيل]
— آعلىٰ حضرت: [ا—مذ] وڏي ۾ وڏو حضور (بادشاهہ جو لقب).
* اهلِ سنت جي عقيدي موجب صديءَ جو وڏي ۾ وڏو مفتي.
● آعلام: [ا—مذ] جهنڊا.
* نشانيون.
* جبل.
* خاص نالا، خاص اسم.
* [ع: علم ج اعلام]
● إعلام: [ا—مذ] ڄاڻ، اطلاع، إعلان.
* مشهوري، پڌرائي.
* اشتهار، نوٽيس، سمن.
* [ع: علم جإعلام = خبر پهچائڻ]
— إعلامات شرعي: [ا—مث] شرعي فتوائون ۽ فيصلا.
● إعلانُ ج إعلانَ: [ا—مذ] اطلاع.
* پڌرائي، اشتهار، پڙهو.
* إعلام، مشهوري، اظهار.
* [ع: إعلانُ = پڌرو ڪرڻ]
— إعلان جنگ، إعلان حربُ: [ا-مذ] جنگ جو اعلان.
— إعلان رسمي: [ا-مذ] سرڪاري اعلان.
— إعلان نامو ج إعلان ناما: [ا-مذ] پڌرنامو.
● آعلَم: [صفت] وڌيڪ ڄاڻندڙ.
* [ع: 'عالم' جو تفضيل]
'واللهُ أعلم = خدا سڀ کان وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي'.
● آعمال: [ا—مذ] عمل، ڪرتوت، افعال.
* [ع: عمل ج اعمال]
— آعمال نامو ج آعمال ناما: [ا — مذ] ڪمن جو تفصيل، ڪارگذاري، انسان جي ڏوهن ثوابن جو دفتر.
— آعمال نامو سياهہ ڪرڻ: [اصطلاح] تمام گهڻا گناهہ ڪرڻ.
● آعيان: [ا—مذ] اکيون.
* وڏا ماڻهو، امير امراءُ.
* موجودات جا خارج ۾ ذرا، شيون.
* حقيقي پاءُ
* [ع: عين ج اعيان]

• **اِفتِراض:** [اِ_مذ] فرض جي مقرري.

* [ع: فرض = لازم]

• **اِفتِراق:** [اِ_مذ] فراق، جدائي، وڇوڙو.

* اختلاف، نفاق.

* [ع: فرق = جدائي]

• **اِفراتفري:** [اِ_مث] پريشاني، گهبراهٽ.

* ڏڦير، ڀاڄڙ، ڇڙ وڇڙائي.

* [ع: اِفراط و تفريط = وڌ گهٽ، بي اِعتِدالي]

• **اَفراد و فرد:** [اِ_مذ] فرد، ماڻهو.

* [ع: فرد ج افراد]

• **اَفراد:** [ظرف] گهڻي قدر.

* [صفت] اجايو، عبث، بيجا، بيفائدو، بيسود.

* مفت.

* نڪمو، بيڪار.

* [ع: اِفراط = جهجهائي]

• **اَفرادو:** [اِ_صفت] اوپرو، اوڻٽو، ڏاريو.

• **اِفراز:** [صفت] مصدر 'افراختن' جو امر، جيڪو اسم جي پويان اچي فاعل جي معنيٰ ڏيندو آهي

('سرافراز' = مٿو مٿي ڪندڙ).

* [ظرف] بلند، مٿانهون.

'سچل سرافراز ڪيو آٿي عشق اجهل' (سچل).

• **اَفراسيابُ:** [اِ_خاص] توران جي هڪ قديم بادشاهه جو نالو

(جيڪو ايران جو ويري هو ۽ جنهن کي ڪيخسرو ماريو هو).

— **اِفراطَ:** [اِ_مث] زيادتي، گهڻائي، واڌارو.

* [صفت] اجائي، بي فائدي.

'عمر ويئي افراط اجائي، ڪين ڪمايم ڪوڙي ڪائي'.

• **اِفراطَ و تَفريط:** [اِ_مث] جهجهائي ۽ ٿورائي، بي اعتدالي.

* [ع: فرط = گهڻائي]

• **اَفروز:** [اِ_مذ] ڪندڙ، ڪرڻ وارو.

* [ف: مصدر 'افروختن' جو امر (جيڪو اسم پٺيان اچي ان کي اسم فاعل' جي معنيٰ آهي، جيئن 'بوستان افروز' = باغ روشن ڪندڙ 'عالم افروز' = جهان کي اجاريندڙ 'مجلس افروز' = مجلس سينگاريندڙ)].

• **اَفروزه:** [اِ_مث] ٻتي يا ڏئي جي وٽ.

* [ف: افروختن = روشن ڪرڻو]

• **اَفروغ:** [اِ_مذ] روشنائي، نور جو ترورو، شعاع، جوزا ستارو.

* [ع: فروغ جو تفضيل]

* زيب و زينت.

* [ف: فروغ]

• **اَفريت، اِفريت، اِفريد:** [اِ_مذ] ديو، جن.

* خدمتگار، ٻانهو.

* [تر: (افريت) _ ع: (عفريت)]

'اِفريد ڪياڻين اڳ ۾، نگي نروارا' (رمضان ڪنهر).

• **اَفزائش ج اَفزائشُون:** [اِ_مث] واڌارو، زيادتي.

* [ف: افزودن = وڌائڻ]

• **اَفزُود:** [اِ_مذ] زيادتي، واڌ، گهڻائي، جهجهائي.

* [صفت] زياده، جهجهو.

* [ف: افزودن]

'الفت رک الک سين، اندر ۾ افزود' (شاهه).

— **اَفزُودگي:** [اِ_مث] زيادتي، واڌ، اضافو.

• **اَفزُون:** [صفت] وڌيل، زياده، وڌيڪ، گهڻو، واڌارو ڪيل

('روز افزون' = روز بروز وڌندڙ).

* [ف: افزودن = وڌائڻ]

• آڦلُ ج آڦلَ: [صفت] بي ڦرو، نڦل.

٭ بي فائدو، بنا نتيجي

٭ [سن: ا = نہ + ڦل = ميوو، لاڀ]

• اُڦلڻُ: [مص – فعل لازمي] وڦلڻ، اجايون ڳالهيون ڪرڻ، بڪ بڪ ڪرڻ، اڦرڪڻ، دبرڻ.

٭ [اُڦليو اُڦليا، اُڦلي، اُڦليون، اُڦلندو اُڦلندا، اُڦلندي، اُڦلنديون، اُڦليل]

– اُڦل ج اُڦلون: [ا– مث] اجائي بڪ بڪ، بي فائدي گفتگو، بڪواس.

• اُڦٽڻُ: [مص – فعل لازمي] جميل کير يا ڏونري جو ڳجي ڪري ٿانو جي ڪنن کان ٻاهر نڪرڻ.

٭ ڦندڻ، اپرڻ، اڦرڪڻ، ايامڻ، ڦٽڻ (کيرجو)

٭ تڪبر ڪرڻ.

٭ [اُڦٽيو اُڦٽيا، اُڦٽي، اُڦٽيون، اُڦٽندو اُڦٽندا، اُڦٽندي، اُڦٽنديون، اُڦٽيل]

• اُڦوند: [ا– مث] آڪڙ، سيٺ، وڏائي، ڦوڪ، هٺ، تڪبر.

• اُڦوندجڻ: [مصدر 'اُڦوندڻ' مان فعل مجهول] سيٺجڻ، ڦوند ۾ پرجڻ، ڦوڪجڻ.

٭ [اُڦونديو اُڦوندبو اُڦونديل]

• اُڦونگِڙو ج اُڦونگِڙا: [صفت – مذ] اپڪرو، ٻاهريون بوتو وڏو اندر پورو، دبي نہ پريل، ڦنديل، اڦرڪيل، اپوڪرو، اٿيل، هلڪو، اجاترو.

٭ [مث: اُڦونگڙي ج اُڦونگڙيون]

• اُڦي ج اُڦيُون: [ا– مث] ساهہ جي گهٽ، مونجهہ، سوڙهہ، هٿي

٭ گهاٽو، نقصان، زيان، چيهو.

• اُڦيرڪو ج اُڦيرڪا: [صفت – مذ] مٿاڇرو پريل، اڦرڪيل، ڦنديل.

٭ [س/ات]

٭ [مث: اُڦيرڪي ج اُڦيرڪيون]

• آڦيڪو ج آڦيڪا: [صفت – مذ] بي ڊولو، ٺلهو متارو، بي زورو، اڦيڪو، ڦيڻو

٭ [مث: آڦيڪي ج آڦيڪيون]

• آڦيڳو ج آڦيڳا: [صفت – مذ] اڦيڪو، بي ڊولو، ٺلهو متارو، بي زورو

٭ [س/ل]

٭ [مث: آڦيڳي ج آڦيڳيون]

• آقارِبُ: [ا - مذ] ويجها مائٽ.

٭ [ع: قريب ج اقارب]

– آقربُ: [ظرف] قريب، تمام ويجهو.

٭ [ع: 'قريب' جو تفضيل]

'بيدل رکج روح ۾ اقرب جو اهڃاڻ' (بيدل)

– آقربا: [ا - مذ] ويجها مٽ مائٽ، عزيز، خويش.

٭ [ع: قريب ج اقربا]

– آقربا پروري: [ا - مث] مائٽن کي نوازڻ، پنهنجا نوازڻ.

• آقاليم سبعہ: [ا - مذ] هفت اِقليم، ست ولايتون، آباد دنيا جا ست پٽا.

• اِقامت ج اِقامتون: [ا– مث] نماز ۾ تڪبير جي لفظن 'قدقامتِ الصلوٰة' پڙهڻ سان نماز لاءِ ڪڙو ٿي تيار بيهڻ جي حالت.

٭ بيهڪ، استقامت، ٽِڪڻ جي حالت.

٭ [ع: اِقامہ = بيهارڻ]

– اِقامتِ گزين: [ا–صفت] رهندڙ.

• اِقبالُ ج اِقبالَ: [ا - مذ] بلندي، اوج، مرتبو، عروج، درجو

※ عزت، مان، شان.

※ ڀاڳ، بخت، خوش قسمتي، خوش نصيبي، خوشحالي.

※ [صفت] سعادتمند، نيڪ، صالح.

※ [ا.خاص] پاڪستان جي مشهور اردو ۽ فارسي شاعر جو نالو علامہ اقبال.

※ [ع:اِقبالُ = اڳيان وڃڻ]

— **اِقبال مند:** [صفت] ڀلي ڀاڳ وارو، خوش نصيب، سڀاڳو.

— **اِقبال مندي:** [ا_مث] خوش نصيبي، خوش قسمتي، ڀلو ڀاڳ، سڀاڳائي.

● **اَقبَحُ:** [صفت] وڌيڪ قبيح، بڇڙو.

※ [ع: قَبيح' جو تفضيل]

● **اِقتباسُ ج اِقتباس:** [ا_مذ] چونڊ، انتخاب، ٽڪرا.

※ نقل.

※ ڀنهنجي تصنيف ۾ ٻئي جي لکت جو ورتل ڪجهہ حصو. لکت ۾ ڏنل ٻئي لکت جو ڏنل حوالو (جيئن عالم ۽ مفتين جي ڪتابن ۾ قرآن پاڪ جي آيتن يا حديثن جا اقتباس ڏنل هوندا آهن).

● **اِقتِدارُ ج اِقتِدارَ:** [ا_مذ] طاقت، قوت.

※ پهچ، وسعت، رسائي.

※ عزت، مرتبو، درجو، عهدو.

※ حڪومت.

※ ['بلند اقتدار' = وڏي مرتبي يا رسوخ وارو]

● **اِقتِرابُ:** [ا_مذ] ويجهڙائي، قربت.

● **اِقتِصاد:** [ا_مذ] ڪفايت، صرفو.

— **اِقتِصادي:** [ا_صفت] معاشرتي، مالي.

— **اِقتِصاديات:** [ا_مث] دولت جي پيداوار ۽ ورهاست بابت علم، ارٿ شاستر.

● **اِقتِصار:** [ا_مذ] اڪتفا، قناعت.

※ اِنحصار.

● **اِقتِضا:** [ا_مث] گھرج، ضرورت.

● **اِقتِضاي حال:** [ا_مث] حالتن جي ضرورت، حالتن جي تقاضا.

● **اَقدار:** [ا_مذ] انداز.

※ خدائي قضائون.

※ [ع: قدر ج اقدار]

● **اَقدام:** [ا_مذ] پير، قدمَ.

※ اپاءُ، وسيلا.

※ [ع: قدم ج اقدام]

● **اِقدام:** [ا_مذ] پيش قدمي، اڳرائي.

※ قدم.

● **اَقدَس:** [صفت] سڀني کان پاڪ، وڌيڪ پاڪ، مقدس.

※ [ع: 'قدوس' جو تفضيل]

● **اِقرارُ ج اِقرارَ:** [ا_مذ] انجام، واعدو، قول، وچن، سخن، ٻول، پرتگيا.

※ مڃتا، قبوليت.

※ هائوڪار.

— **اِقرار صريح:** [ا_مذ] صاف بيان.

— **اِقرار ڪرڻ:** [اصطلاح] انجام ڪرڻ، واعدو ڪرڻ.

※ مڃڻ، قبول ڪرڻ، ٻاسڻ.

— **اِقرار مبهم:** [ا_مذ] منجهيل بيان.

— **اِقرارنامو:** [ا _ مذ] انجام نامو، معاهدي جي لکيت، عهدنامو.

— **اِقراري:** [صفت] اِقرار ڪيل.

※ اِقرار ڪندڙ، قبول ڪندڙ، ٻاسيندڙ، انجامي.

— **اِقراري ٿيڻ:** [اصطلاح] انجامي ٿيڻ، اقرار ڪرڻ، قبول ڪرڻ، قبولدار ٿيڻ (ڏوهہ جو)، ٻاسڻ.

● **اِقران ج اِقرين:** [ا_مذ] هڪ ئي احرام ۾ عمره ۽ حج ادا ڪرڻ جي حالت.

※ [ع: اِقران = گڏڻ]

• **آقساط:** [ا-مث] قسطون.

* [ع: قسط ج اقساط]

• **آقسام:** [ا-مذ] قسم، نمونا.

* [ع: قسم ج اقسام]

'زلف، عارض، خال، خط، دندان، لب،
هي مڙيئي ٿا چون اقسام سم' (بلبل).

• **آقصر:** [صفت] ننڍي ۾ ننڍو. سڀ کان ننڍو.

* [ع: 'قصير' جو تفضيل]

• **آقصيٰ:** [ظرف] وڌيڪ پري، سڀ کان پري.

* [ا-خاص] مسجد الاقصيٰ. فلسطين ۾ مسلمانن جي پاڪ جڳهه جو نالو. بيت المقدس (جيڪا جڳهه مسجد الحرام کان اڳ ۾ پوري مسلم امة لاءِ ڪعبة الله جو درجو رکندي هئي).

* [ع: 'قاص' جو تفضيل]

• **آقطابُ:** [ا- مذ] وڏا ولي، الله وارا. بزرگَ (قطب الاقطاب' - قطبن جو قطب).

* [ع: قطب ج اقطاب]

• **آقلُ:** [صفت] بيحد ٿورو. تمام قليل.

* [ع: 'قليل' جو تفضيل]

– **آقل قليلُ:** [صفت] ٿوري مان ٿورو.

– **آقليت ج آقليتون:** [ا-مث] ٿورڙائي.

* [ضد: اڪثريت]

* ڪنهن ملڪ يا خطي ۾ اڪثريت ۾ رهندڙ مذهبن کان علاوه بيا مذهب يا قومون (جهڙوڪ: پاڪستان ۾ مسلمان اڪثريت ۾، جڏهن ته هندو، سک، ٻڌ مت يا ٻيا مذهب اقليت ۾ رهن ٿا).

• **آقلام:** [ا-مذ] قلمُ.

* [ع: قلمُ ج اقلام]

• **آقليدس:** [ا-خاص] هڪ يوناني رياضيدان جو نالو.

* [يونان: يوڪلڊ]

• **اِقليم:** [ا-مذ] زمين جي مٿاڇري جو هڪ ٽڪرو يا ڀاڱو.

* هفت اقليم جي ستن ڀڱن مان هڪ ڀڱو (مشرقي جاگرافيدانن هفت اقليم ڪي ڪره ارض (زميني گولي) جي چوٿين حصي ۾ ورهايو آهي).

* ولايت، ملڪ.

* [ع: اِقليم ج اقاليم]

• **آقوال:** [ا-مذ] نصيحتون، گُفتا، ڳالهيون.

* [ع: قولُ ج اقوال]

• **آقوام:** [ا-مذ] قومون.

* فرقا، مذهبَ.

* [ع: قوم ج اقوام]

• **اِقيانُوس:** [ا-مذ] ائٽلانٽڪ، وڏو سمنڊ، مها ساگر (بحراقيانوس).

* [يونان]

• **آڪُ ج آڪَ:** [ا-مذ] هڪ مشهور وڻ.

* [سن: ارڪ]

– **آڪارُ ج آڪارَ:** [ا-مذ] اڪ جي ٽنڊن جو رسو.

* [س/ڪر]

– **آڪارو:** [صفت-مذ] اڪ جي ڪير سان داغيل.

* اڪ جي ڪاٺيءَ جي ڪل مان نڪرندڙ سنها تاندورا (جن مان مضبوط نوڙيون ٺهن ۽ هاري ڪانپاٺين جا ٻوجهه وٽين).

_ **آڪارو ج آڪارا:** [ا-مذ] اڪ جي ڪاٺيءَ جي کل مان نڪرندڙ سنها تاندورا (جن مان مضبوط نوڙيون ٺهن ۽ هاري ڪانپاٺين جا ٻوجهه وٽين). اڪ جي تاندورن مان ٺهيل رسي.

'هڪ جرڪ ساڻ جوڙي ٻنڌڻ جني جڏايم،
ڪاپار ۽ اڪارو ٽوڙي، سٽي سجاتو' (آسو).

– **آڪ تي اٽو هارڻ:** [اصطلاح] بي فائدو ڪم ڪرڻ.

– **آڪ تي ماڪي هارڻ:** [اصطلاح] مورک کي سمجهائڻ.

– **آڪال پنٿ:** [ا - مذ] خالصن جو هڪ پنٿ، سک مذهب، سکن جو هڪ فرقو.

– **آڪال پنٿي:** [صفت] اڪال پنٿ جو فرد (سک يا خالصو)، اڪالي

– **آڪالو ج آڪالا:** [صفت - مذ] بي وقتو، ڪُمهلو.

* [مث: آڪالي ج آڪاليون]

– **آڪالو موت:** [ا - مذ] بي وقتو موت.

– **آڪالي:** [ا . خاص] گرو گوبند سنگهه جو پوئلڳ سک، اڪال پنٿي.

– **آڪالي دل:** [ا - مذ] اڪالي سکن جو مجموعو. سکن جي جماعت.

● **اُڪانجهر:** [ا-مث] اڪير. سڪ. چڪ. تانگهه. محبت. چاهه. پيار.

● **اُڪاندو:** [ا - مذ] اڪند. انتظار. سڪ.

● **آڪانهه، آڪانهن:** [صفت] اڪهه. جيڪو ٻڌائي نہ سگهجي، چوڻ کان ٻاهر. بي بيان.

* [سن: ا = نہ + ڪٿ = ٻڌائڻ]

● **اُڪاڻ:** ختم ڪر

* موڪلي ڇڏ.

'بيدل ڪر پرواز جو سعيو، ٻيا سڀ خيال اُڪاڻ' (بيدل)

● **اُڪائجڻ:** [مصدر 'اُڪائڻ' مان فعل مجهول ] ڦٽي وڃڻ. ڦٽڻ. ختم ٿيڻ (دوستي).

* [ اُڪائيو اُڪائبو اُڪائيل]

● **اُڪائڻ:** [مص – فعل لازمي] روانو ٿيڻ

* [اُڪائيو اُڪائيا، اُڪائي اُڪائيون. اُڪائيندو اُڪائيندا. اُڪائيندي، اُڪائينديون. اُڪائيل]

● **آڪائڻ:** [مص – فعل متعدي] ڪپائڻ اُجائڻ.

* آزارڻ. تنگ ڪرڻ. خفي ڪرڻ. دق ڪرڻ.

* [مص] آڪائڻ

* [امر] آڪاءِ

* [مضارع] آڪائيان (ج) آڪائيون. آڪائين (ج) آڪايو. آڪائي (ج) آڪائين.

* [زمان حال ٺاهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر، مونث جمع جا صيغا ڳنڍيا آهن]

* [حال] آڪائي ٿو (ج) آڪائين ٿا

* [حال مث] آڪائي ٿي (ج) آڪائين ٿيون

* [ماضي] آڪايو (ج) آڪايا

* [ماضي مث] آڪائي (ج) آڪايون

* [مستقبل] آڪائيندو (ج) آڪائيندا

* [مستقبل مث] آڪائيندي (ج) آڪائينديون

* [اسم مفعول] آڪائيل

● **اُڪائڻ:** [مص – فعل متعدي] روانو ڪرڻ. موڪلڻ.

* ختم ڪرڻ

* ليکو صاف ڪرڻ. حساب چڪتو ڪرڻ.

* [مص] اُڪائڻ

* [امر] اُڪاءِ

* [مضارع] اُڪائيان (ج) اُڪايون، اُڪائين (ج) اُڪايو. اُڪائي (ج) اُڪائين

* [زمان حال ٺاهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر، مونث جمع جا صيغا ڳنڍيا آهن]

* [حال] اُڪائي ٿو (ج) اُڪائين ٿا

* [حال مث] اُڪائي ٿي (ج) اُڪائين ٿيون

* [ماضي] اُڪايو (ج) اُڪايا
* [ماضي مث] اُڪائي (ج) اُڪايون
* [مستقبل] اُڪائيندو (ج) اُڪائيندا
* [مستقبل مث] اُڪائيندي (ج) اُڪائينديون
* [اسم مفعول] اُڪايل

— **اُڪائجڻ:** [مصدر 'اُڪائڻ' مان فعل مجهول] ٽڙي پکڙي وڃڻ (ڪڪر)، ڦٽڻ، ختم ٿيڻ، اس نڪرڻ.
* [اُڪايو اُڪائبو اُڪايل]

— **اُڪائي وڃڻ:** [اصطلاح] فيصلو ڪري ڇڏڻ.

• **اَڪائونٽُ ج اَڪائونٽَ:** [اِ_ مذ] حساب، حساب ڪتاب، ليکو چوکو.
* [انگ: Account]

• **اَڪبَرُ:** [صفت_ مذ] سڀ کان وڏو، وڏيڪ وڏو
* [اِ_ خاص] ڌڻيءَ تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو الله اڪبر = الله سڀ کان وڏو آهي.
* مشهور مغل شهنشاهه جلال الدين جو لقب (جيڪو بادشاهه سنڌ جي شهر عمرڪوٽ ۾ ڄائو هو جڏهن سندس پيءُ همايون جلاوطن هو)، اڪبر بادشاهه.
* [ع: 'ڪبير' جو تفضيل]

— **اَڪبر جو ڦڪبر:** [محاورو] انبي جو گهوبانو، ابتا جواب ڏيڻ.

— **اَڪبر جو ڦڪبر وَڃڻ:** [اصطلاح] ڏسيل رستي بجاءِ اُبتي طرف وڃڻ.
* [س/ات]

— **اَڪبَري ج اَڪبَري:** [اِ_ صفت] اڪبر جي زماني جو سڪو
* مٺائيءَ جو هڪ قسم، ٽڪي.

— **اَڪبَري اَشرَفِي ج اَڪبَري اَشرفِيُون:** [اِ_ مث] اڪبر بادشاهه جي زماني جي سوني مهر (جنهن جو ملهه سورهن روپيا هو).

— **اَڪبَري حَج:** [اِ_ خاص — مذ] وڏو حج ('حج اڪبري' جيڪو جمعي جي ڏينهن تي ادا ٿئي، اسلامي عقيدي موجب ان جو ثواب ايڪيهن حجن جي برابر آهي).

— **اَڪبَري سيرُ:** [اِ_ مذ] اڪبر بادشاهه جي زماني جو سير (تور جو هڪ ماڻ، تور جو وٽ).

• **اَڪبَندُ ج اَڪبَندَ:** [صفت] مڪمل، سربستو، سڄو سمورو.
* [س/ ڪ]

• **اَڪُپِري:** [اِ_ مث] مٺائيءَ جو هڪ قسم (جيڪا ڪيڪ جهڙي ناهي ويندي آهي)، ڪيڪ جي نموني جي هڪ قسم جي مٺائي.

• **اِڪتالو:** [اِ — مذ] طبلي جي هڪ تال جو نالو (جنهن ۾ 12 ماترائون ٿين ٿيون)

• **اِڪتِسابُ:** [اِ_مذ] حاصلات.
* آمدني، ڪمائي.
* اُپت، پيدائش.
* [ع: اڪتساب]

— **اِڪتِسابي:** [صفت] حاصل ڪيل.
* اها شيءِ جيڪا اصلي پيدائشي نه هجي.
* اهو علم جيڪو طبع جي زور تي حاصل ڪجي ۽ نه خدائي ڏات هجي.
* غير موروثي مرض.

• **اِڪتَفا:** [اِ_مث] قناعت، صرفو، سنجم، پورت، پورائي.
* [ع: اڪتفا]

— **اِڪتَفا ڪرڻ:** [اصطلاح] قناعت ڪرڻ، راضي رهڻ.

• **اَڪَٿُ ج اَڪَٿَ:** [اِ_صفت] نه ڪٿڻ يا چوڻ جوڳو، نه ڪٿڻ جهڙو، بي بيان.
* بيحد، اپار، بيشمار، بي اندازو.
* [سن: اَ = + ڪٿ]

* [سن:ا = نہ + ڪن = راضي ٿيڻ]
* [مص] اَڪڻ
* [امر] اَڪِ
* [مضارع] اَڪيان(ج) اَڪيون. اَڪين(ج) اَڪيو. اَڪي(ج) اَڪين
* [زمان حال ٺاهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍيا آهن]
* [حال] اَڪي ٿو(ج) اَڪين ٿا
* [حال مث] اَڪي ٿي (ج) اَڪين ٿيون
* [ماضي] اَڪيو(ج) اَڪيا
* [ماضي مث] اَڪي (ج) اَڪيون
* [مستقبل] اَڪيندو(ج) اَڪيندا
* [مستقبل مث] اَڪيندي (ج) اَڪينديون
* [اسم مفعول] اَڪيل.

● **اِڪو ج اِڪا:** [صفت ـ مذ] يڪو، هڪڙو، هڪ عدد.
* [سن:ايڪ =هڪ]
* [مث:اِڪي ج اِڪيون]

● **اُڪو ج اُڪا:** [صفت ـ مذ] يڪ حساب، يڪو، سڀ، ڪُل، سڄو، سربستو، بِنهِ، سمورو، سيڪجهہ، هڙموڙي.
* [ظرف] بنهہ ساڳيو پوءِ، جيئن جو تيئن، يڪو
* [مث:اُڪي ج اُڪيون]

'اُڪوئي وڃي مر'(لوڪ چوڻي)

— **اُڪو چُڪو ج اُڪا چُڪا:** [واپارڪو اصطلاح] بِنهِ، سربستو، ڪُل.

— **اُڪو ڏُڪو:** [اـمذ] اٽڪل روءِ، اندازو، ڪَٿَ، ٿَڪَ.

— **اُڪو مُڪو:** [ظرف] بِنهِ، سربستو.

— **اُڪو مُڪو:** [ظرف] اٽڪل روءِ، اندازو.

— **اُڪوئي:** [ظرف] مڙيئي، سمورو، سڀ.

— **اُڪوئي وڃڻ:** [اصطلاح] بنهہ وڃڻ، ماڳهين وڃڻ.

● **اِڪوائي:** [ا ـ مث] طبلي جي هڪ تال جو قسم (جنهن ۾ تيرهن ماترائون ٿين ٿيون)

● **آڪوتو ج آڪوتا:** [صفت ـ مذ] ڪچيءَ دل وارو.
* [مث:اِڪوتي ج اِڪوتيون]

● **اَڪُورو ج اَڪُورا:** [صفت ـ مذ] گهڻو جهجهو، اڻ ميو، جام.
* [س/ ڪوهہ]
* [مث:اِڪوري ج اِڪوريون]

● **اَڪُوڙُ ج اَڪُوڙَ:** [صفت] اڻ ڪتريل (چوپايو مال).
* [س/ل ـ ا = نہ + ڪوڙيل]

● **اِڪولاهِي ج اِڪولاهيُون:** [اـمث] اڪيلائي، ايڪلائي.
* [س/ٺ]
* چلا وغيره ٺاهڻ لاءِ سونارن جو هڪ اوزار.

● **اَڪُونجُ ج اَڪُونجَ:** [صفت] بي انتها، تار (پاڻي)، اڪونجهہ، اوڙاهہ.

— **اَڪُونجَرُ ج اَڪُونجَرَ:** [صفت] عميق يا اونهو (پاڻي)، اوڙاهہ، اڪونج.
* [س/لس]

— **اَڪُونجهہُ ج اَڪُونجهہَ:** [صفت ـ مذ] اَڪونج جي بدليل صورت.

● **اِڪوهي، اِڪوئِي:** [اـ مث] پنگ جهڙو نشيدار هڪ پسارڪو وکر، جابلو پنگ.

● **اِڪوئِي:** [اـ مث] چمڙيءَ جي بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ پيرن جي آڱرين جي وچ ۾ پکهہ خارش ۽ پکريز ٿئي).

• **آڪَهُه ج آڪَهَه:** [صفت] اندازي ڪان ٻاهر، بيان ڪان ٻاهر، چوڻ ڪان ٻاهر.

* [سن: اڪٿيه = ا = نه + ڪٿ = ٻڌائڻ]

• **آڪَهِڻو:** [اـ مذ] ليس يا زڪام (ننڍڙي ٻار کي).

* [س/ات]

• **اُڪِي ج اُڪِيُون:** [اـ مث] ڏک، مشڪلات.

* نياڳُ، ندورائي، بدبختي، شامت.

* ڏنڊ.

* [ظرف] سموري، سربستي.

• **اِڪِي:** [اـ صفت] اهو عدد جيڪو ٻن سان نه ونڊجي سگهجي.

* [ضد: ٻڌي]

* [سن: ايڪ = هڪ]

— **اِڪِي اَنگُ:** [اـ مذ] اهو عدد جنهن کي ٻن سان پورو نه ونڊي سگهجي.

— **اِڪِي ٻڌي:** [اـ مث] ٻاراڻي راند جو هڪ قسم.

• **آڪيارُ ج آڪيارَ:** [صفت] بيسُود، بيڪار.

• **آڪيارٿُ ج آڪيارٿَ:** [صفت] بيسُود، اجايو، بيڪار، اَڪيار، بي فائدو، اَڪيارٿو.

* [سن: ا = نه + ڪ + ارٿ = مطلب]

— **آڪيارٿو ج آڪيارٿا:** [صفت ـ مذ] بي فائدو، اجايو، بيسود.

* [مث: آڪيارٿي ج آڪيارٿيون]

• **آڪِيچار:** [اـ صفت] بي انت، بيشمار، بي انداز، جام، ججهو، اڻ ميو.

* [سن: اڪوچار]

• **اُڪِيرَڻُ:** [مص – فعل متعدي] ڪاٺيءَ، پٿر يا ڌاتوءَ تي ڪوئي چٽ ڪڍڻ، چِٽسالي ڪرڻ، نقش ڪڍڻ، اُڪرڻ.

* [مص] اُڪيرَڻُ

* [امر] اُڪير

* [مضارع] اُڪيريان (ج) اُڪيريون، اُڪيرين (ج) اُڪيريو، اُڪيري (ج) اُڪيرين.

* [زمان حال ٺاهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو'ءِ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍبا آهن]

* [حال] اُڪيري ٿو (ج) اُڪيرين ٿا

* [حال مث] اُڪيري ٿي (ج) اُڪيرين ٿيون

* [ماضي] اُڪيريو (ج) اُڪيريا

* [ماضي مث] اُڪيري (ج) اُڪيريون

* [مستقبل] اُڪيريندو (ج) اُڪيريندا

* [مستقبل مث] اُڪيريندي (ج) اُڪيرينديون

* [اسم مفعول] اُڪيريل

• **اُڪِيرَ:** [اـ مث] دل جي ڇڪ، سڪ، حُبَ، چاهه، پيار، قرب، اڪنڊ، شوق، سِڌَ.

'اندر اڄ اُڪير، مون کي پرينءَ پنهوار جي' (شاهه/مارئي)

* [سن: (اتڪلڪا)، پرا: (اڪليا)]

• **اُڪِيرَڻُ:** [مص – فعل لازمي] ياد ڪرڻ، سنڀالڻ، ڇڪ ڪرڻ، سڪڻ، حُبَ رکڻ، تمنا رکڻ، اُڪنڊڻ، پياس رکڻ، انتظار ڪرڻ، واجهائڻ.

* [اُڪيريو اُڪيريا، اُڪيري، اُڪيريون، اُڪيريندو اُڪيريندا، اُڪيريندي، اُڪيرينديون، اُڪيريل]

• **آڪِيڪُ ج آڪِيڪَ:** [اـ مذ] بوسٽ، اُڪرس، گهٽ.

* [س/ات]

– **اکِ جو ڪَٽر**: [محاورو] رقيب. دشمن.

* تعصب. بغض.

– **اک جو ڪَرڙو ٿيڻ**: [اصطلاح] سخت نظر وجهڻ. سخت مزاج ٿيڻ. ڪاوڙيل هجڻ.

– **اک جي مُڙ ڪيڻ**: [اصطلاح] وڏائي ڪرڻ لاءِ هدايت ڪرڻ.

* بي حيائي ڇڏائڻ.

– **اکِ جو ميرو ٿيڻ**: [اصطلاح] اک جو اٿڻ.

* بدنظر ٿيڻ.

– **اکِ جي مَک مارڻ**: [اصطلاح] اکر به اکر لکڻ. هوبهو لکڻ.

– **اکِ جهَڪي ٿيڻ، اکِ جهَڪي هُجڻ**: [اصطلاح] لڄي ٿيڻ، شرمندو ٿيڻ.

* ڏوهاري ٿيڻ.

– **اکِ چورائڻ**: [اصطلاح] اٽڪل سان لڪي وڃڻ. چشم پوشي ڪرڻ.

– **اکِ ڇَهري ڪرڻ**: [اصطلاح] ناز ڏيکارڻ. هار سينگار ڪرڻ.

– **اکِ ڇِنبَ**: [اِ- مث] اکين کي يڪدم بند ڪرڻ ۽ کولڻ واري حالت.

* [ظرف] جهٽ پٽ. جلدي. اک ڇِنڀڻ جيترو وقت. ڪن.

– **اکِ ڇِنڀَڻ**: [اصطلاح] اک جي ڇپرن کي پاڻ ۾ ملائڻ.

* اِشارو ڏيڻ. ميچ ڏيڻ. اک پٽڻ.

– **اکِ ڏيکارڻ**: [اصطلاح] ڪاوڙ جي نگاهه سان ڏسڻ. گهوري نهارڻ.

* فهمائش ڪرڻ. مهميز ڏيڻ. دڙڪو ڏيڻ. دٻائڻ. ڊيڄارڻ. هيسائڻ. ڌمڪائڻ.

– **اکِ ڊيگهه**: [اِ- مث] ٿورو فاصلو. ڪجهه پنڌ.

– **اکِ ڊيگهه ڪرڻ**: [اصطلاح] خيال کان سواءِ جاچڻ. اٽڪل سان جاچ ڪرڻ.

– **اکِ ڊيگهه ۾**: [اِ- ظرف] حد نظر تائين. نظر پوڻ جي حد تائين.

– **اکِ رکڻ**: [اصطلاح] نظر ۾ ڪرڻ. چوڪسي ڪرڻ.

– **اکِ سان اکِ اَڙائڻ**: [اصطلاح] عشق لڳائڻ. محبت ڪرڻ.

– **اکِ سان اکِ اَڙڻ**: [اصطلاح] محبت ٿيڻ. عشق لڳڻ.

– **اکِ سان اک ملائڻ**: [اصطلاح] نظر لڙائڻ. اک اَڙائڻ. محبت ڪرڻ.

* منهن سامهون ٿيڻ. همت ڪرڻ.

– **اکِ سان ڇوڏو پٽڻ**: [اصطلاح] ڪجهه به حاصل نه ٿيڻ.

– **اکِ سبڻ**: [اصطلاح] نه نهارڻ. بلڪل نه ڏسڻ. توجهه نه ڏيڻ. ڌيان نه ڏيڻ.

– **اکِ سپارَڻ**: [اصطلاح] نهارڻ. ڏسڻ. نظر ڪرڻ. ڌيان ڏيڻ. توجهه ڏيڻ.

– **اکِ سَڙڻ**: [اصطلاح] اک پوسرڻ. اک ۾ سور ٿيڻ.

* نه سهڻ.

* ڏک ٿيڻ.

* غيرت اچڻ.

– **اکِ ڦِرڙائڻ**: [اصطلاح] ڪاوڙ ۾ گهور ڪري نهارڻ. چوڌاري جاچ جوچ ڪرڻ.

– **اکِ ڦَرڪڻ، ڦَڙڪڻ**: [اصطلاح] اک جي پلڪن جو حرڪت ۾ اچڻ.

* سوڻ يا بد سوڻ سمجهڻ.

– **اکِ ڦيرائڻ**: [اصطلاح] نظر ڪرڻ. سرسري نظر ڪرڻ. مٿاڇري نگاهه ڪرڻ. چوڌاري نهارڻ.

– **آکِ هيٺ ڪرڻ:** [اصطلاح] لڄي ٿيڻ، ڏکو ٿيڻ، شرمائڻ.

– **آکيان ڀورڻ:** [اصطلاح] نفرت جهڙو ٿيڻ، نہ وڻڻ، حقير ٿيڻ.

* حسد ڪرڻ، دشمني ٿيڻ.

– **آکين آڇو:** [صفت_ مذ] اڇين اکين وارو.

* انڌو، نابين.

* منحوس، بي حيا، بي شرم.

* [مث: اکين اڇي ۽ اکين اڇيون]

– **آکين اڳيان:** [ظرف] منهن سامهون، روبرو، دوبدو.

– **آکين اڳيان آنڌيون آچڻ:** [اصطلاح] اکين اڳيان اوندهہ اچڻ.

* واٽڙو ٿيڻ، عجب ۾ پوڻ، بيهوش ٿيڻ.

– **آکين اڳيان اوندهہ آچڻ:** [اصطلاح] ڏاڍو پريشان ٿيڻ، ڪجهہ نظر نہ اچڻ.

– **آکين اڳيان ٿي گذرڻ:** [اصطلاح] روبرو واقعو ٿيڻ.

– **آکين اڳيان ڦرڻ:** [اصطلاح] غائب شيء جو خيال اچڻ، تصور ۾ اچڻ، يادگيري پوڻ، سُجهڻ، هُرڻ.

– **آکين اڳيان گهُمڻ:** [اصطلاح] اکين اڳيان ڦرڻ.

– **آکين ٻوٽ:** [صفت] بي حيا، بي شرم، نرلڄ.

– **آکين تي آستين مهٽڻ:** [اصطلاح] پشيمانيء تي روئڻ، ڳوڙها اگهڻ.

* دلاسو ڏيڻ، همدردي ڪرڻ.

* ادب ڪرڻ، تعظيم ڪرڻ.

– **آکين تي پردا چڙهڻ:** [اصطلاح] انڌو ٿيڻ.

* ساڃهہ وڃائڻ، بي مروت ٿيڻ.

* ڪجهہ نہ سمجهڻ.

– **آکين تي پردو پوڻ:** [اصطلاح] ڪجهہ بہ نہ ڏسڻ ۽ سمجهڻ.

* غافل ٿيڻ.

* ڌوڪو کائڻ، فريب ۾ اچڻ، بيوقوف بڻجڻ.

– **آکين تي پردو چڙهڻ:** [اصطلاح] انڌو ٿيڻ، نہ ڏسي سگهڻ.

– **آکين تي ڇپر چڙهڻ:** [اصطلاح] بي حيا ٿيڻ، بي شرم ٿيڻ.

– **آکين تي رات ڪاٽڻ:** [اصطلاح] سڄي رات جاڳڻ، اِنتظار ڪرڻ.

– **آکين تي رکڻ:** [اصطلاح] خوشيء سان قبول ڪرڻ.

– **آکين تي رَت چڙهڻ:** [اصطلاح] غُصي يا جوش ۾ انڌو ٿي پوڻ، ڪاوڙ ۾ دوست دشمن سڃاڻڻ جي ساڃهہ کان نڪري وڃڻ.

– **آکين تي ڪوپا چڙهڻ:** [اصطلاح] ڪا ڳالهہ پوريء طرح نہ سمجهڻ يا ڏسڻ.

* بي حيا ٿيڻ، بيغيرت ٿيڻ.

– **آکين تي گذارڻ:** [اصطلاح] سڄي رات جاڳڻ، اِنتظار ڪرڻ.

– **آکين تي ويهارڻ:** [اصطلاح] حد کان وڌيڪ قدر ڪرڻ، نهايت تعظيم ۽ احترام ڪرڻ، خاطر مدارت ڪرڻ.

– **آکين تي هَلڪو هُئڻ:** [اصطلاح] بار نہ ٿيڻ، تڪليف نہ هئڻ.

– **آکين ٻوريو ۽ آکين ٻوريا:** [صفت_ مذ] بي ساڃاهو، اک ٻوٽ، بي ديدو، بي حيا، بي شرم، بي شڪر، احسان فراموش.

* [مث: اکين ٻوري ۽ اکين ٻوريون]

– **آکين جا اِشارا ڏيڻ:** [اصطلاح] ڳجهہ ۾ ڳالهائڻ، ميچون ڏيڻ، محبت جو پيغام ڏيڻ.

– **آکين جو آسا بند هُجڻ:** [اصطلاح] اکين جو آسرو هئڻ، نهايت پيارو هجڻ.

– **آکيون جاءِ ڪري هَلڻ:** [اصطلاح] سنڀالي هلڻ، ڏيان سان هلڻ.

– **آکيون ڄَلڻ:** [اصطلاح] اکين ۾ سوزش ٿيڻ.

– **آکيون چُڀڻ:** [اصطلاح] ڪاوڙ لڳڻ.

– **آکيون چَرخ ٿيڻ:** [اصطلاح] حيران ٿيڻ، وائڙو ٿيڻ.

– **آکيون ڇتِ سان لڳڻ:** [اصطلاح] سڪرات ۾ اچڻ.

* سخت بيمار هجڻ.

– **آکيون ڇنيڻ:** [اصطلاح] اکين جون پلڪون هيٺ مٿي ڪرڻ، اکيون ڇمڪائڻ.

– **آکيون ڏرا ڏيڻ:** [اصطلاح] اکين ۾ کڏون پوڻ.

* تمام ضعيف ٿيڻ.

* بيماريءَ سان ڪمزور ٿيڻ.

– **آکيون ڏسڻ:** [اصطلاح] ڪنهن کان مرعوب ٿيڻ، ڪنهن جي ڪاوڙ کان متاثر ٿيڻ.

– **آکيون ڍڪڻ:** [اصطلاح] اکيون پورڻ.

* بي شرم ٿيڻ، لڪڻ.

* ڇپڻ.

– **آکيون ڍڪي ڳالهائڻ:** [اصطلاح] ڳالهائڻ وقت ساڃاهه نه ڏارڻ، سا ڳاهي نه ڳالهائڻ.

– **آکيون رَبَ رَکيون:** [محاورو] اکين جو نور سهائو، خدا جي حفظ ۾ رکيل اکيون.

'تنهنجون اکيون رب رکيون، هوجمالو' (لوڪ).

– **آکيون رَتُ ٿيڻ:** [اصطلاح] سخت ڪاوڙجڻ.

– **آکيون رت ڇڏڻ:** [اصطلاح] اکيون جوش ۾ ڳاڙهيون ٿيڻ.

* سخت ڪاوڙجڻ.

* ٻئي جو پلو نه سهي سگهڻ.

– **آکيون رَت سان ڀرجڻ:** [اصطلاح] سخت ڪاوڙ ٿيڻ.

– **آکيون روشن رهڻ:** [اصطلاح] نظر تيز رهڻ، اکين ۾ طراوت اچڻ، اکين ۾ تازگي اچڻ.

– **آکيون سايُون ٿيڻ:** [اصطلاح] يرقان جو مرض ٿيڻ.

* ڊپ ۾ پرجڻ.

* هيڻو ٿيڻ، ضعيف ٿيڻ.

– **آکيون سايُون پيليُون ڪرڻ:** [اصطلاح] ناراض ٿيڻ، ڪاوڙجڻ.

– **آکيون سُڄائڻ:** [اصطلاح] ڏاڍو روئڻ.

* ڪاوڙجڻ.

– **آکيون سيڪڻ:** [اصطلاح] بدنيتيءَ سان ڏسڻ.

– **آکيون شَرمائِڻُ:** [اصطلاح] شرم کان اکيون هيٺ ٿيڻ، حياءُ اچڻ، لڄ ٿيڻ.

– **آکيون ڦاٽڻ:** [اصطلاح] حيرانيءَ کان اکيون ڦاٽي وڃڻ، حيرت ۾ پوڻ.

* ننڊ نه اچڻ.

* اوجاڳي سبب اکيون ٿڪجڻ

– **آکيون ڦاڙڻ:** [اصطلاح] ڪاوڙجڻ.

* اکيون کولي ڏسڻ، توجهه سان ڏسڻ.

* حيران ٿيڻ.

– **آکيون ڦاڙي ڏسڻ:** [اصطلاح] اکيون کولي ڏسڻ، چتائي ڏسڻ، چڱيءَ طرح جاچي ڏسڻ.

– **آکيون ڦِرڙائڻ:** [اصطلاح] هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ، مرڻينگ ماڻهوءَ وانگي اکيون ڦيرائڻ.

* ڪاوڙ سان نهارڻ.

– **آکيون ڦوٽارڻ:** [اصطلاح] اکيون ڦاڙي نهارڻ. گهور پائي ڪاوڙ سان ڏسڻ. ديجارڻ.

– **آکيون ڦيرائڻ:** [اصطلاح] منهن نه ڏيڻ. نه ڏسڻ. بي مروت ٿيڻ.

– **آکيون ڦيرڻ:** [اصطلاح] منهن مٽڻ.

– **آکيون ڪاپار سان لڳڻ:** [اصطلاح] سخت بيماريءَ سبب اکيون ڏرا ڏيئي وڃڻ.

– **آکيون ڪاپار ۾ ڪري هلڻ:** [اصطلاح] مغروريءَ سان هلڻ.

* ڌيان سان نه هلڻ.

– **آکيون ڪاپار ۾ هُجڻ:** [اصطلاح] ڪنڌ مٿي هئڻ. مغروري ۾ ڀريل هئڻ.

– **آکيون ڪڍڻ:** [اصطلاح] انڌو ڪرڻ.

* سخت سزا ڏيڻ.

* ڪاوڙ ۾ نهارڻ.

* سخت تابش ڪرڻ (سج جي).

– **آکيون ڪڪورجڻ:** [اصطلاح] اکين ۾ رت جي لالاڻ تري اچڻ. اکين ۾ جوانيءَ جو رت ظاهر ٿيڻ.

– **آکيون ڪُپائڻ:** [اصطلاح] هڪ ٽڪ نهارڻ. جنوهه وجهڻ.

– **آکيون کلڻ:** [اصطلاح] اکيون پٽجڻ. سجاڳي ٿيڻ. خبردار ٿيڻ.

– **آکيون کڻڻ:** [اصطلاح] منهن مٿي ڪري ڏسڻ. مٿي نهارڻ. ڪنڌ مٿي کڻڻ. ڏسڻ. نظر ڪرڻ.

'ڪڻ اکيون کل يار نه وڃن سوڙ سنڌا ڪيو' (شاهه)

– **آکيون ڳريون ٿيڻ:** [اصطلاح] اکين ۾ ننڊ ڀرجي اچڻ (ننڊ يا ٿڪاوٽ سبب). ننڊ جو خمار چڙهڻ.

– **آکيون لِڪائڻ:** [اصطلاح] پردو ڪرڻ. حياءُ ڪرڻ.

– **آکيون لڳڻ:** [اصطلاح] بيماريءَ سببان ڀڃيون ڪري اکين جي ڇپرن جو هڪ ٻئي سان چنبڙي پوڻ.

* اکيون اٽڻ.

* ننڊ ڪرڻ.

* نظرن جو اٽڪڻ. عشق ٿيڻ.

– **آکيون مٿي ڪڍي نه نهارڻ:** [اصطلاح] حياءَ ۽ لڄ وچان ڪنڌ هيٺ ڪرڻ. لڄارو ٿيڻ.

– **آکيون مٿي نه ڪڍڻ:** [اصطلاح] لڄارو ٿيڻ.

– **آکيون مندڙڻ:** [اصطلاح] اکين تي جادو ڪرڻ.

* بيخبريءَ ۾ شيءِ ڪٿي وڃڻ.

– **آکيون مهٽڻ:** [اصطلاح] اکيون ملڻ. اکين کي صاف ڪرڻ (ڪنهن شيءِ کي غور سان ڏسڻ لاءِ).

– **آکيون ميچڻ:** [اصطلاح] اکيون ٻوٽڻ. شناس نه رکڻ.

– **آکيون وَٽڻ:** [اصطلاح] مرندڙ ماڻهوءَ جي اکين کي هٿن سان ٻوٽڻ.

– **آکيون وَلي ويهڻ:** [اصطلاح] انڌو ٿي ويهي رهڻ.

– **آکيون وِجهڻ:** [اصطلاح] ٽڪڻ. گهورڻ. نظر وجهڻ.

* لالچ سان ڏسڻ.

* پرائي شيءِ کي تاڙڻ.

– **آکيون وِڇائڻ:** [اصطلاح] انتظار ڪرڻ. واٽون نهارڻ.

* نهايت عاجزيءَ سان خاطر مدارات ڪرڻ.

– **آکيون هڻڻ:** [اصطلاح] اکين سان اشارا ڪرڻ. اکيون پٽڻ. ميچون ڏيڻ. محبت جا اشارا ڏيڻ.

* ٿاڌون هڻڻ. مستي ڏيکارڻ.

– **آکيون هيٺ ڪرڻ:** [اصطلاح] شرم کان ڪنڌ هيٺ ڪرڻ. لڄي ٿيڻ. شڪي ٿيڻ. ٿڪو ٿيڻ.

* بيغيرت ٿيڻ. بي حيا ٿيڻ.

– **آکِئين لائي ويهڻ:** [اصطلاح] انتظار ڪرڻ. اوسيئڙي ۾ رهڻ. واٽ نهارڻ.

• **آڪُ ج آڪ:** [اِ_خاص_مذ] ميوي جو هڪ قسم. اکروٽ.

* [سن: اڪشوٽ]

* [صفت] نه ڪٽندڙ. ناس نه ٿيندڙ. غير فاني. امر.

* [سن: اڪشيم]

- اَڳٽ پٽي: [اسمث] سوسيءَ جي ڪپڙي جي هڪ ڊزائين.

- اَڳٽ جو سڳ: [محاورو] ساهرائي گهر سان مائٽي.

- اَڳٽ جو ور: [محاورو] شاديءَ جي ذريعي مائٽيءَ جو رستو.

- اَڳٽ وجهڻي ج اَڳٽ وجهڻيون: [ا – مث] اڳنٽي، سلوارجي ابدائي ۾ اڳٽ وجهڻ واري ڪاني.

● اَڳٽ گهڪا: [ا. خاص] هڪ ذات جو نالو.

● اَڳٽ: [ا – مث] اڳٽ، اگهٽ، اگهڙ، اگهاڙ.

※ [سن: اد گهٽ]

● اَڳڙ ج اَڳڙ: [ا – مذ] اڳڻ، اڱڻ، صحن، ايوان، آڳر

※ [س/ل]

- اَڳر چوهو ج اَڳر چوها: [صفت – مذ] وچ ٽيٽو، وچ ۾ ٽيي پوندڙ.

※ [مث: اَڳرچوهي ج اَڳر چوهيون]

● اَڳرا: [ا. خاص] هڪ ذات جو نالو.

● اَڳر تڳر: [ا – مذ] اگر تگر، هڙ موڙي، گهر تڙ، الهه تلهه.

- اَڳرتڳر ناس ڪرڻ: [اصطلاح] سڀ ڪجهه چٽ ڪرڻ.

● اَڳرڻ: [مص_فعل متعدي] ڳهڻ، ڳهي وجهڻ.

※ [سن: اگرس]

※ [مص] اَڳرڻ

※ [امر] اَڳرِ

※ [مضارع] اَڳران (ج) اَڳرون، اَڳرين (ج) اَڳريو، اَڳري (ج) اَڳرين

※ [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍيا آهن]

※ [حال] اَڳري ٿو (ج) اَڳرين ٿا

※ [حال مث] اَڳري ٿي (ج) اَڳرين ٿيون

※ [ماضي] اَڳريو (ج) اَڳريا

※ [ماضي مث] اَڳري (ج) اَڳريون

※ [مستقبل] اَڳرندو (ج) اَڳرندا

※ [مستقبل مث] اَڳرندي (ج) اَڳرنديون

※ [اسم مفعول] اَڳريل

● اَڳرو ج اَڳرا: [صفت – مذ] جلدباز، تکڙو.

※ وڌيڪ، زيادہ، سرس

'گوهر غيرت اڳرو، راول ريسارو' (گرهوڙي).

※ مقدم، مٿاهون.

※ اڳي، اڳيان.

※ بهتر، سٺو، عمدو.

'ڏسڻ ڏکان اڳرو سسئي آهه مر شڪ' (شاهه/معذوري).

※ زيادتي ڪندڙ.

※ پيشقدمي ڪندڙ.

※ [سن: اگر]

※ [مث: اَڳري ج اَڳريون]

- اَڳرائي ج اَڳرائيون، اَڳرايون: [اسمث] شروعات، پيشقدمي.

※ عمدگي، مٿڀرائي.

※ چڙهتي، زيادتي.

'اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو ڪائي' (شاهه/يمن ڪلياڻ).

- اَڳرائي ڪرڻ: [اصطلاح] شروعات ڪرڻ، پيشقدمي ڪرڻ.

※ چڙهت ڪرڻ، جهيڙي جو بنياد وجهڻ، زيادتي ڪرڻ.

- اَڳرو پوڻ: [اصطلاح] پيشقدمي ڪرڻ، اڳرائي ڪرڻ.

※ مٿيرو پوڻ، ڏکيو پوڻ.

● اَڳرو ج اَڳرا: [صفت - مذ] اگرو، بي سواد، نه وڻندڙ.

※ [س/ڪ]

※ [مث: اَڳري ج اَڳريون]

• **اڳڙا:** [ا.خاص] هڪ ذات جو نالو.

٭ ضلعي خيرپور ۾ هڪ ديهه ۽ شهر جو نالو (جتي فقير نانڪ يوسف جي درگاهه آهي).

• **اڳڙڻ:** [مص_فعل لازمي] وصول ٿيڻ. گڏ ٿيڻ (پئسا وغيره). ولڻ.

٭ ڪپڙي جي رنگ يا ميراڻ جو پاڻيءَ ۾ پسي لهڻ.

٭ [سن: ادگرهڻ]

٭ [اڳڙيو، اڳڙيا، اڳڙي، اڳڙيون، اڳڙندو، اڳڙندا، اڳڙندي، اڳڙنديون، اڳڙيل]

• **اڳڙو:** [ا–مذ] سونهون، اڳيان هلندڙ.

٭ هنگلاج جي پنڌ ۾ پانڌيڙن کي زيارتون ڪرائيندڙ شخص.

• **اڳڙو ج اڳڙا:** [ا-مذ] ڪپڙي جو ڪجهه وڏو ٽڪر.

٭ گڏيءَ جي گندي.

– **اڳڙا ٽِڳڙا، ڏِڳڙا:** [ا–مذ] ڪپڙي جا ٽڪرا.

٭ سبڻ يا پرت پرڻ جو سامان. سلائيءَ جا ٽيڙ ٽاڙي.

– **اڳڙي ج اڳڙيون:** [ا–مث] ڪپڙي جو ڦاٽل ٽڪرو، ٽڳڙي، چتي، ليڙ، ليڱهه، چندي.

– **اڳڙيارو ج اڳڙيارا:** [صفت–مذ] اڳڙين وارو، اڳڙين لڳل.

٭ اڳڙين ٽڳڙين مان سبيل ڪپڙا پائيندڙ. چتين لڳل ڪپڙا پائيندڙ.

٭ چنل، ڦاٽل.

٭ [مث: اڳڙياري ج اڳڙياريون]

– **اڳڙيائون ج اڳڙياوان:** [صفت - مذ] اڳڙين وارو. اڳڙين جو، چتين لڳل، چتين وارو.

٭ [مث: اڳڙيائي ج اڳڙيائيون]

– **اڳڙي پوڻ:** [اصطلاح] ڳنڍ لڳڻ. چتي پوڻ.

– **اڳڙي لڳڻ:** [اصطلاح] چتي لڳڻ. ڳنڍ لڳڻ.

-- **اڳڙيون وجهڻ:** [اصطلاح] چتيون هڻڻ.

• **اڳڙياٽُ ج اڳڙياٽَ:** [ا - مذ] نار جو هڪ عضوو (ٽوياٽ جي سامهون ڇوهي جي ڏينگي واري پاسي کان لٺ جي هيٺان رکيل ڪاٺي).

-- **اڳڙياٽ ٿيڻ:** [اصطلاح] هٺ نوڪيو ٿيڻ. ها ۾ ها ملائڻ.

٭ ساڃي بانهن بنجڻ. چاڙتو بنجڻ.

• **اڳلو ج اڳلا:** [صفت - مذ] اڳيون، آڳاٽو، آڳوڻو.

٭ ٻيءَ ڌر وارو.

٭ [سن: اگريه]

٭ گنهگار، خراب، بڇڙو، بدڪار، ڪميڻو.

٭ [سن: اگهلا]

٭ [مث: اڳلي ج اڳليون]

'اڃيو اڃيو اڳلي، جتي ليلا ڪي لوڪ' (شاهه/ليلا چنيسر).

• **اڳڻ:** [مص_فعل لازمي] اپڙڻ، اسرڻ، سلو ڪڍڻ، ڄمڻ، پيدا ٿيڻ.

٭ [س/ٽ – سن: ادگر]

٭ [اڳيو، اڳيا، اڳي، اڳيون، اڳندو، اڳندا، اڳندي، اڳنديون، اڳيل]

• **اڳڻِ:** [صفت –مث] بيشمار، ڳڻڻ کان وڌيڪ، ڳڻت کان ٻاهر.

٭ [سن: اڳڻت]

– **اڳڻيو ج اڳڻيا:** [صفت - مذ] بيشمار، بي حساب، ڳڻڻ کان وڌيڪ، اڻ ڳڻيا، اڻ ڳڻيو.

٭ [مث: اڳڻي ج اڳڻيون]

• **اڳواڙو ج اڳواڙا:** [ا–مذ] اڱڻ، آڱنڊ، صحن، ايوان.

٭ [سن: اگرواٽ]

• **اڳوانُ، اڳواڻُ ج اڳوانَ، اڳواڻَ:** [ا - مذ] مهندار، سردار، قائد، رهبر، سونهون، پيشوا.

'آءٌ آريائي اڳواڻ، ور وجهڻ مناسب ناهي' (مولود).

• **آڳياڪاري:** [صفت] چئيوان، چيو مڃيندڙ، فرمانبردار، حڪم جي پيروي ڪندڙ.

* [سن: اڳيا + ڪاري]

• **آڳيان:** [ظرف] اڳ ۾، سامهون، مهندان، منڍ ۾، پهريان.

* مقابل، آڏو، روبرو.

'آڳيان آڏين وٽ، پوين سرسانباها' (شاهه/ڪليان).

– **آڳيان اچڻ:** [اصطلاح] سامهون اچڻ، آڏو اچڻ.

* ڪنهن ڪم ۾ رنڊڪ وجهڻ.

* مقابلو ڪرڻ.

* برن اعمالن جو نتيجو ملڻ.

– **آڳيان ڪرڻ:** [اصطلاح] اڳ ۾ ڪرڻ، سامهون ڪرڻ.

* پيش ڪرڻ.

* وڙهڻ لاءِ ڪڙو ڪرڻ.

* رهبريءَ لاءِ آڏو ڪرڻ.

• **آڳيچڻي ج آڳيچڻيون:** [ا – مث] مائيءَ کي ڍڪڻ لاءِ ڪپڙي جو ٽڪر، پنڌڻو.

* [س/ل]

• **آڳير:** [ظرف] ٿورو وقت اڳ ۾، اڳهرو.

* اڳئين ڏينهن.

• **آڳيراهون:** [ظرف] اڳيرڙو، ٿورو وقت اڳ ۾.

* ٿورو اڳيرو.

– **آڳيرڙو:** [ظرف] ٿورو اڳ ۾.

• **آڳيلي ج آڳيليون:** [ا مث] بيڙيءَ جي اڳ واري لڪ جو ڍڪ، ڦالڪو، توتڪ.

• **آڳين ج آڳيون:** [صفت_مث] هن ڪان پهرين.

* شروع واري، منڍ واري، آڳاٽي.

* بن ملهن مان پهرين ملهه.

* ظهر جي نماز.

* مال جي قطار ۾ اڳيان هلندڙ موهري.

* اڳئين.

• **آڳيون ج آڳيان:** [صفت – مذ] پهريون، اڳوارو، آڳاٽو، قديم، گذريل، پراچين، منڍ وارو.

* [مث: آڳين ج آڳيون]

– **آڳيون پويون وساري ڇڏڻ:** [اصطلاح] سڀ ڪجهه ڇڏي ڏيڻ.

* صفا معاف ڪرڻ، خطائون درگذر ڪرڻ.

• **آڳي ٿي:** [ظرف] اڳ ۾ ٿي، اصل کان وٺي، پهريائين، اڳهين.

– **آڳي ٿي سون هئڻ:** [اصطلاح] ڇمندي جام هئڻ، اصل کان پاڪ صاف هئڻ.

• **اگهه ج اگهه:** [ا – مذ] بها، ملهه، نرخ، بيهه.

* مان، قيمت.

* [سن: ارگهه – پرا: اگهه – ف: ارج]

– **اگهه پاڙ ج اگهه پاڙ:** [ا – مذ] نرخ، بها، رقم، قيمت.

– **اگهه پار پڇڻ:** [اصطلاح] قيمت پڇڻ، نرخ پڇڻ، اگهه ڇڪائڻ

– **اگهه پوڻ:** [اصطلاح] اگهه ٿيڻ، قدر ٿيڻ، ملهه ٿيڻ.

– **اگهه ڇڏائڻ:** [اصطلاح] ڪنهن شيءِ جي مقرر قيمت کان ڪجهه قيمت لهرائڻ، رعايت ڪرائڻ.

* تعدي ڪرڻ، جٺ ڪرڻ، ملامت ڪرڻ، سخت بي عزتي ڪرڻ

– **اگهه ڪيرڻ:** [اصطلاح] اگهوتري ٺهرائڻ، ملهه ڪرڻ.

– **اگهه ڪرڻ:** [اصطلاح] ملهه ڪرڻ، مهانگو ٿيڻ.

* آبرو وارو ٿيڻ.

* هندن ۾ هڪ ڌرمي رسم طور خيرات ڪرڻ.

* جٺ ڪرڻ.

– **اگهہ ڪسيري جو ٿيڻ:** [اصطلاح] بلڪل سهانگو ٿيڻ. گهٽو سستو ٿيڻ.

※ مان گهٽجڻ. بي مانو ٿيڻ. بي عزتي ٿيڻ.

– **اگهہ ڪتيو ڪاٿڻ:** [اصطلاح] شين جا اگهہ وڌائي وڪڻڻ.

– **اگهہ مدا پائڻ:** [اصطلاح] بحث ڪرڻ.

※ حجتون هلائڻ. بي ادب ٿيڻ.

● **اگهُہ ج اگهون:** [ا – مذ] اگهڻ جي حالت. صفائي.

※ پاڙ.

※ [س/ٿ]

● **اگهہ سگهہ:** [ا – مث] اوگهہ سوگهہ.

※ صفائي.

※ ديگڙي وغيره مان صفا ڪري کڻيل کاڌو. روڙ سوڙ. بچت سچت. اوبر سوبر.

– **اگهہ وجهڻ:** [اصطلاح] گم ٿيڻ. پاڙ پٽجڻ.

※ [اصطلاح]

● **اگهاتو ج اگهاتا:** [صفت – مذ] سڪيلڌو. لاڏلو. پيارو.

※ [س/ات]

※ [مث: اگهاتي ج اگهاتيون]

● **اگهارَ ج اگهارُون:** [ا - مث] هبج. لالچ.

ـ **اگهاري ج اگهاري:** [صفت] هبجي. لالچي.

● **اُگهاڙڻ:** [مص ـ فعل متعدي] اگهاڙو ڪرڻ. نانگو ڪرڻ.

※ عيب ظاهر ڪرڻ. خوار ڪرڻ. بچڙو ڪرڻ.

※ ظاهر ڪرڻ. پڌرو ڪرڻ

※ [سن: اد گهٽ]

※ [مص] اُگهاڙڻ

※ [امر] اُگهاڙ

※ [مضارع] اُگهاڙيان (ج) اُگهاڙيون. اُگهاڙين (ج) اُگهاڙيو. اُگهاڙي (ج) اُگهاڙين.

※ **[زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍبا آهن]**

※ **[حال]** اُگهاڙي ٿو (ج) اُگهاڙين ٿا

※ **[حال مث]** اُگهاڙي ٿي (ج) اُگهاڙين ٿيون

※ **[ماضي]** اُگهاڙيو (ج) اُگهاڙيا

※ **[ماضي مث]** اُگهاڙي (ج) اُگهاڙيون

※ **[مستقبل]** اُگهاڙيندو (ج) اُگهاڙيندا

※ **[مستقبل مث]** اُگهاڙيندي (ج) اُگهاڙينديون

※ **[اسم مفعول]** اُگهاڙيل.

– **اُگهاڙَ ج اُگهاڙون:** [ا– مث] اوگهڙ. ننگائي.

※ اپت. بي پردگي.

※ ننگ. شرم

※ **['اُگهاڙڻ' مان اسم]**

**'انهين وت آهي، اوجڻ ڳالهہ اُگهاڙ جي' (شاهہ/رامڪلي).**

– **اُگهاڙائي ج اُگهاڙايون:** [ا - مث] ننگائي. عرياني.

– **اُگهاڙپ ج اُگهاڙپون:** [ا - مث] اگهاڙائي. عرياني.

● **اُگهاڙو ج اُگهاڙا:** [صفت – مذ] بنا ڪپڙن جي. اڻ ڍڪيل.

※ ننگو. عريان.

※ بيحيا بدافعال. بد چال.

※ **[سن: ادگهات]**

※ **[مث: اُگهاڙي ج اُگهاڙيون]**

– **اُگهاڙي ترار:** [محاورو] سچ چوندڙ. منهن تي ٻڌائيندڙ.

※ وات ڦاٽوڙو.

– **اُگهاڙي ڪُني:** [محاورو] لاوارث. نڌڻڪو. بي واهو

※ سچو. غريب. مفلس.

– **آڳھلي پوڻ:** [اصطلاح] ڳالهائڻ ۾ ڇنڪڻ. ڳهٽو ڳالهائڻ.
* اوچتو کلي پوڻ. راز فاش ڪرڻ.
* وزن وڌي وڃڻ. تندرست.
* اٿلي پوڻ.
* بي حجاب ٿيڻ.
* [س/ات]
• **آڳھلو ج آڳھلا:** [صفت –مذ] اڳلو. ڳدلو. ڳندو. ڪنو. ميرو.
* [سن: اڳهال = گنهگار]
* [مث: آڳھلي ج آڳھليون]
• **آڳھر:** [ا. خاص] هڪ ذات جو نالو.
• **اُڳھرُ ج اُڳھرَ:** [ا-مذ] گهٽ. آگر. گرمي.
* ساوڻ جي مند ۾ مينهن پوڻ کان اڳ هوا جي گهٽ.
* [سن: ا + گهرم]
• **آڳھن:** [ا_صفت] هلڪي طبيعت وارو. ترڙو. سفلو.
• **آڳھڻ:** [مص_فعل لازمي] آڳهامڻ. قبول پوڻ. قدر ٿيڻ.
* [آڳهيو، آڳهيا، آڳهي، آڳهيون، آڳهندو، آڳهندا، آڳهندي، آڳهنديون، آڳهيل]
• **اُڳھڻ:** [مص_فعل متعدي] صفا ڪرڻ.
* مهٽڻ. مر لاهڻ.
* ٻاٽيءَ ڪانسواءِ ڪنهن ٻيءَ شيءِ سان صاف ڪرڻ.
* [سن: ادگهرشڻ]
* [مص] اُڳهڻ
* [امر] اُڳهہ
* [مضارع] اُڳهان(ج) اُڳهون. اُڳهين(ج) اُڳهيو. اُڳهي(ج) اُڳهين
* [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍبا آهن]
* [حال] اُڳهي ٿو(ج) اُڳهين ٿا
* [حال مث] اُڳهي ٿي(ج) اُڳهين ٿيون
* [ماضي] اُڳهيو(ج) اُڳهيا
* [ماضي مث] اُڳهي(ج) اُڳهيون
* [مستقبل] اُڳهندو(ج) اُڳهندا
* [مستقبل مث] اُڳهندي(ج) اُڳهنديون
* [اسم مفعول] اُڳهيل
– **اُڳھڻو ج اُڳھڻا:** [ا –مذ] اڳهڻ جي شيءِ (ڪپڙو، ٽوال وغيره).
– **اُڳھي اُٿڻ:** [اصطلاح] ٿانءُ خالي ڪري اٿڻ. سڀ ڪائي اٿڻ. صفا ڪري ڪڙو ٿيڻ.
– **اُڳھي ڇڏڻ:** [اصطلاح] صفا ڪري ڇڏڻ.
* ڦري ناس ڪرڻ. ٻينگيو ڪرڻ.
• **آڳھو ج آڳھا:** [صفت - مذ] اڻ سگهو. ناچاڪ. بيمزي. بيمار. مريض. هيڻو. ڪمزور.
* [ضد: سگهو]
* [مث: آڳهي ج آڳهيون]
• **آڳھوَتَر:** [ا - مث] اونداهہ.
• **آڳھوٽري ج آڳھوٽريون:** [ا– مث] جنسن جي ياداشت. اگهن جي فهرست. نرخنامو
* [سن: ارگهہ]
• **آڳھوچر، آڳوچر:** [صفت] بي انتها (پاڻي).
* اها جاءِ جتي سڀ ڪجهہ موجود هجي.
• **آڳھوَر:** [صفت] اهو جيڪو ڳولي نہ سگهجي.
* [مجازاً] گهرو. اونهو. عميق.
* [سن: ا + گهور]
'گهوريندي گهور پيا. اگهور گهوريائون.'
* خوفناڪ سمنڊ يا ڪن.
* [ا. خاص] لڪي تيرٿ (تعلقي سيوهڻ) ۾ ٿڌي چشمي جو نالو.
* بلوچستان ۾ هاڙهي جبل جي ويجهو هڪ نديءَ جو نالو.

● **آل:** [ا_مث] 'اسم معرف' جي نشاني (جيئن 'الشمس'–'القمر').

* [ع: ال]

– **آلامان:** [ح_ندا] (يا رب) پناهه!، رحم!، امن!.

– **آلحاصل:** [ظرف] القصه. مطلب ته. حاصل مراد.

– **آلحال:** [ظرف] في الحال. هن وقت. هينئر.

**'آريائي الحال، ڪندو غور غريب جو' (سچل).**

– **آلحق:** [ا–مذ] تحقيق. سچ.

– **آلراقم:** [صفت] لکندڙ.

– **آلعبد:** [صفت–مذ] ٻانهو. نوڪر. غلام.

– **آلغرض:** [ظرف] حاصل مطلب. قصو ڪوتاهه.

* نيٺ. آخرڪار.

– **آلقصه:** [ظرف] قصو ڪوتاهه. مطلب ته. حاصل مطلب.

● **آلَ ج آلُون:** [ا–مث] عيب. وڏ.

**'ڪا مونهين ۾ ال، نه ته سڄڻ سياڄها گهڻو' (شاهه/ساموندي).**

* رنڊڪ. منع.

* چڙ. ٿوڪ گهٽتائي. عيب. نقص.

* عادت.

– **آلَ وجهڻ:** [اصطلاح] رنڊڪ وجهڻ. روڪ ڪرڻ. اٽڪ وجهڻ.

* قطع تعلقات ڪرڻ. ناتا ٽوڙي ڇڏڻ.

* چوپايو مال ڪنهن جي نالي ڪري ڇڏڻ.

* [س/ل]

● **آلَ ج آلَ:** [ا–مذ] بيوقوف. اڻ آزمودگار.

* ڪانءَ جو ٻچو.

* سرخ گهوڙو.

* مڇيءَ جو هڪ قسم.

– **آلَ اُڏارڻُ:** [اصطلاح] ڪانءَ جا ٻچا اڏارڻ.

* اڻ آزمودگارن يا بيوقوفن کي شڪست ڏيڻ.

* بيوقوفن کي ڀڄائڻ.

* ٻاراڻا ڪم ڪرڻ. چريائپ جا ڪم ڪرڻ.

– **آل ڪانءُ:** [ا–مذ] ڪانءَ جو ٻچو.

* چريو. بيوقوف. اڀوجهه.

* اڻ آزمودگار. سيکڙاٽ.

● **الا:** [ح.ندا] الله جو قسم!

* شال. ڪاش!

* افسوس!

* [ع: 'الله' جو مخفف]

– **الا الا ڪرڻ:** [اصطلاح] الله الله ڪرڻ. الله کي ياد ڪرڻ.

* الله وارو ٿي وڃڻ. دنيا جا ڌنڌا ڇڏي ڏيڻ.

– **الابلا:** [ا–مث] سڀ ڪجهه.

* خراب شيءِ.

* مصيبت. اِيڙا ٻيڙا.

– **الاجي:** [ح.ناڪار] الائجي. الله ڄاڻي. خبر ناهي. مبادا.

– **الاڙي:** [ح.ندا] (الله + ڙي) خوف يا ڏک سببان ڏٺيءَ کي ڪيل سڏ 'ياالله. او الله!'

**'الا ڙي. گهوڙا ڙي' (محاورو)**

– **الائي:** [ح.ناڪار] الاجي. خدا کي معلوم. الله ڄاڻي. خبر نه آهي. مبادا.

● **اِلا:** [ح.استثناء] کان سواءِ. سواءِ.

* ڌاران.

* مگر. پر. ليڪن.

* [ع: اِلا = کانسواءِ]

– **اِلاّلله:** [ا–مذ] ڪلمي طيبه جو اِثباتي ڀاڱو بمعنيٰ 'سواءِ الله جي'.

– **اِلاهي ڪڪر:** [محاورو] بنا توقع نعمت، اوچتو فائدو.

– **اِلاهي ڪڪر وسڻ:** [اصطلاح] خدائي رحمت وسڻ، خدائي نعمت حاصل ٿيڻ.

* اوچتو فائدو ٿيڻ.

– **اِلاهياتِ:** [ا–مث] ڌڻي تعاليٰ جي ذات ۽ صفات جو علم.

– **اِلاهيت:** [ا-مث] الوهيت، خدائي.

● **الله:** [ا.ذات] خدا پاڪ جو ذاتي نالو، هڪ خدا، مالڪ، ڌڻي

* سيني سهڻين صفتن جو جامع.

* [ع: الله]

– **آلله اڪبر:** [ڪلمو] الله سڀ کان وڏو آهي.

* اظهار تعجب جو ڪلمو.

* اچانڪ افسوسناڪ خبر ٻڌڻ شرط نڪرندڙ ندا.

* تڪبير جو ڪلمو (حلال جانور کي ذبح ڪرڻ وقت).

* نماز جي نيت ڪرڻ وقت تڪبير جو ڪلمو.

– **آلله آلله:** [ڪلمو] خدا جي يادگيريءَ جو ڪلمو، ذڪر.

* [ح.ندا] افسوس ڪرڻ وقت چئجي.

– **الله الله ڪرڻ:** [اصطلاح] الله پاڪ جو ذڪر ڪرڻ، ڌڻيءَ پاڪ کي ياد ڪرڻ، تسبيح پڙهڻ، عبادت ڪرڻ، ڌڻيءَ پاڪ کان ڊڄڻ.

* ڏک ۾ صبر ڪرڻ.

* آفت کان خير گهرڻ.

– **الله الصمد:** [ڪلمو] الله تعاليٰ بي پرواهه ۽ بي نياز آهي.

* خوف واريءَ حالت ۾ ڌڻيءَ جي ياد جو ڪلمو.

– **الله بَند:** [ا.خاص] سنڌ ۽ ڪڇ جي سرحد تي سن 1819ع واري زلزلي ۾ درياهه تي ازخود ٺهي پيل هڪ قدرتي بند (جنهن جي ڪري پورو پاڻي نارو نديءَ ڏانهن رخ ڦيرائي ويو).

– **الله بيلي:** [ٻول] الله سائين، ڌڻي همراهه، موليٰ مددا، الله نگهبان، خدا حافظ!.

– **الله توهار:** [محاورو] ڪم جي شروع ڪرڻ جو ڪلمو (الله تو آهي)، ڌڻي تنهنجو آسرو، مولا تنهنجي مدد.

– **الله توهار ڪرڻ:** [اصطلاح] الله تنهنجي آهر چوڻ، ڪم جي شروعات ڪرڻ.

– **الله جو نالو:** [ٻول] ڌڻي پاڪ جو واسطو، ڌڻيءَ جو قسم، ڌڻي تعاليٰ جي نالي کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه.

– **الله جي امان:** موڪلائيءَ وقت چيل دعا جو ڪلمو، الله جي پناهه، ڌڻيءَ جي نگهباني.

– **الله جي ليکي ۾ هجڻ:** [اصطلاح] موت کي ويجهو هجڻ، پوين پساهن ۾ هجڻ.

– **الله جي ماني:** [ا-مث] ول جو هڪ قسم.

* [س/ٿ]

– **الله چائي:** [محاورو] خبر نه هجڻ جي حالت ۾ استعمال ٿيندڙ محاورو، خدا کي خبر! (يعني مونکي خبر ناهي)، ڌڻيءَ کي سُڌ!

– **الله راسي:** [محاورو] اهو جو خدا جي سهاري هجي.

* [صفت] ويچارو، غريب، مسڪين.

– **الله سان ڳالهيون هجڻ:** [اصطلاح] موت کي ويجهو هجڻ

– **الله سائين:** [ا.ذات] ڌڻي تعاليٰ، خدا، حقيقي معبود، پالڻهار، الله پاڪ جو ذاتي نالو.

* ايشور، ڀڳوان

– **الله لڳ:** الله ڪارڻ، الله پاڪ جي واسطي.

* الله تعاليٰ جي نالي جو قسم وجهڻ، الله پاڪ جو قسم کڻڻ، الله تعاليٰ کي حاضر ناظر سمجهي.

'سارنگ سارَ لهيج، الله لڳ اچيين جي' (شاهه)

– **الله لوڪُ ج الله لوڪَ:** [صفت] خدا وارو، الله جو ماڻهو، اهل الله، درويش، ڀهتل.

* سڌو سادو، طبيعت جو سادو، ڀورڙو.

* [ع: الله + لوڪ]

– اُلٽي ڪنڊ: [ا - مث] 180 درجن کان وڌيڪ ماپ واري ڪنڊ، اُبتي ڪنڊ.

– اُلٽي کوپري: [محاورو] اونڌيءَ سمجهه وارو.

❁ بيوقوف، ڪم فهم.

– اُلٽي گنگا: [محاورو] اُبتي وهندڙ گنگا ندي.

❁ ناممڪن ڪم، ابتو ڪم، غير رواجي هلت.

– اُلٽي گنگا وهڻ: [اصطلاح] گنگا نديءَ جو ابتو وهڻ.

❁ ناممڪن عمل وجود ۾ اچڻ.

'گنگا الٽي جي وهي، ڏاڍي ڏٿي نه ڪير' (جمن چارڻ).

❁ خلاف دستور ڪم ٿيڻ.

– اُلٽي ڳالهڙي: [ا - مث] ابتي ڳالهه.

❁ معما، ڳجهارت، پروڙي.

'اِي الٽي ڳالهڙي، سڪ ورندي ساهه' (شاهه).

– اُلٽي مالها: [محاورو] بد دعا، پٽ، پاراتو.

– اُلٽي مالها ڦيرڻ: [اصطلاح] بد دعا ڪرڻ، پاراتو ڏيڻ، پٽڻ.

– اُلٽيون سُلٽيون ٻڌائڻ: [اصطلاح] ابتيون سبتيون ڳالهيون ٻڌائڻ.

❁ برغلائڻ.

● اُلٿو ج اُلٿا: [ا – مذ] وهٽن کي چاري ڏيڻ جو اهورو.

❁ [س/ٿ]

● اَلپ: [صفت] ٿورڙو.

❁ ننڍو، خسيس.

❁ [سن: الپ = ٿورو]

– اَلپ ماتر: [ا - مث] گهڙي کن.

❁ [ظرف] جهٽ پٽ.

● اِلپاڪ ج اِلپاڪ: [ا - مذ] تاڻت جي نموني ڳچيءَ ۾ پائڻ جو هڪ ڳهه (جيڪو سون، چانديءَ ۽ ٻين وغيره جو ٿئي)، دلپاڪ.

● اَلپاڪو ج اَلپاڪا: [ا_مذ] ڪپڙي جو هڪ قسم، الپاڪي نالي جانور جي اُن مان ٺهيل ڪپڙو.

❁ [اسپاني: (الپيڪا) — ع: (ال + پيڪو = پيرو ملڪ جو ڏيهي نالو)]

● اَلپٽ: [ا – مث] انڪار، ناقبوليت.

❁ نکي، دغا، کوٽ.

❁ [سن: اپلپ = انڪار]

● اَلجبرا: [ا - مث] حسابن جو هڪ علم.

❁ [ع: الجبر و المقابله]

❁ [انگ: Algebra]

● اَلجڪ ج اَلجڪ: [ا – مذ] سٽڻ جو ور.

❁ [س/ل]

● اُلجهڻ: [مص – فعل لازمي] منجهڻ، ڦاسڻ، اٽڪڻ، پريشان ٿيڻ، دقت ۾ پوڻ، پڪيڙي ۾ پوڻ.

❁ گمراهه ٿيڻ.

❁ ڪنهن معاملي ۾ دير پوڻ.

❁ [هند: الجهنا]

❁ [اُلجهيو، اُلجهيا، اُلجهي، اُلجهيون، اُلجهندو، اُلجهندا، اُلجهندي، اُلجهنديون، اُلجهيل]

● اُلچو ج اُلچا: [ا - مذ] هلاچو، گوڙ.

● اَلچَلَ: [ا - مث] انچر، عام جام، ريل چيل، اٿميو.

– اَلچَلَ ڪرڻ: [اصطلاح] ريل چيل ڪرڻ، گهٽو لٽائڻ.

● اِلحاد: [ا – مذ] دين کان ڦرڻ جي حالت، بيديني، ڪفر.

❁ [ع: الحاد = دين کان ڦرڻ]

● اِلحاقُ: [ا_ مذ] ڳانڍاپو، لاڳاپو، ميلاپ، شموليت.

● اَلحالَ: [ظرف] في الحال، هن وقت، هينئر.

' آرياڻي الحال، ڪندو غور غريب جو' (سچل).

– اُلڪائتو ج اُلڪائتا: [صفت - مذ] الڪي وارو، اولي وارو، انديشي وارو، فڪرمند، منتظر، انتظار وارو.
* [مث: اُلڪائتي ج اُلڪائتيون]
– اُلڪو رکڻ: [اصطلاح] اوسيئڙو ڪرڻ، چنتا رکڻ، فڪر ڪرڻ.
– اُلڪو ڪرڻ: [اصطلاح] ڳڻتي ڪرڻ، پريشان ٿيڻ، چنتا ڪرڻ.
• آلک: [ا - مذ] خدا جو صفاتي نالو.
* [سن: الڪشيه<ا = نه + لڪش = ڏسڻ]
'ايهي الک سامهون، بانهون ٻڌائون.'
* [صفت] اگم، غير محسوس، اڻ ڏٺو، آلکو، جنهن جي لکا نه پوي، مخفي، اڻ ڏٺل، غائب، بي نشان، اڻلکو.
* [ا ـ مث] جوئر جو هڪ قسم.
– آلک پرک: [ا - مذ] ڌڻي، رب تعالىٰ.
'الک پرک آئي، ديرو ڪيو ديهه ۾' (سامي).
– آلک جاڳائڻ: [اصطلاح] الله پاڪ جو ذڪر پچائڻ، اندر ۾ ذڪر اورڻ، ڌڻيءَ کي ياد ڪرڻ.
– آلک رکڻ: [اصطلاح] رايو رکڻ، پيار ڪرڻ.
• الڪڻ: [مص ـ فعل متعدي] جاڻڻ، سڃاڻڻ، محسوس ڪرڻ.
* [سن: الڪشڻ]
* [مص] الڪڻُ
* [امر] الڪِ
* [مضارع] الڪان (ج) الڪون، الڪين (ج) الڪيو، الڪي (ج) الڪين.
* [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍبا آهن]
* [حال] الڪي ٿو (ج) الڪين ٿا
* [حال مث] الڪي ٿي (ج) الڪين ٿيون
* [ماضي] الڪيو (ج) الڪيا
* [ماضي مث] الڪي (ج) الڪيون
* [مستقبل] الڪندو (ج) الڪندا
* [مستقبل مث] الڪندي (ج) الڪندي
* [اسم مفعول] الڪيل
• الکو ج الکا: [صفت - مذ] اڻلکو، نامعلوم.
* [سن: الکشيه]
* کلکٹو، کلچٹو
* [ا = نه + لکڻ = لچڻ]
• الڪائي: [ا. خاص] هڪ ذات جو نالو.
• الگارَ ج الگارُون: [ا ـ مث] شوق، آزادي، عيش.
* [تر: الغار، ايلغار، يلغار = ڪاهه، حملو]
• الگارون ڪرڻ: [اصطلاح] شوق وٺڻ، مزا ماڻڻ.
• الگوزا: [ا ـ مذ] الغوزو، هڪ قسم جو ساز، پاوا، بينون، سنڌي موسيقيءَ جو هڪ ساز، بينن جي جوڙي.
* [ع: (الغوزه) ـ ف: (الگوجا)]
• الڳ: [صفت ـ ظرف] جدا، ڌار، علحيده، ڀري، دور.
* اڪيلو، تنها، بي تعلق.
* [سن: الڳن]
– الڳ الڳ: [ظرف] جدا جدا، ڀري ڀري.
• الڳي: [ا ـ مث] سڪرات، پويان پساهه.
* [س/ات]
– الڳي ٿيڻ: [اصطلاح] سڪرات ۾ هجڻ.
• آلل: [ظرف] صبح سوير.
* [ع: علي الصباح]
* [صفت] اڙل، شوخ، سرڪش، الڙ.
* [ا ـ مذ] هڪ خيالي پکي.

– **آليڪ سليڪ ڪرڻ:** [اصطلاح] دعا سلام ڪرڻ، واسطو ناهڻ، ملڻ موڪلائڻ، ٻه چار ڳالهيون ڪرڻ.

– **آليڪ سليڪ هجڻ:** [اصطلاح] ڄاڻ سڃاڻ هجڻ، واقفيت هجڻ، آشنائي هجڻ، لاڳاپو هجڻ.

• **اِليڪشن ج اِليڪشنون:** [ا - مث] ووٽن رستي ميمبرن جي چونڊ، انتخاب.

* [انگ: Election]

• **اليڪ:** [صفت] ليکي کان ٻاهر، بي حساب، بيشمار، ڳاڻيٽي کان ٻاهر.

* [ا = نه + ليڪ = ليکو حساب]

• **اُليلَ ج اُليلون:** [ا - مث] محبت جي چِڪ، عشق جي اڪير، درد جي چوٽ، محبت جي گهرائي، گهاٽي پريت.

'اڄ نه اليل عجيبن جا مون کي سيني ساماڻا' (غمدل فقير)

• **آليهڙ ج آليهڙ:** [ا - مذ] ڪاريهر نانگ.

• **اُم:** [ا - مث] ماءُ.

* [ع: ام ج امهات = ماءُ]

– **اُمّ الامراض:** [ا - مث] مرضن جي ماءُ.

* قبضي.

* زڪام.

* شگر (ملن پيشابن جي بيماري).

– **اُمّ البنين:** [ا - مث] پٽن جي ماءُ (حضرت غازي عباس علمدار جي ماءُ).

– **اُمّ الجيش:** [ا - مث] لشڪر جي ماءُ.

* جهنڊو، علم.

– **اُمّ الخبائث:** [ا - مث] خرابين جي ماءُ، خرابين جي جڙ (شراب).

– **اُمّ الخير:** [ا - مث] چڱائي جي ماءُ.

* بيبي رابعه بصريءَ ڏانهن منسوب لقب.

– **اُمّ الصبيان:** [ا - مث] ٻيجڙي جي جڙ.

* [ع: ام + الصبيان + ٻار = ٻارن جي ماءُ]

– **اُمّ الطعام:** [ا - مث] اناجن جي ماءُ (ڪڻڪ).

– **اُمّ الفضائل:** [ا - مث] فضيلتن جي ماءُ.

* بيبي فاطمة الزهرا سلام الله عليها ڏانهن منسوب لقب.

– **اُمّ القري:** [ا - خاص] مڪي جو شهر.

* [ع: ام + القري = ڳوٺ = ڳوٺن جي ماءُ]

– **اُمّ القرآن:** [ا - مث] قرآن جي ماءُ.

* سورة 'فاتحه'، الحمد شريف.

– **اُمّ الڪتاب:** [ا - مث] ڪتابن جي ماءُ، قرآن شريف.

* سورة الفاتحه.

– **اُمّ المصائب:** [ا - مث] ڏکن ۽ تڪليفن جي ماءُ (بيبي زينب ڏانهن منسوب لقب).

– **اُمّ المؤمنين:** [ا - مث] مومنن جي ماءُ (رسول پاڪ صلي الله عليه وآله وسلم جن جي بيبين ڏانهن منسوب لقب).

* امهات المؤمنين

– **اُمّ النجوم:** [ا - مث] تارن جي ماءُ.

* ڪهڪشان، ڪير ڌارا.

• **اُمَر:** [ظرف] عمر لاءِ، هميشه لاءِ، حوالي ڪيل.

* [1. عمر > امر، 2. امالڪ > امر].

* [ا _ مث] رومڙ، جلهه، ڪاهه، رخ.

– **اُمر ڏُمر لائي ڏيڻ:** [اصطلاح] اکيون پوري ڪم کي لڳي وڃڻ.

– **اُمر لاءِ وڃڻ:** [اصطلاح] هميشه لاءِ وڃڻ، عمر کي وڃڻ لاءِ وڃڻ.

• **اُمر ڪرڻ:** [اصطلاح] اکيون پوري روانو ٿيڻ، منهن ڪري وڃڻ، رخ رکي هليو وڃڻ.

* [س/ل]

• **آما، آمان:** [ا _ مث] ماءُ، امڙ، جنم ڏيندڙ.

* پيار مان ڏيءَ، ننهن يا ڪنهن ٻه ڇوڪريءَ يا عورت کي سڏڻ جو عزت ڀريو لفظ.

• **آماليون ڪرڻ:** [اصطلاح] نشا ڪرڻ، نشا پتا ڪرڻ، خوش گذارڻ.

• **إماله:** [اـمذ] الف اماله (صرف نحو مطابق اهو الف جيڪو 'ي' ۾ بدلائجي).

* [ع: إماله = مائل ڪرڻ، موڙڻ]

* [رڪاب > رڪيب، ڏاج > ڏيج]

• **إمامُ ج إمامَ:** [اـ مذ] اڳواڻ، پيشوا، سونهون، رهبر، هادي، سردار، مهندار، مذهبي رهنما، هر هڪ فن يا علم جو وڏو ماهر، جماعت کي نماز پڙهائيندڙ، جماعت جو اڳواڻ، تسبيح جو وڏو داڻو

* [ع]

– **إمام اعظم:** [اـ خاص] امام ابو حنيفو (نعمان بن ثابت) فقه حنفي جو باني.

– **امام الانام:** [صفت ـ مذ] ماڻهن جو مهندار.

– **إمامت:** [اـمث] اڳواڻي، پيشوائي، مهنداري، سرداري.

* [ع: إمامة]

– **إمامت ڪرڻ:** [اصطلاح] پيشوائي ڪرڻ، اڳواڻي ڪرڻ، اڳواڻ ٿي نماز پڙهائڻ.

– **إمام ضامن:** [اـمذ] امام موسيٰ رضا جو لقب 'إمام ضامن جو رپيو' (اهو رپيو جيڪو ويساهه وارا امام رضا جي نالي تي باسي تعويذ طور ٻانهن ۾ ٻڌن)

– **إمام غزالي:** [اـ خاص] امام محمد بن محمد غزالي (450هه – 505هه – طوس شهر جو ويٺل اسلامي فلسفي ۽ الاهيات جو وڏو عالم).

– **إماميه:** [اـ مذ] ٻارهن امامن ۾ اعتقاد رکڻ وارو فرقو، ڪين 'اثنا عشريه' به سڏيندا آهن.

– **إمامين:** [اـ مذ] ٻه امام يعني حضرت حسن عه ۽ حضرت حسين عه.

* [ع]

• **آمانَ:** [اـ مث] پناهه، حفاظت، سلامتي، بچاءُ، جهلو، اجهو، ڍڪ.

* [ع ـ أمن] 'الامان = خدا جي پناهه'.

• **امانا:** امن ڪان سواءِ

• **آمانتَ ج آمانتون:** [اـمث] حفاظت خاطر هٿيڪي رکيل شيءِ، اها شيءِ جيڪا ڪنهن کي حفاظت سان رکڻ لاءِ ڏجي.

* ايمانداري، ديانتداري، انصافي فيصلو، امين جو فيصلو هٿيڪائي.

* [ع: امانة]

– **آمانتدارُ ج آمانتدارَ:** [صفت] ايماندار، سچو، امين، معتبر، ڀروسي جهڙو، منصف، رکيل شيءِ جي حفاظت ڪندڙ.

* [امانت + ف ـ دار = رکندڙ]

– **آمانت رکڻ:** [اصطلاح] ڪا شيءِ ڪنهن وٽ حفاظت لاءِ رکڻ.

– **آمانت ڪرڻ:** [اصطلاح] امين ٿي فيصلو ڪرڻ، انصاف ڀريو فيصلو ڪرڻ، امين ٿي ملهه ڪرڻ.

– **امانت ۾ خيانت:** [محاورو] امانت طور رکيل شيءِ ۾ بي ايماني يا ڪپت.

– **آمانت ۾ خيانت ڪرڻ:** [اصطلاح] امانت طور رکيل شيءِ سان هٿ چراند ڪرڻ، ڪپت ڪرڻ.

– **آمانت نامو ج آمانت ناما:** [اـ مذ] انصافي فيصلي ڪرائڻ لاءِ لکيل دستاويز.

– **آمانتي:** [صفت] امانت طور رکيل، اماني (ڪم يا فيصلو).

– **آماني ج آماني:** [صفت] امانت طور رکيل (شيءِ)، امانت تي ڪم، اعتبار تي ڪم، بنا ٻول ڪم.

• **آمانگهرو ج آمانگهرا:** [صفت ـ مذ] گهٽو آلو، بيخوف، بي ڊپو.

* [مث: آمانگهري ج آمانگهريون]

– امبل چمبل ٿيڻ: [اصطلاح] هڪٻئي تان قربان ٿيڻ، گهور گهور وڃڻ.

● آمِيو ج آمِيا: [ا_مذ] ديگ رڌڻ لاءِ لوهه يا ڪاٺ جي وڏي ڏوئي، انبي، ڪفگير.

* صفحي جي آخر ۾ ڪاٻيءَ ڪنڊ تي هيٺ شروع ٿيندڙ صفحي جو ٻهريون لفظ (جيڪو قلمي ڪتابن ۾ مضمون ۽ صفحن کي مربوط ۽ مسلسل رکڻ لاءِ لکندا آهن).

● اُمتَ ج اُمتون: [ا_مث] ڪنهن نبيءَ جا پوئلڳ، پيروي ڪندڙ گروهه يا قوم، مخلوقات، خلق.

* [ع:امة]

– اُمتِي: [صفت] پوئلڳ، مُقلِد، پيروي ڪندڙ.

● اِمتِحانُ ج اِمتِحانَ: [ا_مذ] آزمائش، پرک، شاگردن جي پڙهائيءَ جي جاچ پڙتال.

* [ع]

● اِمتِداد: [ا_مذ] مدت وڌائڻ جي حالت.

* [ع]

● اِمتِزاج: [ا_مذ] ملاوت، آميزش، تحليل، طبّ جي اصطلاح ۾ ٻن يا زياده شين جي هڪٻئي سان ملي وڃڻ جي حالت.

* [ع]

● اِمتِلاءَ: [ا_مذ] بدهاضمي جو بار، بدهضمي، جوگير.

* [ع: طبي اصطلاح]

● اِمتِناع: [ا_مذ] روڪ، بندش، اٽڪ، ممانعت.

* [ع]

● امتِنان: [ا_مذ] ٿورو، احسان.

* [ع]

● اِمتِياز: [ا_مذ] فرق، تفاوت، سنڌو، تميز، شعور.

* [ع]

– اِمتِيازي: [صفت] امتياز وارو، نمايان.

● اَمثُ: [صفت] جنهن جو مٽ نه هجي، لاثاني، بيمثال.

* [اَ = نه + مٽ = برابر]

● اَمِٽُ: [صفت] نه ڊهندڙ، غيرفاني، لازوال، پائدار، اٽل، مضبوط.

* [سن: اَ = نه + مرشٽ = صاف ڪرڻ]

● اِمثال: [ا_مذ] پهاڪا، مثال ٽوٽڪا.

* [ع: مثلُ ج امثال]

● آمپائر: [ا_مذ] 'ڪرڪيٽ' راند جو امين، ريفري.

* [انگ: Umpire]

● اِمپائر: [ا_مث] شهنشاهي، بادشاهت.

* [انگ: Empire]

● اِمپورٽ: [ا_مذ] ٻاهران مال جي آمدني، آوت، ٻاهران گهرايل مال.

* [انگ: Import]

● اِمپيريل: [ا_صفت] بادشاهي، اعظم، وڏو شهنشاهي، شاهي.

* [انگ: Imperial]

● اَمجد: [صفت] نهايت سڳورو، وڏو بزرگ، تمام ڀلارو.

* [ع: مُجِيد' جو تفضيل]

● اَمجهو ج اَمجهو: [صفت_مذ] نه سمجهندڙ، بي سمجهه اياڻو.

* [س/ل]

* [ضد: 'سمجهو']

● اِمدادَ ج اِمدادُون: [ا_مث] مدد طور ڏنل رقم، عطيو بخشش، چندو، عنايت، احسان.

* [ع]

–اِمداد ڪرڻ: [اصطلاح] احسان ڪرڻ، عنايت ڪرڻ، بخش ڪرڻ.

● **اميلاڻو:** [اـخاص] تعلقي ڪراچيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **آمينُ ج آمينَ:** [صفت ـ مذ] امانت وارو، ايماندار، حق جو فيصلو ڪندڙ، عادل.

* حضور پاڪ صلي الله عليه وآله وسلم جن جو لقب.

* ثالث، نياڪڙ، ٻنهي جي پڙتال ڪندڙ.

* [ع]

– **آمين وارڻ:** [اصطلاح] فيصلي لاءِ ڪو ماڻهو مقرر ڪرڻ، ٻن ڌرين جي نبيري لاءِ ڪو ٽيون ماڻهو تجويز ڪرڻ.

● **آميناڻي:** [اـخاص] تعلقي دادو ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **آمين اوڪر:** [اـخاص] تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **آمين ٽريڙو:** [اـخاص] تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **اَميو ج اَميا:** [صفت ـ مذ] اڻ ميو، بيشمار، بي انداز، اپار، اَڪيچار.

'مون کي مون پرين جا، اَميا آهين' (شاهه/حسيني).

● **اُميه:** [اـخاص] عرب جي قريش قبيلي جي هڪ فرد جو نالو (جنهن جو اولاد 'بنو اميه' سڏبو آهي).

● **اِن:** [ظرف] انڪاري آواز.

● **اَنُ ج اَنَ:** [اـمذ] اناج، داڻا (ساريون جوئر ٻاجهري ڪڻڪ وغيره جا).

* [سن: ان]

– **اَن هاري:** [صفت] ان تي گذران ڪندڙ.

– **اَن آڇو ڪرڻ:** [اصطلاح] ڪري ۾ پيل ان صاف ڪرڻ، ان واڇڻ.

– **اَن پاڻي:** [اـمذ] داڻو پاڻي، آب داڻو، رزق، چوڻو نصيب.

– **اَن پڙيو ج اَن پڙيا:** [صفت ـ مذ] ان جي پڙيءَ وارو (واپاري)، پڙيءَ تي ويهي اَنُ وڪڻندڙ.

– **اَن جَل:** [اـمذ] داڻو پاڻي، آب داڻو، چوڻو پاڻي، نصيب.

– **اَن جَل هُٽڻ:** [اصطلاح] داڻو پاڻي هٽڻ، چوڻو پاڻي هٽڻ.

– **اَن داتا:** [اـمذ] رزق رسائيندڙ، رازق، مالڪ، راجا.

– **اَن وڃهڻ:** [اصطلاح] پکين کي چوڳي لاءِ ان ڏيڻ، پکين ڦاسائڻ لاءِ جهنگ ۾ ان هاري ڇڏڻ، چوڻو وجهڻ.

– **اَن وسڻ:** [اصطلاح] سُڪار ٿيڻ، خوشحالي ٿيڻ.

● **اِنَ:** [ضمير] هِنَ، اِنهيءَ.

* [س/ل]

● **اِن پرِ:** [ظرف] اِن طرح، اهڙيءَ طرح.

'اِن پرائي آچ، تہ سودو ٿيئي سڦرو' (شاهه/سريراڳ).

● **اُنَ:** [اـمث] ڍنبي يا گهيٽي جا وار، پشم.

* [سن: اورڻ > ارڻ = گهٽو رڍ، ننڍو گهٽو]

● **اُن:** [ضمير] هُنَ.

● **آنا:** [ضمير] آءُ، مان.

* [ع]

● **آناالحَقُ:** [جملو] منصوري نعرو، حضرت منصور الحلاج جو نعرو، صوفياڻو اصطلاح، 'آءُ خود حق آهيان'

● **اَناٿُ ج اَناٿَ:** [صفت] نڌڪو لاوارث، اڌين، يتيم، ڇورو.

* [سن: اَ + ناٿ = مالڪ]

● **اِناث:** [اـمث]ماديون، زالون.

* [ع: انثيٰ ج اِناث]

● **اناپو:** [اـمذ] نيلوفر جو ٻج، ڪنر جو ٻج، ناپو (جيڪو غريب ماڻهو ڏٽ طور اَن ڪري کائين)

* [س/ل]

● **آناجُ:** [اـمذ] هر قسم جو ان، اناج

* [سن: اناديه]

● **آناجيل، انجيل:** [اـخاص] عيسائي مذهب وارن جو پاڪ ڪتاب (جنهن ۾ متي، مرقس، لوقا ۽ يوحنا چارئي ڪتاب سمايل آهن).

* [ع: انجيل ج اِناجيل]

● **آناد:** [صفت] جنهن کي شروعات نہ هجي، ازل، قديم، جهونو.

- **آنت ۾:** [ظرف] پڇاڙيءَ ۾، آخرڪار، آخرين
- **آنت نہ پارِ هُجڻ:** [اصطلاح] تمام گهڻو هجڻ، بيشمار هجڻ
- **آنت وٺڻ:** [اصطلاح] راز معلوم ڪرڻ، ڳجهہ هٿ ڪرڻ.
- **آنت ويلو:** [اـمذ] آخرين وقت، پويون وقت، موت جي گهڙي، پويون دم.

• **آنت:** [صفت] عارضي، فاني، بي بقا.
 * [سن: ا = نہ + نتيہ = دائمي]

• **اِنتِباهُ:** [اـمذ] تنبيهہ، تاڪيد، چِتاءُ، تاڪيدي اطلاع.

• **اِنتِخابُ:** [اـمذ] چونڊ، چونڊي ڪڍڻ جي حالت، اختصار، خلاصو (نثر يا نظر جا چونڊيل حصا).

• **اِنتخابات:** [اـمذ] چونڊون (ووٽن ذريعي).
 * چونڊيل ٽڪرا (نظم يا نثرجا).

• **آنتر:** [ظرف] اندر ۾، وچ ۾.
 * [سن: انتر]

• **آنتر:** [اـمذ] وچ، مفاصلو، وچين جڳهہ.
 * مدو، عرصو.
 * فرق.
 * موقعو، سانگو.
 * نفس، دل، روح.
 * راز.

- **آنتر آتما:** [اـمث] روح، اندروني جذبات، دل، ضمير.
- **آنتر آرامي:** [صفت] پنهنجي اندر ۾ حظ حاصل ڪندڙ، روحاني راحت وارو.
- **آنتر ڌِيان:** [اـمذ] استغراق، محويت، فنافي الله جي حالت، مراقبو، سماڌ.
- **آنتر ڏِسا:** [اـمث] ڪنهن گِرهہ جي اُترَجي مهل.
- **آنتر راشٽريہ:** [اـصفت] بين الاقوامي.
- **آنتر گَتِ:** [اـمث] اندرجو احساس، دل جي حالت، اندرجو خيال
- **آنتر گِيان:** [اـمذ] اندروني ڄاڻ، القاءُ، الهام، ڪشف.
- **آنتربامِي:** [اـصفت] اندر ۾ جيڪي وهي، تنهن جو ڄاڻندڙ، دلين جا راز ڄاڻندڙ.
 * برهما، رازدان.

• **آنتر منتر:** [اـمذ] ٽوڻو ڦيڻو
 * شعبده، افسون، ڪامڻ، سحر.
 * [سن: انتر + منتر]

• **آنتر نامِي:** [اـمذ] وڄت جو هڪ قسم.

• **آنترنگ:** [اـمذ] عزيز، ويجهو مائٽ، گهاٽو دوست.
 * [سن: انتر + انگ = لفظ جو بنيادي پاڳو يا انگ]

• **آنتِرو ج آنتِرا:** [اـمذ] راڳ جو وچيون پاڱو راڳ ۾ 'آستائي' (ٿلهہ) کان پوءِ 'مصرع' جي چوٽي يا ڀار.
 * [سن: انترا]

• **آنتريو:** [اـمذ] بار جي هڪ پاسي لاٽ، اوهي، الار.
 * [س/ٿ]

• **اِنتِسابُ:** [اـمذ] نسبت، لاڳاپو واسطو تعلق.
 * [ع]

• **اِنتِشار:** [اـمذ] اشاعت، ڦهلاءُ، پرچار، ڦوٽ، وڳوڙ.
 * مونجهارو.
 * [ع]

• **اِنتِظارُ ج اِنتِظارَ:** [اـمذ] واٽ نهارڻ جي حالت، اوسيئڙو، فڪر، ڳڻتي، جهوري، اونو
 * [ع: نظر]

• **آنڌيون اچڻ، انڌيون چڙهڻ:** [اصطلاح] اکين تي رءِ چڙهڻ، اکين تي آنڌيون چڙهڻ، اکين اڳيان انڌ اچڻ.

* حوصلا خطا ٿيڻ، بدحواس ٿيڻ.

• **آنڌ ج آنڌ:** [اـ مذ] انڌائي، بي علمي.

* جهالت، بي ساڃاهي.

* وڏائي، هٺ، تڪبر، آڪڙ، مغروري.

* بي حيائي.

* بي پرواهي.

* ظلم، قهر، ڏاڍ.

– **آنڌ تي چڙهڻ:** [اصطلاح] اکيون پوري ڪم ڪرڻ.

* ظلم تي سندرو ٻڌڻ.

– **آنڌ جي گهوڙي تي چڙهڻ:** [اصطلاح] گمراهيءَ جي جنون تي چڙهڻ.

* ڪاوڙ يا جهالت سبب ضد تي چڙهڻ.

* بيپرواهي اختيار ڪرڻ.

* ظلم ڪرڻ، ڏاڍ ڪرڻ، غريبن مار ڪرڻ (ڪنهن حاڪم يا ڏاڍي پاران).

– **آنڌ ڌُنڌ:** [اـ مذ] انڌوڪار، اونداهي.

* انتشار، گڙٻڙ، وڳوڙ.

* بدانتظامي، بي بندوبستي.

* مونجهارو، رولو.

* بي انصافي، ڪُنياءُ.

– **آنڌ ڌُنڌ ۾:** [ظرف] اکيون پوري، جوش ۾، بي ڌڙڪ، بنا سوچ ويچار جي.

– **آنڌ راتڙي:** [اـ مث] اونداهي رات.

– **آنڌُڪار:** [اـ مذ] اوندھ، آنڌارو ڪاري ٻاٽ، ڌُنڌ.

• **آنڌار پونئرو:** [اـ مذ] جبل ۾ جُر يا هٺ سان جوڙيل گُجهي جاءِ.

• **آنڌارو ج آنڌارا:** [اـ مذ] اوندھ، تاريڪي، ڪاراڻ (رات جي).

* [سن: انڌ + ڪار]

• **آنڌاري ج آنڌاريون:** [اـ مث] اوندھ، انڌڪار.

* گهوڙي جو مڪٺهارو.

* نار ۾ وهائڻ وقت اٺ يا ڏاند جي اکين کي ٻڌڻ جي اکياڙي.

* [سن: انڌ + ڪار]

– **آنڌاري ڪوٺي:** [اـ مث] اونداهي ڪوٺي، ڪال ڪوٺڙي (جيڪا وڏين جيلن ۾ قلعيءَ وارن قيدين لاءِ ٺيندي آهي).

– **آنڌاريون اچڻ:** [اصطلاح] متي کي چڪر اچڻ، اکين اڳيان آنڌ اچڻ.

• **آنڌالُ ج آنڌالَ:** [صفت] اکين وڏو، انڌو، نابين.

• **آنڌائي ج آنڌائيون:** [اـ مث] انڌ پڻ، نابينائي، ڪورچشم.

* مستي (نشي جي).

* ڪاوڙ، جوش.

* غلبو (شهوت جو).

* بيپرواهي

* ناداني، بيوقوفي.

* بي حيائي، بي شرمي.

* جهالت، بي علمي.

* گمراهي.

* [سن: انڌتا، انڌتو]

• **آنڌٽ:** [صفت] ڪنهن ماڻهوءَ لاءِ نفرت جو لفظ.

* انڌو، صفا انڌو.

• **آنڌپڻُ:** [اـ مذ] انڌائي، نابينائي.

* جهالت.

* ناداني، گمراهي.

* رڪڙ، پيچ.
* ڏنگو ڦڏو اکر.
* لوهارڪي ڪم جو هڪ اوزار، چمٽو (ڪوري ۾ ٽانڊن سورڻ جو ڪنبو).
* انگ، جانئو ملهه جو هڪ داءُ.
* ڪلوٽڙو، ڪنڌي (مڇي ڦاسائڻ جو اوزار)
* عضوو، لڱ، بدن.
* [سن: اڱگ – 'انگ' جو مخفف]

'ڪڻ ڪاتي، وڃ انگڙا، ادب ڪر مَ ڪو' (شاهه).

**– آنگُڙا وهائڻ:** [اصطلاح] ڏنگا ڦڏا ليڪا ڪڍڻ، بي معنيٰ اکر لکڻ.

**• اِنگڙِ ونگڙِ:** [صفت] ڏنگو ڦڏو، وروڪڙ وارو، ابتو، آڏو ٽيڏو.

* نانگ وَرُ، پيچدار، منجهيل.
* [سن: اڱگ + وڪر = ڦڏو]

**• آنگُڙِي ج آنگُڙِيون:** [ا - مث] ملهه جو هڪ داءُ (جانئو هڪ پير کي مخالف جي ٽنگ اندران موڙڻ).

* اڙي، ڪوڙو ڦڏو انگوڙي، پيچ، وڪڙ.
* [سن: اڱڪ، اِنڪش = انگڙو ڪنبو]

**• آنگڙِياٽُ ج آنگڙِياٽَ:** [ا – مذ] پاڃاريءَ جو هڪ قسم (جيڪا اڪيلي ڏڳي وغيره لاءِ ڪم اچي).

**• آنگڙِيارو ج آنگڙِيارا:** [صفت_ مذ] ور وڪڙ وارو، پيچدار، ڏنگ ونگڙو انگ انگ وارو.

* [سن: انڪ = ور + ڙي + آرو]
* [مث: انگڙِياري ج انگڙِياريون]
* گيا چادر جي ڪترڻ جو هڪ نمونو.

**• آنگستانو آنگشتانو ج آنگستانا، آنگشتانا:** [ا– مذ] پرت پرڻ يا سبڻ وقت آڱرتي چاڙهڻ جي ٽوپي (جيڪا آڱر کي سئيءَ کان بچائڻ لاءِ استعمال ڪندا آهن. خاص طور ڪاج ڪڍڻ وقت ڏسڻي آڱر تي چاڙهيو آهي).

* [ف: (1. انگشت) + دان: (2. انگشتنه)]

**• آنگُشت:** [ا _ مث] آڱر.

* [ف]

**– آنگُشت ڏيڻ:** [اصطلاح] آڱر ڏيڻ.

* هشي ڏيڻ، چيڙڻ.

**– آنگُشترِي ج آنگُشترِيون:** [ا - مث] منڊي.

**– آنگشتِ شهادت:** [ا - مث] اشهد آڱر، ڏسڻي.

**– آنگشت ڪرڻ:** [اصطلاح] آڱر ڪرڻ.

* ڪچ ڪرڻ، چرُ ڪرڻ، چيڙائڻ.

**– آنگشت نر:** [ا - مذ] آڱوٺو.

**– آنگشت نما:** [صفت] مشهور.

* خوار، بدنام، رسوا.

**– آنگشت نمائي ڪرڻ:** [اصطلاح] آڱر کڻڻ، عيب جوئي ڪرڻ، نڪته چيني ڪرڻ، ٺٺولي ڪرڻ.

**• آنگلُ ج آنگلَ:** [ا - مذ] ناز نخرو ماٺو لاڏ، ڪوڏ، چانگرو.

**– آنگلُ آرو ج آنگلَ آرا:** [ا - مذ] ناز نخرو ماٺو لاڏ، ڪوڏ.

**– آنگلِي:** [صفت] انگل ڪندڙ، ناز وارو، نخريلو.

**• اِنگلستان:** [ا. خاص _ مذ] انگريزن جو ملڪ، انگلنڊ.

* [اِينگل + آستان = جاءِ هنڌ، اِينگل ماڻهن جو ملڪ]

**• اِنگلش:** [ا - مث] انگريزي ٻولي.

* [انگ: English]

**• آنگڻُ:** [مص_ فعل متعدي] انگ هڻڻ.

* نشان ڪرڻ، ليڪ ڪڍڻ، قيمت جو انگ هڻڻ (ڪپڙي وغيره تي)
* رنگ ڏيڻ، ڇٽ ڪڍڻ.
* جانور کي کهي کل لاهڻ بعد عضوا عضوا ڪري وڍڻ.
* [سن: انڪ = انگ، نشان، ليڪ، ڇٽ]

'اڄ ٻڻ انگيم انگ، هئان حبيبن جي' (شاهه).

— اڻ ڪٽ: [اـصفت] جيڪو ڪٿي يا شمار ڪري نہ سگهجي، بيشمار، بي انداز، ڳاڻاڻي کان ٻاهر.
* [اڻ = نہ + ڪٿ = ڪٿڻ، شمار ڪرڻ]

— اڻ ڪوٺيو ج اڻ ڪوٺيا: [صفت - مذ] بنا سڏ يا دعوت جي آيل، اڻ سڏيو، بي دعوتو.
* [اڻ = نہ + ڪوٺ = دعوت]
* [مث: اڻ ڪوٺي ج اڻ ڪوٺيون]
'تهنجي سڪ سهڻا سڏرايو آ، متان چئين اڻ ڪوٺيو آيو آ' (استاد بخاري)

— اڻ ڪي: [صفت] اڻ ڪئي، نہ ڪيل.
* [اڻ = نہ + ڪي = ڪيل]
'اڻ ڪي عيان نہ ٿي، ڪي پروڙي ڪونہ' (شاهہ).

— اڻ ڪُٽ: [صفت] نہ ڪٽندڙ، اڪيجار، بيشمار، اڪٽ.
* [اڻ = نہ + ڪٽ = ڪٽندڙ]

— اڻ گُس ج اڻ گُس: [صفت] نہ گُسندڙ، بي خطا، اڻ ٽر.
* دلير، بهادر.
* [اڻ = نہ + گس = گسندڙ]

— اڻ ڳاچ: [صفت] نہ سانڍيندڙ، ڪنهن جو راز وغيره سنڀالي نہ سگهندڙ، هلڪڙي طبيعت وارو.
* بيخيالو، لاپرواهہ، لاغرض.
* [اڻ = نہ + ڳاچ ]

— اڻ ڳاڻو: [صفت] ڳڻڪوت نہ ڪندڙ، ناعاقبت انديش، لاپرواهہ، لاغرض، بيخيالو.
* [اڻ = نہ + ڳاڻو = ڳڻتي ڪندڙ]

— اڻ ڳڻ اڻ ڳڻيو: [صفت-مذ] ڳڻڻ کان ٻاهر، بي انداز، بيشمار.
* [سن: ان = نہ + ڳڻ = ڳڻڻ]

— اڻ گهڙيو ج اڻ گهڙيا: [صفت — مذ] جيڪو گهڙيل يا ٺهيل نہ هجي، بيڊولو.
* اڻ آزمودگار، ناتجربيڪار.
* اڻ سڌريل.
* [اڻ = نہ + گهڙڻ > گهڙيو]
* [مث: اڻ گهڙي ج اڻ گهڙيون]

— اڻ گهڙيو ڪاٺ: [محاورو] اڻ سڌريل، اڻ آزمودگار.

— اڻ لائق: [صفت] ناقابل.
* [اڻ = نہ + لائق = قابل]

— اڻلڀ: [صفت] نہ لڀندڙ، نہ ملڻ جهڙو، ورلي ملندڙ، ناياب، نهايت قيمتي، بي بها، انمول.
* [سن: ان = نہ + لڀيہ = نہ ملڻ جهڙو]

— اڻ لڀائي: [ا - مث] اڻاٺ، قلت.

— اڻ لکو ج اڻ لکا: [صفت — مذ] جيڪو لکي يا محسوس ڪري نہ سگهجي، جنهن جي خبر نہ پوي، بي اثر
* تمام ننڍڙو، ٿورڙو، ذرڙو.
* نامعلوم.
* [سن: ان = نہ + لکشت = نشان ٿيل، ڏٺل]

— اڻ لکيو ج اڻ لکيا: [صفت -مذ] نہ لکيل، لکجڻ کان سواءِ
* [اڻ = نہ + لکيو = لکيل، تحرير ڪيل ]

— اڻ ليکائتو ج اڻ ليکائتا: [صفت_مذ] حساب ڪتاب کان سواءِ ليکي، چوکي کان سواءِ
* [اڻ = نہ + ليکو = حساب ڪتاب]
* [مث: اڻ ليکائتي ج اڻ ليکائتيون]

— اڻ مٽ ج اڻ مٽ: [صفت] بي نظير، بي مثل، لاثاني، لاجواب، بي بها.
* [اڻ = نہ + مٽ = بدل، ثاني]

— اڻميچ: [صفت] بي چيو، چيو نہ مڃيندڙ، نٽر، نافرمان.
* [اڻ = نہ + مڃ = مڃڻ، بجا آڻڻ]

● **اوبڙُ، اوبڻُ:** [مص – فعل متعدي] ڪجي سٽ يا پٽ ڪي سوڌُ يا ٻيڻي ٽيڻي ڪرڻ لاءِ چرخي تي ويڙهڻ. سٽ يا پٽ ڪي اوبري تي ويڙهڻ. سٽ اڪيلي ڦورو ٺاهڻ.

٭ [سن: اوا بن]

'ڪي اوبين عرب ۾، ڪي ڪابل منجهه ڪتين' (شاه/ڪاپائتي).

٭ [مص] اوبڻ

٭ [امر] اوبِ

٭ [مضارع] اوبيان (ج) اوبيون، اوبين (ج) اوبيو، اوبي (ج) اوبين

٭ [زمان حال ٺاهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا گڏبا آهن]

٭ [حال] اوبي ٿو (ج) اوبين ٿا

٭ [حال مث] اوبي ٿي (ج) اوبين ٿيون

٭ [ماضي] اوبيو (ج) اوبيا

٭ [ماضي مث] اوبي (ج) اوبيون

٭ [مستقبل] اوبيندو (ج) اوبيندا

٭ [مستقبل مث] اوبيندي (ج) اوبينديون

٭ [اسم مفعول] اوبيل

– **اوبَ:** [ا – مث] سٽ يا پٽ اوبڻ جي حالت.

٭ [مصدر 'اوبڻ' مان اسم]

– **اوبائي:** [ا – مث] سُٽ يا پٽ اوبائڻ جي اجرت.

٭ [س/ٿ]

– **اوبائڻ:** [مصدر 'اوبڻ' مان متعدي بالواسطہ] اوبري تي سٽ يا پٽ ويڙهائڻ.

٭ [اوبائيو اوبائيندو اوبائيل]

– **اوبَ توبَ:** [ا – مث] ويڙهه سيڙهه.

٭ لوڙ پوڙ، آنڌ مانڌ.

٭ [س/ڪوهر]

– **اوب توبَ لائڻ:** [اصطلاح] ويڙهه سيڙهه ڪري ونڻ. جهٽ ڪري ونڻ.

٭ چالاڪي ڪرڻ.

– **اوبِٽو ج اوبِٽا:** [ا_مذ] سٽ يا پٽ ويڙهڻ جو اوزار. اُوبرو.

– **اوبِٽي ج اوبِٽيون:** [ا – مث] ڪورين جو هڪ اوزار. ننڍو اوبِٽو. چرخي.

'آهير ڪتي اوبٽي، رن وڃائي رنبو' (پهاڪو).

● **اوبِٽي:** [ا . خاص] حب نديءَ جي اورئين پاسي ڪان هڪ جبل جو نالو

● **اوپائجڻ:** [مصدر 'اوپائڻ' مان فعل مجهول] ڦٽڻ (رنگ).

٭ [اوپائيو اوپائيندو اوپائيل]

● **اوپائڻُ:** [مص – فعل متعدي] ٻڌائڻ. لَٽڻ. پورڻ.

٭ [س/ات _ سن: پاشيڻ = پالڻ ڏيڻ]

٭ [مص] اوپائڻ

٭ [امر] اوپاءِ

٭ [مضارع] اوپائيان (ج) اوپائيون، اوپائين (ج) اوپائيو، اوپائي (ج) اوپائين.

٭ [زمان حال ٺاهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا گڏبا آهن]

٭ [حال] اوپائي ٿو (ج) اوپائين ٿا

٭ [حال مث] اوپائي ٿي (ج) اوپائين ٿيون

٭ [ماضي] اوپائيو (ج) اوپائيا

٭ [ماضي مث] اوپائي (ج) اوپائيون

٭ [مستقبل] اوپائيندو (ج) اوپائيندا

٭ [مستقبل مث] اوپائيندي (ج) اوپائينديون

٭ [اسم مفعول] اوپائيل

* [مص] اوپڻ
* [امر] اوپ
* [مضارع] اوپيان (ج) اوپيون، اوپين (ج) اوپيو، اوپي (ج) اوپين
* [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍبا آهن]
* [حال] اوپي ٿو (ج) اوپين ٿا
* [حال مث] اوپي ٿي (ج) اوپين ٿيون
* [ماضي] اوپيو (ج) اوپيا
* [ماضي مث] اوپي (ج) اوپيون
* [مستقبل] اوپيندو (ج) اوپيندا
* [مستقبل مث] اوپيندي (ج) اوپينديون
* [اسم مفعول] اوپيل

● **اوپو:** [اـ مذ] پرائو بار، ٻئي جي ذميداري.
* [س/ل]

● **اوچ ج اوَچ:** [اـ مذ] بلندي، مٿانهين، چوٽي (آسمان جي)، ڪاپار.
* سمت الراس، مٿانهون درجو، مرتبو، عزت، اقبال، شان، ڪمال، عروج، واڌارو، ترقي.
* [ع ـ سن: اوجس = تيج، روشني]
* ٻل، سگهه، همٿ، پرجهلو.

— **اوچ سر:** [اـ مذ] موسيقيءَ ۾ هڪ سُر جو نالو.

— **اوچ شرف:** [اـ مذ] عزت يا شان جي بلندي.

— **اوچ فلڪ:** [اـ مذ] آسمان جي چوٽي، سمت الراس.

— **اوچ کي پهچڻ:** [اصطلاح] ترقيءَ کي پهچڻ، بلنديءَ تي پهچڻ، عروج تي پهچڻ.

● **اوجارڻ:** [مص – فعل متعدي] اجارڻ، صاف ڪرڻ، چمڪائڻ، اجرو ڪرڻ.
* روشن ڪرڻ (نالو).
* [سن: اجّولن = چمڪائڻ]
* [مص] اوجارڻ
* [امر] اوجار
* [مضارع] اوجاريان (ج) اوجاريون، اوجارين (ج) اوجاريو، اوجاري (ج) اوجارين.
* [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍبا آهن]
* [حال] اوجاري ٿو (ج) اوجارين ٿا
* [حال مث] اوجاري ٿي (ج) اوجارين ٿيون
* [ماضي] اوجاريو (ج) اوجاريا
* [ماضي مث] اوجاري (ج) اوجاريون
* [مستقبل] اوجاريندو (ج) اوجاريندا
* [مستقبل مث] اوجاريندي (ج) اوجارينديون
* [اسم مفعول] اوجاريل

— **اوجار:** [اـ مث] اوجر، اجلائي، صفائي، چمڪو.
* [اـ مث] صفائيءَ جو اوزار، ٿانون وغيره جي صفائي واري مُوئي وغيره، صفائيءَ جو ڪپڙو.

— **اوجارائڻ:** [مصدر ' اوجارڻ ' مان متعدي بالواسطه] صفا ڪرائڻ، چمڪارائڻ (هٿيار گهه وغيره).
* [اوجاريو اوجاريندو اوجاريل]

— **اوجارو ج اوجارا:** [اـ مذ] اوجر، صفائي.
* سوجهرو، روشني.

— **اوجاري:** [صفت ـ مث] اجاريندڙ، نيڪي ڪيائيندڙ (وڏن يا خاندان جي)، روشن ڪندڙ (نالو).

● **اوجاڳڻ:** [مص – فعل لازمي] جاڳڻ، ننڊ نه ڪرڻ.
* [سن: جاگرڻ = جاڳڻ]
* [اوجاڳيو، اوجاڳيا، اوجاڳي، اوجاڳيون، اوجاڳيندو، اوجاڳيندا، اوجاڳيندي، اوجاڳينديون، اوجاڳيل]

– **اوڇارَ ج اوڇارُون:** [اـ مث] ڦٽي، التي، ڪڍ.

※ [س/ ل]

– **اوڇارائڻُ:** [مصدر اوڇارڻ مان متعدي بالواسطہ] التي يا ڦٽي ڪرائڻ

※ [اوڇاريو اوڇارEندو اوڇاريل]

– **اوڇارو ج اوڇارا:** [اـ مذ] التي، ڪڍ، ڦٽي، اوڪارو.

• **اوڇاڙَ ج اوڇاڙُون:** [اـ مث] چادر يا ٻيو ڪو ڪپڙو (جيڪو ميت جي مٿان وجهبو آهي)، چاڙهہ.

※ فوتيءَ جي ويجهن عزيزن جو فوتيءَ جي وارث کي چادر وغيره بدران ڏنل عيوض، چاڙ.

※ [س/ل – سن: اڇڇد = پوش، ڍڪ]

• **اوڇاڙو:** [اـ مذ] چادر يا ٻيو ڪو ڪپڙو (جيڪو ميت جي ڪفن مٿان وجهبو آهي).

※ [سن: اڇڇد = پوش، ڍڪ]

• **اوڇا ڪرڻ:** [اصطلاح] ڏينهن پورا ڪرڻ، ٽورا ڪرڻ.

• **اوڇانگ ج اوڇانگ:** [ اـ مذ] اڇانگ، ڇال، ٽپو، ٻل.

• **اوڇاڻي ج اوڇاڻيون:** [اـ مث] اوڇڻ، ڪپڙو، چادر، پوشاڪ، ڍڪ، اوڍڻ.

※ [س/ل – سن: اڇڇد]

• **اوڇائڻُ:** [مص – فعل متعدي] ڍڪائڻ، پهرائڻ، اوڍائڻ.

※ [مص] اوڇائڻ

※ [امر] اوڇاءِ

※ [مضارع] اوڇايان (ج) اوڇايون، اوڇائين (ج) اوڇايو، اوڇائي (ج) اوڇائين.

※ [زمان حال ٺاهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍيا آهن]

※ [حال] اوڇائي ٿو (ج) اوڇائين ٿا

※ [حال مث] اوڇائي ٿي (ج) اوڇائين ٿيون

※ [ماضي] اوڇائيو (ج) اوڇايا

※ [ماضي مث] اوڇائي (ج) اوڇايون

※ [مستقبل] اوڇائيندو (ج) اوڇائيندا

※ [مستقبل مث] اوڇائيندي (ج) اوڇائينديون

※ [اسم مفعول] اوڇائيل.

• **اوڇري:** [اـ مث] تهہ، ڇانڊ (اٽي جو).

• **اوڇڙو ج اوڇڙا:** [اـ مذ] اکين اٿي پوڻ جي حالت، اوبر، گرميءَ سبب اکين جو اوٿار، آشوب چشم.

※ [س/ ٿ]

• **اوڇلو ج اوڇلا:** [صفت_مذ] ڪميڻو، ذليل، سفلو، هلڪڙو، ٽرڙو.

※ بد مزاج.

※ پراڻو، جهونو.

※ خراب، ڪنو، گدلو.

※ [مث: اوڇلي ج اوڇليون]

• **اوڇنگارَ ج اوڇنگارُون:** [اـمث] زور سان روئڻ جي حالت، آڇو آڇ ڪري روئڻ، پار ڪڍي روئڻ جي حالت، اڇنگار.

• **اوڇنگارُون ڏيڻ:** [اصطلاح] زور سان روئڻ، پار ڪڍي روئڻ، روڄ ڪرڻ.

• **اوڇنگارڻُ:** [مص – فعل لازمي] آواز سان روئڻ، ڏاڍيان روئڻ.

※ [اوڇنگاريو، اوڇنگاريا، اوڇنگاري، اوڇنگاريون، اوڇنگاريندو اوڇنگاريندا، اوڇنگاريندي، اوڇنگاريندون، اوڇنگاريل]

• **اوڇڻُ ج اوڇڻَ:** [اـمذ] اوڍڻ جو ڪپڙو، ڪپڙو لٽو، ڍڪ، سمهڻ مهل مٿان وجهڻ جو ڪپڙو.

※ [سن: اوڇد = ڍڪڻ، لڪائڻ]

• **اوڇو ج اوڇا:** [صفت_ مذ] گهٽ ذات وارو، نيچ، خسيس، حقير.

* [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍيا آهن]
* [حال] اورڪي ٿو (ج) اورڪين ٿا
* [حال مث] اورڪي ٿي (ج) اورڪين ٿيون
* [ماضي] اورڪيو (ج) اورڪيا
* [ماضي مث] اورڪي (ج) اورڪيون
* [مستقبل] اورڪيندو (ج) اورڪيندا
* [مستقبل مث] اورڪيندي (ج) اورڪينديون
* [اسم مفعول] اورڪيل

— **اورڪَ:** [اـ مث] سڃاڻپ، واقفيت، پڇاڻ.

— **اورڪاڻ:** [اـ مث] سڃاڻپ، ڄاڻ، واقفيت.
* [س/ٿ]

— **اورڪائڻ:** [مصدر 'اورڪڻ' مان متعدي بالواسطہ] سڃاڻپ ڪرائڻ
* [اورڪيو اورڪيندو اورڪيل]

— **اورڪجڻ:** [مصدر 'اورڪڻ' مان فعل مجهول] سڃاڃجڻ.
* [اورڪيو اورڪبو اورڪيل]

— **اورڪو ج اورڪو:** [صفت] ڪنهن ماڻهوءَ جي پٺتي (ڄاڻ) ڪڍڻ لاءِ ان جي پٺيان لڳي پوندڙ جاسوسيءَ جي ارادي سان گهمندڙ.
* [س/ٿ]

• **اورَڳُ ج اورَڳَ:** [اـ مذ] رهاڻ، وندر لاءِ ڳالهه ٻولهه.
* پيار، دل جو قرب، پيوند، سينڌ.
* مشغولي، گذارو.

'آريائي اورڳ، پنهوران ڀرَ ٿي' (شاهه).

• **اورڳڻ:** [مص ـــ فعل متعدي] اورڪڻ، اوڙڪڻ، سڃاڻڻ، ڄاڃي ڏسڻ، ڳولڻ، اورانگهڻ.
* [س/ل]

'ڪاڪ وٽن سان، اوڻين گهٽو اورڳي' (شاهه ڪريم).

* [مص] اورڳڻ
* [امر] اورڳِ
* [مضارع] اورڳيان (ج) اورڳيون، اورڳين (ج) اورڳيو، اورڳي (ج) اورڳين.
* [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍيا آهن]
* [حال] اورڳي ٿو (ج) اورڳين ٿا
* [حال مث] اورڳي ٿي (ج) اورڳين ٿيون
* [ماضي] اورڳيو (ج) اورڳيا
* [ماضي مث] اورڳي (ج) اورڳيون
* [مستقبل] اورڳيندو (ج) اورڳيندا
* [مستقبل مث] اورڳيندي (ج) اورڳينديون
* [اسم مفعول] اورڳيل

• **اورَ گهورَ اوري گهوري:** [ظرف] قربان، صدقي، گهوري.

— **اور گهور ٿيڻ:** [اصطلاح] قربان ٿيڻ، صدقي وڃڻ، گهور وڃڻ، اولَ گهولَ ٿيڻ.

• **اورل:** [اـ مث] زباني (امتحان).
* [انگ: Oral]

• **اورل:** [صفت] جنهن جي وچ ۾ وٿي نہ هجي، گهاٽو، ڳتيل
* مسلسل، لاڳيتو.

• **اورمُو ج اورما:** [اـ مذ] بخيي (ٽانڪي/ٽوپي) جو هڪ قسم، مولهه وراڻڻ، اوٽي، بهي، ڪپڙي جي وٽ تي سيببو، اولمو.
* [هند: (اورما) ـ سن: (اورمي)]

• **اُورَنِ:** [اـ مث] اوڻائي، گهٽتائي، ڪمي.
* [صفت] گهٽ، اوڻي، خالي.
* [سن: اون = اوڻو گهٽ]

• **اوڙيھر:** [اـ مث] سنھي يا ٿوري برسات (جنھن جو پاڻي فقط اوڙن کي پري).
※ [س/ ٿ]

• **اوز:** [اـ مث] زور، تيزي، جلدي.
※ [س/لس]
※ [اوج > اوز]
'جان آيو ڪامل ڪاڪ جي منجھان اوز اچل.'

• **اوزارُ ج اوزارَ:** [اـمذ] ڪنھن بہ ڪاسبيءَ جي ڪم ڪرڻ جو آلو ھنري ھٿيار، آلو ھٿيار، جنگي ھٿيار.
※ [ع: وزر ج اوزار]

– **اوزار پرڻ:** [اصطلاح] ڪورين جي اصطلاح ۾ تاڃيءَ جي تندن ۾ سٽ جا ڪڙا وجھڻ.
※ [س/ ات]

• **اوزان:** [اـ مذ] وزن، وٽ، ماپا.
※ شعر جا بحر.
※ [ع: وزن ج اوزان]

• **اوزبڪ:** [اـ خاص] تاتاري قبيلي جو نالو (ازبڪ).
※ [تر]
※ [صفت] بھادر، پھلوان.

• **اوزبڪيون ڪرڻ:** [اصطلاح] مغروريءَ سان ڳالھائڻ.
※ ڏاڙون ھڻڻ.

• **آوسُ:** [اـ مث] مينھن ۾ نہ ٿمندڙ ڇت.
※ [س/ ٿ]
※ [سن: اورش]

• **اوسَ:** [ظرف] ضرور، پڪ، يقيناً.
※ لاچار، نيٺ.
※ بيوسيءَ جي حالت ۾، ڪنھن بہ صورت ۾، ھر حالت ۾.
※ ھرويرو، خواھ مخواھ.

• **اوس:** [اـصفت] بيوس، لاچار، مجبور، بيواھو، ويچارو.
※ [سن: اوش]

• **اوسَ:** [اـ مث] ماڪ، پاٽ، ڏنڊ، لڙاٽ (آسمان جو).
※ اسات.
※ گرمي، تئو، سيڪ.
※ [س/ ٿ]
※ [سن: اوشيا]

– **اوسَ چڙھڻ:** [اصطلاح] گرمي چڙھڻ (بدن تي).
※ [س/ ٿ]

• **اوسُ ج اوسَ:** [ا-مذ] گرمي، تابش، سيڪ، تونس، اسات.
※ [سن: اوش]
※ ڪاوڙ، غصو.
※ [سن: اوجس]
※ تجلو، چمڪو.
※ [س/لس]
※ چوپائي جي ٿڻن جو مٿيون حصو (اوھ).
※ [س/ ڏات: اوس < سن: اڌس]
※ اوھ.
※ [س/ٿ]

• **اوسا ج اوسائون:** [ا-مث] ڪڏو، ڪامو.
※ [س/ل]
※ فال.
※ [س/ڪ]

• **اوسات:** [ا-مث] اڃ، تاس، اسات.
※ پيٽ جي ضرورت (پوک کي).

– **اوسات ڪرڻ:** [اصطلاح] تپش ڪرڻ.
※ گرميءَ سبب ٻنيءَ ۾ سوڪھڙو اچڻ.
※ ڪير ڏيندڙ چوپائيءَ جو گرميءَ سبب کير گھٽائي وڃڻ.

* پوک مان پکين کي ديڄاري ڀڄائڻ لاءِ ٽنگيل پکي، اوڙو، ڏيکاڻو گـڏو
* ڏک، غم، تڪليف.
* [س/م/ات]
* اونو، الڪو، خيال، ڳڻتي.
* [س/ات]
* خوف، ڊپ.
* [س/ل]
* برف جو ڳنڍيل ڳڙو.
* [سن: اپل]
* ڪنڊ جو گولو.
* ريجائين زمين ۾ هيٺاهين ڪنڊ.
* [س/ات]

— **اولا اڏڻ:** [اصطلاح] پٺيون پڌڻ، ويريون وجهڻ.
* پکا اڏڻ، پونگا ناهڻ.

— **اولا لاهڻ:** [اصطلاح] غم لاهڻ، ڏک ٽارڻ، سڪون حاصل ڪرڻ، ڳڻتيون لاهڻ.

— **اولاٽو ج اولاٽا:** [صفت - مذ] پاسيرو، ڳجهو، لڪ ۾.
* اجهي هيٺ، ڍڪ وارو.
* [س/ات]
* [مث: اولاٽي، ج اولاٽيون]

— **اولو رکڻ:** [اصطلاح] اوٽ ڪرڻ، اٽڪل ڪرڻ، بچاءُ رکڻ.
* [س/ات]

— **اولو ڪرڻ:** [اصطلاح] اوٽ ڏيڻ، اجهو ڪرڻ.
* سبب بڻائڻ.
* [س/ات]

— **اولي پوڻ:** [اصطلاح] ويجهو پوڻ، پرسان اچڻ.
* [س/ات]

● **اولو ج اولا:** [صفت_مذ] اوکو، ڏکيو، اهنجو، اٿاٺو، مشڪل، ڪٺن.
* ابتو (ڪم).
* خراب (رستو).
* [ سن: 1. او = خراب + ول = ورڻ، ڀرڻ _ 2. ارال = ڏنگو]
* [ ضد: 'سولو']
* [مث: اولي ج اوليون]

— **اولائي:** [اـمث] ڏکيائي، اهنجائي، اوکائي، ڏنگائي.

— **اولا پوڙ وجهڻ:** [اصطلاح] ڏکيا شرط وجهي ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪرڻ.
* [س/ات]

— **اولا پيير ڪڻڻ:** [اصطلاح] اڏنگا پير ڪڻڻ، خراب روش هلڻ، خراب هلت هلڻ.

— **اولو سولو:** [صفت - مذ] ڏکيو سکيو
* ابتو سبتو
* [مث: اولي سولي]

— **اولو سولو ڏک لڳڻ:** [اصطلاح] بيخبريءَ ۾ يا اوچتو نازڪ هنڌ تي ڏک لڳڻ.

● **اولو الابصار:** [صفت] اکين وارا، بصيرت وارا، عقل ۽ سمجهه جا صاحب.
* [ع]

● **اولوالالباب:** [صفت] دلين جا صاحب، اهلِ دل.
* [ع]

● **اولوالامر:** [صفت] حڪم جا صاحب، حاڪم، بااختيار ماڻهو.
* [ع]

● **آويس:** [اِـ خاص] هڪ وليءَ جو نالو ' اويس قرني' (جيڪو يمن جي قرن قبيلي مان هو ۽ اڻ ڏٺي حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن تي ايمان آندو هئائين).

* سنڌ ۾ بہ مانجهند کان اولهہ جبل ۾ ساڳئي نالي واري بزرگ جي مزار آهي.

* [ع: اويسُ = بگهڙ]

● **آويسِي:** [صفت] ' اويس قرني' جي طريقي تي هلندڙ صوفي (جنهن ظاهري مرشد وٺڻ کان سواءِ ٺي هدايت جي راهہ ورتي هجي يا غائبانہ هدايت حاصل ڪئي هجي).

'آجهي منجهان آءٌ, اويسي ٿي آءٌ تون'(شاهہ).

(مخدوم معين ٺٽويءَ کي پٽ ڏٺيءَ خط لکي اويسي فرقي بابت پڇا ڪئي هئي, جنهن جي جواب ۾ مخدوم صاحب 'رسالہ اويسيہ' لکيو هو).

● **آويسارُ:** [صفت] نہ وسرندڙ, هميشہ ياد رهندڙ.

* [آ = نہ + وسرڻ > ويسار]

' بازي بازندن کي, آهي اوسار'(شاهہ)

* هوشيار, خبردار.

● **آويساهُہ:** [اِـ مذ] بي اعتباري, غير يقيني.

* [آ + ويساهہ]

● **آويسَر:** [اِـ مث] سامونڊي مڇيءَ جو هڪ قسم.

● **آويسلو ج آويسلا:** [صفت ـ مذ] نہ وساريندڙ, هوشيار, خبردار, ياد رکندڙ.

* [آ = نہ + ويسلو < ويسرو = ويسرو وارو]

* [مث: آويسلي ج آويسليون]

– **آويسلائِي:** [اِـ مث] نہ وسارڻ جي حالت, بيخبري.

● **آوي سوي:** [صفت] ايندڙ ويندڙ, مسافر مڙو, پنهنجو پرايو.

* [س/ل]

● **آويل:** [اِـمث] اويل, دير.

* [سن: ا + ويلا]

– **آويلائِي:** [اِـ مث] ڪُمهلائي, تاخير, دير.

– **آويل سويل:** [ظرف] اڳي پوءِ, ديرسان يا وقت کان اڳي.

– **آويلو ج آويلا:** [ظرف] ديرسان, ڪمهلو, بي وقتو.

'ڪين اويلو مسافر وڃ رهي پئہ راتڙي' (مقصود گل)

● **آويلُ ج آويل:** [اِـ مذ] آڙاهہ, ڀاهہ, چِيِي.

● **اويو ج اويا:** [اِـمذ] عيش عشرت جي جاءِ, آرام گاهہ, گهر, پناهہ.

* [پرا: (اوب) — سن: (اوڪس)]

* عضوو, انگ.

* پاڱو, حصو.

* نشان.

* [سن: اويوہ]

● **اِها:** [ضمير] هيءَ, ساڳي.

– **اِهائي:** [ضمير غائب واحد] بنهہ اها ساڳي.

● **اُها:** [ضمير غائب راحد] هوءَ

– **اُهائي:** [ضمير غائب واحد] هوءَ ساڳي.

● **اُها:** [اِـمث] ڍورن جي پاڻي پيئڻ لاءِ کوهہ وٽ مٽيءَ مان ٺهيل ڪچو حوض, آواڙو.

* [س/ٿ]

● **اُهار:** [اِـ مذ] کاڌو, خوراڪ, کاڄُ, قوت, گِسَنڌڻ.

* [سن: اهار = کاڌو]

● **اُهار:** [اِـ مث] بارجي هڪ پاسي ليٽ, اوهر.

● **اهارڻُ:** [مص — فعل متعدي] مال ٻهرائڻ.

* [س/ل]

* پاڻي هارڻ, پاڻي وهائڻ.

* [س/لس]

— **اهل باطِن:** [اـمذ] باطن جا صاحب، اندر جا اسرار ڄاڻندڙ.

* قرآن شريف جي آيتن جي اندروني معنيٰ ڪيندڙ.

— **اهل بهشت:** [اـ مذ] بهشت جا ماڻهو، بهشتي.

* [ع:(اهل) ـ ف:(بهشت)]

— **اهل بيت:** [اـ مذ] گهر جا ڀاتي.

* حضور پاڪ جن جي خاندان جا ماڻهو، سادات، سيد.

— **اهل تصوفُ:** [اـمذ] صوفي طريقي جا پيروڪار، صوفي.

— **اهل جماعت:** [اـمذ] هڪ مسجد ۾ جماعت سان نماز پڙهندڙ.

* ساڳئي فڪر يا مسلڪ وارا.

* هڪ جماعت يا قوم جا ماڻهو.

— **اهل جنت:** [اـ مذ] جنتي ماڻهو، بهشتي ماڻهو.

— **اهل جهنم:** [اـ مذ] دوزخي ماڻهو.

— **اهل حديث:** [اـ مذ] حديث تي هلندڙ، مسلمانن جو فرقو (جيڪو حديث کي قرآن شريف سان لازم سمجهي ٿو).

— **اهل حرم:** [اـمذ] حرم سراءِ جا ماڻهو، مستورات.

* ساڳئي گهر ۾ رهندڙ گهرڀاتي.

— **اهل حِڪمت:** [اـ مذ] حڪيم، فيلسوف، ڏاها.

— **اهل خانہ:** [اـ مذ] گهر وارا، گهر ڌياڻي.

* [ع:(اهل) + ف: (خانہ)]

— **اهل خِردُ:** [اـ مذ] خردمند، دانشمند، ڏاها.

* [ع:(اهل) + ف:(خرد)]

— **اهل دِل:** [اـ مذ] دل وارا، صاف دل وارا، خدا وارا، سخي.

* [ع:(اهل) + ف:(دل)]

— **اهل دنيا:** [اـ مذ] دنيا وارا، دولتمند.

— **اهل دولت:** [اـمذ] حڪومت جا ماڻهو يا ڪارپرداز، دولت وارا، شاهوڪار.

— **اهل دِين:** [اـ مذ] دين وارا، ديندار، نيڪ.

— **اهل ذوق:** [اـ مذ] ذوق جا صاحب، ذوق جا صاحب.

— **اهل روزگار:** [اـ مذ] زماني جا ماڻهو، تجربيڪار.

* [ع: (اهل) + ف:(روزگار)]

— **اهل زبان:** [اـ مذ] ٻوليءَ جا ماهر، زبان دان.

* [ع:(اهل) + ف:(زبان)]

— **اهل زَمان:** [اـ مذ] زماني وارا، زماني ساز، جِهان ديده.

— **اهل زَمين:** [اـ مذ] زمين جا رهاڪو، مخلوقات.

* [ع: (اهل) + ف: (زمين)]

— **اهل سُخن:** [اـ مذ] سخن جا ڄاڻو، شاعر.

* [ع: (اهل) + ف:(سخن)]

— **اهل سنڌ:** [اـ مذ] سنڌ وارا، سنڌ جا رهاڪو، سنڌي.

— **اهل شَرع:** [اـ مذ] شرع جا صاحب، قانوندان.

— **اهل شَريعت:** [اـمذ] شريعت جا پيروڪار، شريعت وارا، شريعت جا صاحب.

— **اهل صَنعت:** [اـمذ] هنر وارا، ڪاريگر، فن جا صاحب.

— **اهل طَريقت:** [اـمذ] طريقت جا صاحب، صوفي طريقي وارا.

— **اهل ظاهِر:** [اـمذ] ظاهر تي هلندڙ، اکري معنيٰ کي ڇهندڙ، مادہ پرست.

— **اهل عِلم:** [اـ مذ] علم وارا، عالم، ودياوان.

— **اهل غَرض:** [اـ مذ] خود غرض ماڻهو، مطلبي.

— **اهل فَن:** [اـ مذ] فن وارا، فن جا صاحب، فنڪار.

— **اهل قبُور:** [اـ مذ] قبرن وارا، مئل، مماتيءَ وارا.

– **اهل قَلم:** [اـمذ] قلم وارا، لکندڙ، اِنشاءِ پرداز، قلم ڌڻي، اديب، مصنف.

٭ منشي، محرر.

– **اهلڪار:** [اـ مذ] ڪم وارا، ڪاروبار هلائيندڙ، ڌنڌي وارا، ڪم ڪارجا لائق.

٭ [ع:(اهل) + ف:(ڪار)]

– **اهل ڪِتابُ:** [اـمذ] الاهي ڪتابن کي مڃيندڙ، غيرمسلمان (عيسائي، يهودي وغيره).

– **اهل ڪَرم:** [اـمذ] ڪرم جا صاحب، رحم وارا، سخي.

– **اهل ڪَلام:** [اـمذ] ڪلام جا صاحب، فصيح ۽ بليغ ماڻهو.

– **اهل ڪمال:** [اـمذ] ڪماليت جا صاحب، ڪامل، پهتل.

– **اهل مجلس:** [اـمذ] مجلس وارا، مجلس ۾ شريڪ ماڻهو.

– **اهل معرفت:** [اـمذ] علم معرفت جا صاحب، خدا شناس، آتم گياني.

– **اهل منصب:** [اـ مذ] وزير مشير، عهديدار.

– **آهلِ نَظَر:** [اـ مذ] ڏسندڙ، نقاد، متڪلمين، فيلسوف، دورانديش.

٭ عاشق مزاج.

– **اهل و عَيالُ:** [اـ مذ] زال ۽ ٻار، ٻار ٻچا.

– **اهلِ هُنر:** [اـ مذ] هنرمند، هنرجا صاحب.

٭ [ع ـ اهل + ف ـ هنر]

– **اهليت:** [اـ مث] قابليت، لياقت، لائقي.

٭ [ع]

– **اهليہ:** [اـ مث] گهرواري، زال.

٭ [ع]

– **آهلڻُ:** [مص – فعل لازمي] هڪ پاسي لاڙو ڪرڻ، الار ٿيڻ (گاڏي).

٭ اهنور ڪرڻ (ٻار).

٭ ليٽڻ، آرام لاءِ ٽيڪ ڏيڻ، سمهڻ، لڙڻ، جهڪڻ، ليٽي پوڻ (آرام جي خيال کان).

٭ مائل ٿيڻ.

٭ [سن: اورج = لاڙو ڪرڻ، نمڻ]

٭ [اهليو اهليا، اهلي، اهليون، اهلندو اهلندا، اهلندي، اهلنديون، اهليل]

– **آهلَ ڄ آهلُون:** [اـمث] ليٽ، لاڙو اهنور، توري واڌ، اٿل.

٭ نيڪ.

٭ خوشامد.

٭ [س/ ات]

– **آهلجڻُ:** [مصدر 'اهلڻ' مان فعل مجهول] ليٽجڻ، پاسيرو ٿيڻ، پاسي پر ٿيڻ.

٭ [اهليو اهلبو اهليل]

– **آهل ڏيڻ، آهل رَکڻ:** [اصطلاح] چور يا پاٽاريدار جو چوري ٿيل مال بابت ڪنهن طرف اشارو ڪرڻ.

– **اُهر:** [اـمث] گرميءَ جي گهٽ، مونجهه، اوگهر، اُڪرس.

● **آهر:** [اـمذ] هرج، نقصان، ڇيهو.

٭ عيب، گهٽتائي، ستم.

٭ [سن: اهتر = نقصان]

● **اهم:** [اـصفت] وڌيڪ اهميت وارو بلڪل ضروري، خاص ڳرو ڀاري، مشڪل (ڪم).

٭ [ع: 'هام' جو تفضيل]

– **اهميت:** [اـ مث] ضرورت، خصوصيت، قدر.

● **ايلاڄ ج ايلاڄ:** [اِـ مذ] علاج، دوا.
※ [ع: علاج]

– **ايلاڄي:** [صفت] علاجي، بيمار.
'عاشق آهي ايلاجي، ٻاٽي ٻُجهيءَ ڳل ڳاري' (سچل).

● **آيلاچو ج آيلاچا:** [اِـمذ] هڪ قسم جو ريشمي پٽا پٽي ڪپڙو (جنهن ۾ ايلائچين جهڙا ڳل ٻوٽا هجن).

● **آيلاچي ج آيلاچيون:** [اِـمث] گرم مصالحي جو هڪ قسم، ننڍو ڦوٽو، اِلاچي.
※ ٻانگر مڇ جو هڪ قسم (منهن سنهون، وچ ٿلهو ۽ پڇ سنهون، ڊيگهه اڌ فوٽ کان هڪ فوٽ تائين).
※ [سن: ايليڪا]

● **ايلاري:** [اِـ مذ] ايلاري ڳوٺ (آکها) جو ماڻهو.

● **ايلاري پيلاري:** [صفت] لُلو پنجو، خسيس (ماڻهو).

● **ايلاري نہ پيلاري:** [محاورو] ڪنهن بہ ڳاڻيٽي ۾ نہ، ليکي ۾ نہ.

● **ايلاز:** [اِـ مذ] منٿون، حيلا.
※ [علاج> ايلاج> ايلاز]
'هٿ پير پرين ءَ جا چميس آهو اپا ايلاز ڪن' (رمضان ڪنڀر).

● **ايلاهہ ج ايلاهون:** [اِـمث] دانهن، رڙ، ڪوڪ، آزي، منٿ.
※ [اي+الله]

● **ايلاهون ڪرڻ:** [اصطلاح] درد مان دانهون ڪرڻ، جند ڇڏائڻ لاءِ عرض ڪرڻ.

● **ايلپاڪو:** [اِـ مذ] هڪ قسم جو ريشمي ڪپڙو (جيڪو الپاڪو جانور جي ڪل يا اُن مان ناهيندا آهن).

● **ايل پنهوار اِيل پنهوارُ:** [اِـمذ] ٻڪرار، ريڍار، جهنگلي، وحشي، اڻ سڌريل.
※ [سن: ايڊ = رڍ + پشو = ٻڪري + وال = وارو]

● **ايلچي ج ايلچي:** [صفت] سفير، وڪيل، قاصد.

● **ايلسي:** [اِـ مث] تيلي ٻج جو هڪ قسم، اِلسي.

● **اِيلغارَ ج اِيلغارون:** [اِـمث] حملو، هلان، چڙهائي، ڪاهہ، يلغار.
※ [تر]

● **ايلياس:** [اِـخاص] الياس (نالو)، هڪ مشهور پيغمبر جو نالو (حضرت الياس عليہ السلام).
※ [ع: اِلياس]

● **ايم اي:** [اِـ مذ] يونيورسٽيءَ جي ڊگري، ماسٽر آف آرٽس (Post Graduate) [M.A.]

● **اِيما:** [اِـ مذ] اکين جو اشارو، غمزو، حڪم.
※ [ع: اِيماء]

● **اِيمانُ ج اِيمانَ:** [اِـمذ] دل جو يقين، اعتقاد، عقيدو، اعتبار، ڀروسو، ويساهہ، پت.
※ [ع]

– **اِيمان آڻڻ:** [اصطلاح] اعتبار ڪرڻ، اعتقاد رکڻ، قبول ڪرڻ، مڃڻ.

– **اِيمان ٻوڙڻ:** [اصطلاح] پت وڃائڻ، بي ايمان ٿيڻ، ضمير وڪڻڻ، ڪوڙ هڻڻ.

– **اِيماندارُ ج اِيماندارَ:** [صفت] ويساهہ رکندڙ، ايمان وارو.
※ سچار، امانتدار، امين، سپتيو، ديندار، منصف.
※ [ع: ايمان + ف. دار< داشتن = رکڻ]

– **اِيمانداري:** [اِـمث] سچائي، سپت، امانتداري، دينداري.

– **اِيمان فروشُ:** [صفت] ايمان وڪڻندڙ، بي ايمان، خيانتي، ڪپتيو.
※ [ع: اِيمان + فروش> فروختن = وڪڻڻ]

– **اِيمان لوڙهڻ:** [اصطلاح] ايمان ٻوڙڻ، بي ايمان ٿيڻ، بي همت ٿيڻ.

– **اِيمان وڃڻ:** [اصطلاح] بي ايمان ٿيڻ، ويساهہ نہ ڪرڻ.

– **اِيمان وڪڻڻ:** [اصطلاح] لالچ خاطر ڪو ناجائز ڪم ڪرڻ، حق کي ڇڏي ڪوڙ جي حمايت ڪرڻ، ڪپت ڪرڻ.

– **اِيماني ج اِيماني:** [صفت] ايمان وارو، ايماندار، سورهيہ، دلير.

● **آيمتُ ج آيمتَ:** [صفت] ٿلهو متارو.
※ [س/ل]

● **آيمنُ:** [صفت] امن وارو، محفوظ، سوگهو، خوش.
※ ڪليان ٺاٺ جي هڪ راڳڻي جو نالو.
※ [ع]

# Mufasil Sindhi Lughat

Volume 1 (الف)

Patron- in - Chief

**Sarfraz Rajar**

Chief Editor

**Dr. Fahmida Hussain**

Sindhi Language Authority, Sindh
Hyderabad- 2015

ISBN: 978-969-625-014-2

Rs. 800/-